صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم

# سیدالکونین

مرتب

سکندر علي چنہ

Marfat.com

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

For:

**Prof. Muhammad Iqbal Mujaddadi**
Ex-Chairman, Department of History,
Government Islamia College,
Civil Lines, Lahore.

From: Sikander
SIKANDER ALI CHANNA
Vice Principal (Academics)
Cadet College Larkana
15-4-2014

[illegible]

Marfat.com

صلي الله عليه وسلم

# سيّد الڪونين

تدوين ۽ ترتيب

سڪندر علي چنه

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

Marfat.com

وَ اَحسَنَ منکَ لَمْ تَرَقَطُّ عَينِي
وَاَجمَلَ منکَ لَمْ تَلِدِ النساءُ
خُلِقتَ مُبَرَّاءً مِن كُلِّ عَيبٍ
كَاَنَّکَ قَد خُلِقتَ كَمَا تَشَاءُ

(حَسّان رضہ بن ثابت)

(اي رسول صہ) ۽ منهنجي اکين اوهان کان وڌيک ڀيو کو ٻہ حسين نہ ڏٺو، ۽ نہ ئي کنهن عورت اوهان کان وڌيک کو سهڻو ٻارڄڻيو آهي، (اي محبوب صہ) اوهانکي هر عيب کان پاڪ ڪري پيدا ڪيو ويو آهي، ڄڻ تہ اوهانکي ايئن پيدا ڪيو ويو آهي، جيئن اوهان پاڻ چاهيو.

Marfat.com

# فهرست


| مضمون | ليکڪ | صفحو |
| --- | --- | --- |
| * حضور صہ بحيثيت سپهہ سالار اعظم | - آصف علي ڀٽي | 151 |
| * انساني حقوق ۽ تعليمات نبوي | - حافظ عبدالوهاب مگريو | 160 |
| * حضور صہ جن جا سهڻا ادب ۽ اخلاق | - اولاد علي ڀيلار | 170 |
| * آنحضرت صہ جن بحيثيت هڪ معلم | - ڪيڊٽ سيد جعفر شاهہ | 174 |
| * حضور صہ بحيثيت سربراهہ قوم | - شفيق احمد رند | 181 |
| * حضور اڪرم جن جي ٻارن سان محبت ۽ شفقت | - ڪيڊٽ زوهيب اختر ڀٽو | 185 |
| * حضور اڪرم صہ جو تحمل ۽ برداشت | - ثناء الله جکڙ | 188 |
| * رسول اڪرم صہ هڪ مثالي شخصيت | - قطب علي رند | 192 |
| * ختم نبوت جو عقيدو | - ڪيڊٽ غلام مرتضيٰ شيخ | 197 |


Marfat.com

# حديثِ دل

شاگردن جي همہ جهتي شخصيت سازيءَ لاءِ اسانجي ڪاليج جا محترم پرنسپل سائين محمد يوسف شيخ صاحب جن همہ وقت مصروف رهندا آهن ۽ شاگردن جي مخفي صلاحيتن ڪي اياڻ ۽ انهن کي سنوارڻ لاءِ مختلف موقعا فراهم ڪندا رهندا آهن. سائين محمد يوسف شيخ صاحب جن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن بيت جا مصداق آهن:

جيئن جيئن پڇي رات، تيئن تيئن تاڻي پنڌ ۾
پوريءَ ٻي نہ تـــات، جيڪا سا جتن جي.

برنارڊ شا، شيڪسپيئر سان پنهنجي ڀيٽ ڪندي چيو هو:

*"He was a much taller man than me,*
*but I stand on his shoulders".*

"هو مون کان وڌيڪ طويل انسان هو، پر آءٌ سندس ڪلهن تي بيٺو آهيان."

بلڪل اهڙيءَ طرح مان جيڪڏهن اهو چوان تہ غلط نہ ٿيندو تہ ڪالج جي شاگردن ۽ استادن جي صلاحيتن ڪي اياڻ ۽ ادبي ترقي ۽ ترويج لاءِ جيڪڏهن سائين محمد يوسف شيخ صاحب جن پنهنجا "Shoulders" مهيا نہ ڪن ۽ مختلف موقعن ۽ پروگرامن ۾ پنهنجي پيشہ ورانہ مهارت سان اسان جي رهنمائي ۽ اصلاح نہ ڪن تہ هوند پابندي سان جيترو تحرير ۽ تصنيف جو ڪم ڪيڏن ڪاليج

Marfat.com

لاڙڪاڻي ۾ نون سالن جي عرصي ۾ ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي، اهو نہ ٿي سگهي ها.

ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن کي سيرت رسول سان شناسائيءَ لاءِ سيرت تي هي ڪتاب "سيد الڪونين" سائين محمد يوسف شيخ صاحب جن جي "Shoulders" جي فراهمي ۽ سندن حب رسول جو مظهر آهي. آءُ سائين محمد يوسف شيخ صاحب جن جو تهہ دل سان شڪر گذار آهيان جن هن ڪتاب لاءِ اسان جي همت افزائي ڪئي ۽ ڪتاب جي ترتيب ۽ تدوين ۾ اسان جي رهنمائي ڪئي ۽ اشاعت لاءِ مالي مدد فراهمي ڪئي.

سڪندر علي چنہ
اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

Marfat.com

# پيش لفظ

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن لاءِ سورت الم نشرح جي آيت نمبر چار ۾ فرمايو آهي تہ: "وَرَفَعنَا لَکَ ذِکرکَ" "۽ اسان تنهنجي واسطي تنهنجي ذڪر کي بلند ڪري ڇڏيو." حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما جي روايت مطابق ان بشارت مان مراد آهي تہ آذان ۾، تڪبير ۾، تشهد ۾، منبرن تي ۽ خطبن ۾، درود ۾ سلام ۾، هر جاءِ تي ۽ هر وقت حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو پاڪ ذڪر ٿيندو رهندو. پر ٻئو وجي تہ ان بشارت ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت طيبہ تي تصنيف ۽ تاليف جي جاري رهندڙ سلسلي جي پڻ اڳڪٿي آهي.

دنيا جي ڪابہ زنده ۽ علمي زبان ڪانہ آهي جنهن ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت تي ننڍا وڏا ڪتاب نہ لکيا ويا هجن. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ۱۹۲۳ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر D.S. Margoliouth حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت تي Muhammad and the Rise of Islam نالي ڪتاب لکيو تہ ان جي مهاڳ ۾ لکيائين:

"The biographers of the Prophet Muhammad form a long series which it is impossible to end, but in which it would be honourable to find a place".

"حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت تي لکندڙن جو هڪ طويل سلسلو آهي جنهن کي ختم ڪرڻ ممڪن ني ڪونهي پر ان سلسلي ۾ جاءِ والارڻ باعث عزت ۽ شرف آهي."

Marfat.com

توهان جي هٿن ۾ سيرت طيبه تي هيءُ ڪتاب "سَيِدَ الڪَونَين" بہ مارگولائث جي لفظن ۾ انهي نَبي مقدس ۽ سونهري سلسلي ۾ جاءِ والارڻ جي آس ۽ اميد جو مظهر آهي.

سنڌ جي هڪ عالم ابو معشر سنڌيءَ ٻي صدي هجريءَ ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت تي "ڪتاب المغازي" لکيو جيڪو سيرت جو اولين ۽ اهم ماخذ آهي- ان سان گڏوگڏ هڪ روايت مطابق ديبل جي هڪ عالم ابوجعفر ديبليءَ سڀ کان پهرين حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مڪاتيب يعني خطن تي تحقيق ڪئي.

پر افسوس تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سيرت تي تمام گهٽ ڪتاب لکيا ويا آهن. سنڌي ٻولي جنهن کي اهو شرف بہ حاصل آهي تہ ان ۾ سڀ کان پهرين حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سن وار سيرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح "بذل القوة في حوادث سني النبوة" جي نالي سان لکيو هو، ان ۾ سيرت تي ڪتابن جي اڻاٺ آهي.

ان ضرورت کي بہ مد نظر رکندي ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي پاران سيرت تي هي ڪتاب پيش ڪجي ٿو، جيڪو گهڻي ڀاڱي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن طرفان، معروف ۽ مجيل عالمن جي مضامين جي ترجمن ۽ تاليف تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ جس هجي مسٽر سڪندر علي چنہ کي جنهن جي شب و روز محنت ۽ عرق ريزيءَ سان ڪتاب تدوين ۽ ترتيب جا مشڪل مرحلا طئي ڪري مقرر وقت اندر زيور طباعت سان آراستہ ٿي سگهيو آهي.

اميد ٿي ڪجي تہ هي ڪاوش پڙهندڙن کي پسند ايندي ۽ ٻين تعليمي ادارن لاءِ پڻ اتساه جو باعث بڻبي.

**محمد يوسف شيخ**
پرنسپل
ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻہ

Marfat.com

قاضي محمد سليمان منصورپوري
ترجمو: محمد يوسف شيخ

# اَلنبيّ الاُمي

اها هڪ تحقيق شده ڳالهه آهي ته سيدنا و مولانا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن ڪانسواءِ "الرسول النبي الامي" ٻئي ڪنهن به نبيءَ جو لقب نه هئو- پاڻ سڳورن صه جن جو اهوئي لقب نبين سڳورن ۽ گذريل امتن کي ٻڌايو ويو آهي- لفظ "امي" متعلق عالمن سڳورن پنهنجا جيڪي پاڪيزه خيالات ظاهر ڪيا آهن انهن جي ڄاڻ پڙهندڙن لاءِ سُرور جو باعث بڻبي.

امي، ام القريٰ جي نسبت سان آهي- الله تعاليٰ مڪي پاڪ جو نالو ام القريٰ فرمايو آهي:

ولتنذر أم القري ومن حولها (ته تون ام القريٰ کي ۽ اُن جي چوطرف وسندين کي ڊيڄارين)
(٦:٩٢)

مشهور جرمن تاريخ نويس سپرنگر ۽ سڪريڊر جو قول آهي ته انهن محققن جي راءِ بلڪل درست آهي جيڪي سام جي اولاد جو اصلي وطن ملڪ عرب کي سڏين ٿا- مستند اسلامي روايتن مان پڻ اهوئي ثابت ٿئي ٿو ته عرب ۾ سڀ کان ڀرين وسندي "بلده مڪه معظمه" آهي، جتي خانه بدوش قومون اچي رهيون ۽ بربريت ۽ وحشپڻو ڇڏي تمدني ۽ معاشرتي زندگيءَ ۾ داخل ٿيا-

مطلب ته تاريخ ۽ روايتن جي گڏيل اتفاق سان ثابت آهي ته مڪو پاڪ ام القريٰ آهي- هاڻي اچئون ٿا سيدنا ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دعا ڏانهن- مڪي جو بنياد رکڻ وقت پاڻ هيءَ دعا



Marfat.com

ڪن ھنڌن تہ:

رب اجعل ھذا بلداً آمناً وارزق اھله من الثمرات (بقرہ)

اي پالڻھار! ھن ھنڌ کي امن وارو شھر بڻائج، ۽ ھتان وارن کي ميوا کارائج.

دعا جا ھي الفاظ پڻ آھن:

و بعث فيھم رسولاً منھم (بقرہ)

ھنن ۾ منجھائن ئي ھڪ رسول موڪلج.

حضرت ابراھيم ع جي دعا ۾ ٻہ ڳالھيون عجيب آھن:

(۱) وسنديء جي رھواسين لاء جتان جي زمين پوک لائق بہ ڪينھي، ميون ۽ ڪاڏي پيتي جي شين جي عام جام ملڻ جي طلب-

انھن لفظن جي برڪت اڄ تائين ڏسجي پئي، جو مڪي جون بازاريون پاڇين ۽ طرحين ميون سان پريون پيون ھونديون آھن- اھا پڌري علامت آھي تہ الله تعاليٰ سچ پچ پنھنجي خليل ع جي دعا کي قبوليت جو شرف بخشيو-

۲. ان دعا مان اھو پڻ واضح ٿئي ٿو تہ ان جو اثر رڳو جسماني خوراڪ يا وات جي لذتن تائين محدود نہ ھئو بلڪہ دعا جا لفظ روحانيت لاء وڏيڪ زور وارا ۽ اثرائتا ھئا- واعدو ڪيل رسول صہ ۽ خليل ع جي دعا وارو رسول صہ مبعوث ٿيو ۽ وڏي شان سان مبعوث ٿيو-سندس صلبي ۽ نسبي رشتا انھن ئي ماڻھن سان ھئا جيڪي ان بستيء جا سردار ھئا-لھذا، ام القريٰ جي نسبت سان ڪيس أمي چوڻ صحيح ڄاتو ويو- أمت جي "ت" نسبت جي لحاظ کان غائب آھي-جيئن مڪہ مان مڪي-ان صورت ۾ نالو "أمي" ان مستند حديث جي تفسير آھي جيڪا حضرت انس رضہ کان صحيح



Marfat.com

مسلم ۾ روايت آهي-

أنا اكثر الانبياء تبعاً  امت جي گهڻائيءَ جي لحاظ کان آءٌ سمورن نبين ۾ اڳرو آهيان.

اسم أمي، أمّ ذاتهن منسوب آهي، انڪري جو پنهنجي فطرت ۽ عصمت جي پاڪائيءَ سببان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن رب جي طرفان جملي عيبن ۽ اوڻاين کان ايئن پاڪ ۽ صاف آهين جيئن ماءُ جي پيٽ مان نئون ڄاول ٻار ٿيندو آهي.

اهڙين ئي معنائن کي نگاهه ۾ رکندي، امّ المومنين عائشه رضي الله عنها حضور صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ هي شعر پڙهيا هئا جيڪي ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ جن نهايت خوش ٿيا هئا:

ومُبَرءٌ من کُل غـــبر حيضَة
و فساد مُرضعة و داء مُخيَل
واذا أنظرتَ اَليَ أسرة وجهه
بَرقَت بُروقَ اَلعارضِ اَلمُتهَلل

امي، ام ذاتهن ان لحاظ کان به منسوب آهي ته ولادت بعد پاڻ ڪريمن ﷺ علم ۽ فن جي پڙهڻ يا سکڻ ذاتهن ڪا رغبت ڪانه ڏيکاري هئي ۽ سندن قلب جي ڦرهيءَ تي تقرير توڙي تحرير ذريعي ڪنهن هڪ حرف جو به نقش نه چٽيو هو-عرب ملڪ جي حالت پڻ ساڳي هئي جو أمي لکڻ پڙهڻ کان عاري هوندا هئا ۽ سڄي ڄمار اهڙي حالت ۾ گذاري ڇڏيندا هئا جهڙي ان ٻار جي هوندي آهي جيڪو نه ڪڏهن اسڪول ويو، نه سبق ورتائين، نه قلم هٿ ۾ جهليائين ۽ نه وري ڪي ورق ورايائين-

انهيءَ ڪري ئي يهودين، عرب وارن جو نالو أميون رکي ڇڏيو هو-



Marfat.com

| | |
|---|---|
| ذالِک بِاَنَهُم قَالُولَيسَ عَلَينَا فِي الاميين سَبِيلُ (آل عمران) | يهودي چون ٿا تہ اسين هنن اُمين ماڻهن سان ڪهڙو بہ سلوڪ ڪريون، اسان کان پڇاڻو ڪين ٿيندو- |

اهو ئي نالو عرب وارن جي سڃاڻپ بڻجي ويو هو- الله تعالي فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| هُوالذِي بَعث فِي الأُميين رَسُولاَ- (جمعہ) | الله اهو آهي جنهن امين منجهہ رسول مبعوث فرمايو- |

اهوئي لفظ، الله تعاليٰ اهل ڪتاب جي اڻپڙهيل ماڻهن لاءِ پڻ استعمال ڪيو آهي:

| | |
|---|---|
| ومنهم أُميون لا يعلمُون الكِتب | يهودين ۾ اهڙا اڻپڙهيل بہ آهن جن کي ڪتاب جي ڪا ڄاڻ ڪانهي- |

مطلب تہ لفظ اُمي مان ثابت ٿئي ٿو تہ نبيؐ صلي الله عليہ وسلم جن خواند گيءَ جي طرزِ طريقي ۾ دنيا وارن کان مٿانهان هئا-

ان ساڳئي مضمون کي الله تعاليٰ ٻئي هنڌ هن ريت ظاهر فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وماکُنتُ تتلو من قبله مِن كِتاب وَلاَ تَخُطُه بيمينک- (۴۸:۲۹) | اي رسول صہ، قرآن کان اڳ تون نہ ڪنهن ڪتاب کي پڙهندو هئين ۽ نہ تنهنجي ساڄي هٿ ڪا ليک ڪڍي هئي- |

مٿين معنيٰ جي لحاظ کان نالو "نبي الامي" حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو هڪ وڏو معجزو آهي-

اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ نبي، نباء مان آهي، ۽ نباء ڪنهن عظيم واقعي ۽ اعلام ذوالاهتمام کي چوندا آهن-يعني نبي اهو



Marfat.com

آهي جيڪو دنيا کي علوم عاليہ ۽ عظيم واقعن جي خبر ڏيندو هجي- اهوئي لفظ جڏهن الله جي طرف کان مضاف هوندو آهي تہ انجي معنيٰ اها ٿيندي آهي تہ نبي اهو آهي جنهن علوم عاليہ، شرائع عاليه ۽ نواميس ربانيہ جي ڄاڻ سنئين سڌي الله کان حاصل ڪئي هجي.

نبي صہ کي نباة مان نڪتل پڻ سمجهيو ويندو آهي نباة جي معنيٰ مٿانهون مقام آهي، ۽ نبي اهو آهي جيڪو ان اعليٰ مقام تي فائز هجي جتي ڪو بہ ماڻهو پنهنجي محنت، رياضت يا ڪوشش جي آڌار تي نہ پهچي سگهي ۽ ان مقام تي سندس پهچڻ جو سبب صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي منشا ۽ مرضي هوندي آهي-

نبي الامي جي مٿي ڄاڻايل وصفن مان خبر پئي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن حرف شناسي ۽ خط ڪشيءَ کان تہ پري هئا، مگر ساڳئي وقت ڪائنات عظيم علمن ۽ ڪامل آيتن جو صدور لڳاتار ٿيندو رهيو-

سيرت جي ڄاڻن کي اها پليءَ پت خبر آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي نبي الأمي جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو ۽ پاڻ اهڙي خطاب تي تمام گهڻو خوش ٿيندا هئا-هاڻ وري زماني وارن جو حال ڏسو: جيئن ئي ڪو شخص ٻہ ٽي اکر وڌيڪ پڙهي وٺي يا قيل وقال جي سگهہ پيدا ٿئيس تہ پنهنجي لاءِ عالم، فاضل، مولوي، اڪمل، علامہ وغيره جو لقب ٻڌڻ ۽ چورائڻ پسند ڪندو- مطلب تہ هر صاحب قلم ۽ ڪلام جي اها خواهش جڻ تہ فطري بڻجي وئي آهي تہ سندس علم ۽ فضل جو اندازو سندس اصليت کان بہ وڌيڪ لڳايو وڃي-ٻئي طرف اسانجا آقا سيدنا محمد مصطفي صلي الله عليہ وسلم جن آهن جن کي هر وقت پنهنجي ناخواندگي ۽ اُمي هجڻ جو اقرار آهي-انهيءَ اعتراف تي بہ هزارين عالم، مفڪر ۽ ڏاها حاضر ٿيندا هئا ۽ سندن آڏو باادب ٿي ويهندا ۽ اقرار ڪندا هئا تہ انهن ماڻهن جي



Marfat.com

علم ۽ فهم ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي عرفان جي پيٽ ايئن آهي جيئن هڪ ڦڙي کي سمنڊ سان پيتجي-

سوچڻ جو مقام آهي ته جيڪو شخص دنيا ۾ ڪنهن جو شاگرد نه ٿيو، اهو سڄي دنيا جو استاد ٿيل آهي-هو محاسن اخلاق، سهڻن عملن، تدبير منزل، شهريت، اقتصاديات، سياسيات ۽ عمرانيات جا سبق، ۽ دماغ کي روشن، قلب کي اجرو ۽ روح کي منور بنائڻ واري تعليم ڏئي رهيو آهي-سندس مقدس درسگاه جا دروازا ڪڏهن به بند نه ٿا ٿين-اتي داخلا جي ڪا فيس ڪانهي-اتي ته هڪ صحرائي ۽ هڪ شهري، هڪ فيلسوف ۽ هڪ بدوي ڪلهو ڪلهي سان ملايو ويٺا آهن ۽ هڪ ئي مهل پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ طاقت مطابق پيا فيض پرائين-اهڙي ڪيفيت ۽ اُمي لقب وٽان "علمني ربي فاحسن تاديبي" جو نور ظهور بخش پيو ٿئي ۽ يعلمهم الڪتب جي دعوىٰ جي تصديق پئي ٿئي-

اُمي لقب جو سبب هي پڻ آهي ته پهرئين پهرئين نبي ابوالبشر آدم عليه السلام کان وٺي بني اسرائيل جي آخري نبي عبدالله عيسىٰ بن مريم تائين، سمورن نبين سڳورن حضور صلي الله عليه وسلم جن جا اعلىٰ اوصاف ۽ بي مثل برڪتون بيان ڪيون آهن- "الف" مان آدم، "م" مان مراد مسيح آهي، ۽ "ي" جي نسبت ان راز کي ظاهر ڪرڻ واري آهي:-

اُمي و گويا بزبانِ فصيح    از الف آدم و ميم مسيح



Marfat.com

ڈاڪٽر غلام جيلاني برق
مترجم: ڪيپٽن اياز علي کهاوڙ

صلي الله عليه وسلم
# پين ڪتابن ۾ حضور بابت بشارتون

الهامي ڪلام ۾ ڪافي لڪ هوندي آهي ان ڪري هر آيت جا ڪيئي تفسير ٿي سگهن ٿا. اها لڪ انهن خوشخبرين يا بشارتن ۾ گهڻي ٿي ملي جيڪي ڪن نبين جي آمد جي باري ۾ متعلقہ اڳين صحيفن ۾ ملن ٿيون. ممڪن آهي تہ انهن بشارتن جو مفهوم اهو نہ هجي جيڪو مان بيان ڪري رهيو آهيان پر هن وقت تائين حضور صہ جن کانسواءِ پيو ڪوبہ اهڙو رسول نظر نہ ٿو اچي جنهن تي اهي بشارتون سچيون ثابت ٿينديون هجن.

## پهرين بشارت:

هندن جي هڪ مقدس ڪتاب "ڪلنڪي" جي ٻارهين باب ۾ درج آهي تہ:

"جگت گرو، وشنو يگت ۽ سومتيءَ مان پيدا ٿيندو. ان جي پيدائش ۱۲ ويساک سومر ڏينهن، سج نڪرڻ کان ڪجهہ گهڙيون پوءِ ٿيندي ان جو پيءُ ان جي پيدائش کان پهريان ئي فوت ٿي ويندو ۽ ان کان پوءِ ستت ئي سندس ماءُ بہ فوت ٿي ويندي. جگت گرو جي شادي سلمل ديب جي شهزاديءَ سان ٿيندي. شادي جي موقع تي ان جو چاچو ۽ ني پائر موجود هوندا. هڪ غار ۾ پرس رام هن کي تعليم ڏيندو ۽ جنهن وقت سلمل ديپ مان سمبالا ۾ ايندو تہ هو تبليغ شروع ڪندو جنهن تي ان جا مائٽ ان کان ناراض ٿي ويندا. مصائب کان تنگ اچي هو اتر جي جبلن ۾ پناهہ وٺندو پر ڪجهہ وقت کان پوءِ هو انهيءَ شهر (سمبالا) ۾ تلوار کڻي ايندو ۽ سڄو



Marfat.com

ملڪ فتح ڪندو. جڳت گرو وٽ هڪ گهوڙو هوندو جنهن تي سوار ٿي هو زمين ۽ ستن آسمانن جو سير ڪندو.“ ان بشارت کي سمجهڻ لاءِ هيٺين لفظن جي وضاحت ضروري آهي:

(۱) جڳت گرو: جڳت معنيٰ دنيا ۽ گرو معنيٰ استاد. يعني دنيا جو استاد. ظاهر آهي حضور ﷺ جن کي پوري دنيا لاءِ هادي ۽ معلم بڻائي موڪليو ويو هو، اهوئي سبب آهي جو کين معلم انسانيت سڏيو آهي.

(۲) وشنو يڳت: وشنو معنيٰ الله ۽ يڳت معنيٰ ٻانهو. يعني الله جو ٻانهو يا عبدالله جيڪو حضور ﷺ جن جي والد جو نالو هو.

(۳) سومتي: سو معني امن يا اطمينان ۽ متي معني دل. يعني اها دل جنهن ۾ امن ۽ اطمينان هجي ۽ اهو ترجمو آهي لفظ آمنہ جو جيڪا حضور ﷺ جن جي والده هئي.

(۴) سلمل ديپ: هندن جي پرانن ۾ دنيا کي ڇهن ديپن يا حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(۱) جنو ديپ يعني هندستان، تبت ۽ برما وغيره

(۲) شاڪ ديپ يعني يورپ

(۳) شاڪلي ديپ يعني روس ۽ چين

(۴) ڪش ديپ يعني افريقہ

(۵) ڪرونچ ديپ يعني بلوچستان ۽ افغانستان

(٦) سلمل ديپ: يعني ايشياءِ ڪُوچڪ ۽ عربستان

(۵) پرس رام: پرس معني بلندي يا ڪهاڙي ۽ رام معنيٰ خدا-جبريل عليہ السلام جي بلندي تہ ظاهر آهي ۽ ڪهاڙي ان معني ۾ تہ جبريل جيڪو پيغام کڻي اچي ٿو ان جو لازمي نتيجو بد ڪارن



Marfat.com

جو خاتمو آهي-بين لفظن ۾ تہ جبريل الله جي تلوار يا ڪهاڙي آهي.

(٦) شادي: حضور صہ جن جي شادي عربستان جي هڪ امير ۽ دولت مند خاتون بيبي خديجة رضہ سان ٿي هئي جنهن ۾ حضور صہ جن جو چاچو ابوطالب ۽ حضور صہ جن جا ٽي سڳا سوٽ يعني جعفر، عقيل ۽ علي شامل ٿيا هئا.

(٧) سمبالا: ان لفظ جو صحيح مفهوم خبر نہ آهي پر مٿي ذڪر ڪيل وضاحتن مان ان مان مراد مڪہ ٿي ٿي سگهي ٿو. حضور صہ جن غارِ حرا مان نڪري مڪي ۾ ٿي تبليغ شروع ڪئي هئي.

(٨) غار: مان مراد غارِ حرا آهي جتي حضور صہ جن تي پهرين وحي نازل ٿي هئي.

(٩) اتريان پهاڙ: مدينو، مڪي کان اتر طرف اندازا ٻہ سوميلن جي فاصلي تي آهي، حضور صہ جن مڪي مان مديني هجرت ڪئي هئي.

(١٠) تلوار ڪٺي اچڻ: حضور صہ جن سن ٨ هجريءَ ۾ مڪي کي فتح ڪرڻ لاءِ مسلح يعني هٿيار بند ٿي آيا هئا.

(١١) سڄو ملڪ فتح ڪرڻ: حضور صہ جن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سڄو عربستان جو پيٽ فتح ڪري ورتو هو.

(١٢) گهوڙو: شايد معراج جي واقعي ڏانهن اشارو آهي.

(١٣) ١٢ ويساک سومر جو ڏينهن: هندن جي بڪرمي سال مطابق ويساک بهار جو مهينو آهي ۽ عربيءَ ۾ بهار کي ربيع چوندا آهن. حضور صہ جن جي پيدائش ١٢ ربيع الاول سومر ڏينهن ٿي هئي.

(١٤) والدين جو انتقال: حضور صہ جن جي والد عبدالله جو انتقال سندن ڄمڻ کان ڪجهہ مهينا اڳ ٿيو ۽ ڇهن سالن جي عمر جا هئا تہ سندن والده آمنہ وفات ڪئي.



Marfat.com

متين بشارت حضور صہ جن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جڳت گروءَ تي پوري نہ ٿي لهي.

## ٻي بشارت:

بائبل جي ڪتاب استثناء جي باب ١٨ آيت نمبر ١٥ ۾ آهي تہ:

الله تعاليٰ حضرت موسيٰ ڏانهن وحي موڪلي تہ "خداوند تنهنجو خدا توهان لاءِ توهان مان ئي تنهنجن ئي ڀائرن مان تو وانگر هڪ نبي موڪليندو."

حضرت موسيٰ عليہ السلام بني اسرائيل مان هو ۽ حضور صہ جن بني اسماعيل مان، جيڪي بني اسرائيل جا ڀائر هئا-تاريخ شاهد آهي تہ بني اسرائيل جي ڀائرن بني اسماعيل مان حضور صہ جن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ نبي نہ آيو.

انهي ساڳي ڪتاب استثناء جي باب ٢٣ آيت ١ - ٢ ۾ آهي تہ: "خداوند سينا مان آيو، شعير تان متن طلوع ٿيو ۽ فاران جي جبلن مان جلوه ڏيکاريائين، هو ڏهہ هزار قدوسين سان گڏ آيو، ان جي هٿ ۾ آتشين شريعت هئي."

سينا جي وادي مصر جي ويجهو آهي جنهن مان مراد حضرت موسيٰ عليہ السلام جي نبوت آهي ۽ شعير يروشلم جي ڀرسان هڪ جڳهہ جو نالو آهي-ان ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي آمد جو ذڪر آهي ۽ فاران مڪي جو هڪ جبل آهي-دنيا جي تاريخ پڙهو توهان کي حضور صہ جن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ نبي نظر نہ ايندو جيڪو فاران جبل يعني مڪي کان ظاهر ٿيو هجي ۽ جنهن سان ڏهہ هزار قدوسي (اصحابي) ساڻ هجن.



Marfat.com

### ٽيون بشارت:

بائبل جي هڪ ٻئي ڪتاب حبقوق جي باب نمبر ٣ ۾ آيت نمبر ٧ - ٣ ۾ آهي ته:

"هو جيڪو قدوس آهي، فاران ڪان آيو-ان جي شوڪت سان آسمان لڪي ويو-زمين ان جي تعريف سان ڀرجي وئي، ان جي جڳمڳاهٽ نور مثل هئي، ان جي هٿن مان ڪرڻا ڦٽي نڪتا. هو اٿيو ۽ زمين کي لوڏي وڌائين، هن نگاهه وڌي ۽ قومن کي ڇڙ وڇڙ ڪري ڇڏيائين- قديم پهاڙ ٽڪر ٽڪر ٿي ويا-پراڻا پهاڙ ان جي سامهون پيهجي ويا ۽ مدائن جي زمين جا پردا ان ڪان ڪنبندا."

جيڪڏهن حضور ﷺ جن ڪانسواءِ ٻيو ڪو نبي آهي جنهن قديم قومن کي ڇڙ وڇڙ ڪيو هجي ۽ جنهن جي هيبت ڪان مدائن جي زمين به ڪنبندي هجي ۽ فاران جي چوٽيءَ تان ظاهر ٿيو هجي ته ان جو نالو ٻڌايو.

### چوٿين بشارت:

يوحنا جي ڪتاب مڪاشفه جي باب نمبر ١۴ ۽ آيت نمبر ۵ - ١ ۾ آهي ته "پوءِ مون ڏٺو ته هو آزاد انسان صيهون جي جبل تي بيٺو آهي ۽ ان سان گڏ هڪ لک چوئيتاليهه هزار ماڻهو آهن."

حضور ﷺ جن جڏهن ميدانِ عرفات ۾ جبلِ رحمت تي پنهنجو آخري خطبو ڏنو هو ته ميدانِ عرفات ۾ حاجين جو تعداد هڪ لک چوئيتاليهه هزار هو.

### پنجين بشارت:

دائود عليہ السلام به بڪه (مڪه کي قرآن ۾ بڪه به سڏيو ويو آهي) جي واديءَ مان گذرڻ واري جو اطلاع ڏنو هبو-زبور جي باب نمبر ٧۴ ۽ آيت نمبر ٧ - ۵ ۾ آهي ته:



Marfat.com

”مبارڪ آهي اُهو انسان جنهن ۾ توسان قوت آهي-ان جي دل ۾ تنهنجي راهه آهي-هو بڪه جي واديءَ مان گذرندي اتي هڪ کوهه کوٽيندو-پهرين برسات ان کي برڪتن سان ڍڪي ڇڏي ٿي، هو قوت سان قوت تائين ترقي ڪندا وڃن ٿا ۽ خدا جي آڏو صيهون ۾ حاظر ٿين ٿا.“ ان مان چاهِ زمزم ميدان عرفات ۽ مڪو مراد آهن.

## ڇهين بشارت:

بائبل جي ڪتاب يسعياه جي باب نمبر ۴۲ ۽ آيت نمبر ۱۲ - ۱ ۾ آهي ته ”ڏسو منهنجو ٻانهو جنهن کي مان سنڀاليان ٿو- منهنجو محبوب جنهن کان منهنجو جيءُ راضي آهي مون پنهنجو روح ان تي رکيو اُهو قومن جي وچ ۾ عدالت ڪرائيندو-ان جو زوال نه ٿيندو ۽ نه ڪچليو ويندو جيسين زمين تي صداقت کي قائم نه ڪري-خدا وند توکي صداقت لاءِ سڏايو-آءٌ ٿي تنهنجو هٿ وٺندس ۽ تنهنجي حفاظت ڪندس-خداوند لاءِ هڪ نئون گيت ڳايو-بيابان ۽ انهن جون وسنديون قيدار جا آباد ڳوٺ پنهنجو آواز بلند ڪندا-سلع جا رهاڪو هڪ گيت ڳائيندا-جبلن جي چوٽين تان للڪاريندا-هو خداوند جو جلال ظاهر ڪندا“

قيدار، حضرت اسماعيل عليہ السلام جي هڪ پٽ جو نالو هو ۽ سيئي عرب نبط ۽ قيدار جو اولاد آهن-سلع مديني ۾ هڪ دڙي جو نالو هو-مٿين بشارت ۾ سلع مان مراد مدينو آهي ۽ مديني جي انصارين، حضور صہ جن جي مڪي کان مديني آمد تي خوشيءَ جا گيت ڳايا هئا جن مان هڪ گيت هيءَ هو ته:

طلع البدر علينا-من ثنيات الوداع
وجب الشكر علينا-ما دعى لله داع
ايها المبعوث فينا-جئت بالامر المطاع



Marfat.com

ساڳي ڪتاب يسعياه جي باب نمبر ٢١ جي آيت نمبر ١٥ ۾ آهي تہ: "اي تيما جي سرزمين جا باشندؤ ماني ساڻ ڪري پڇڻ وارن سان ملڻ لاءِ نڪرو، ڇو جو هو تلوارن، ڇڪيل ڪمانن ۽ جنگ جي شدت کان ڀڄي نڪتا آهن."

حضور صہ جن جڏهن مڪي جي ڪافرن جي ظلم ۽ تشدد کان تنگ ٿي مديني ڏانهن هجرت لاءِ نڪتا هئا تہ رستي تي مديني کان ڏکڻ طرف مڪي جي رستي تي تبوڪ جي ويجهو هڪ ڳوٺ تيما ۾ بہ ترسيا هئا.

## ستين بشارت:

حضرت عيسيٰ بہ حضور صہ جن جي آمد جي خوشخبري ڏني-سندس هڪ ساٿي يوحنا جي انجيل ۾ آهي تہ: يوحنا باب نمبر ١٤ آيت نمبر ٣٠:

"دنيا جو سردار اچي ٿو ۽ مون ۾ ان جو ڪجهہ ناهي"

يوحنا باب نمبر ١٦ آيت نمبر ٧:

"آءُ توهان کي سچ ٿو چوان تہ منهنجو وڃڻ توهان لاءِ مفيد آهي ڇو جو جيڪڏهن مان نہ ويندس تہ هو مددگار توهان وٽ نہ ايندو."

## اٺين بشارت:

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي هڪ ٻئي حواري متيءَ جي مرتب ڪيل انجيل جي باب نمبر ٢٥ ۽ آيت نمبر ٣٢ - ٣١ ۾ آهي تہ: "جڏهن ابن آدم پنهنجي جلال ۾ ايندو ۽ سڀ فرشتا ان سان گڏ ايندا تہ ان وقت هو پنهنجي جلال جي تخت تي ويهندو ۽ سڀئي قومون ان جي اڳيان جمع ڪيون وينديون-هو هڪ کي ٻئي کان جدا ڪندو."



Marfat.com

سچي ہدايو تہ حضرت عيسىٰ عليہ السلام کان پوءِ اهو صاحب جلال ڪير هو جنهن جي مدد لاءِ فرشتا نازل ٿيندا هئا؟ غزوه بدر ۽ غزوه احزاب ۾ تہ حضور صہ جن جي فرشتن ذريعي امداد جو ذڪر قرآن ۾ بہ آهي ۽ اهو پرعظمت تخت ڪنهن جو هو جنهن جي درٻار ۾ دنيا جي قومن جا فيصلا ٿيندا هئا؟



Marfat.com

# پاڻ سڳورن جو ننڍپڻ ۽ جواني

محمد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ، سرور ڪونين، حضرت محمد صلي الله عليہ واله وسلم ١٢ ربيع الاول، سومر ٢٠ اپريل سنہ ٥٧١ع، تي تولد ٿيا. الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي تہ:

وَمَا اَرسَلنٰک اِلا رحمَۃ لِلعلمين.

ترجمو: " اسان توهان (محمد صلي الله عليہ واله وسلم) کي جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو".

پاڻ صلعم جن لاءِ مظلوم انسانيت، صدين کان منتظر هئي، يعني ان ڏينهن يتيمن، بيواهن، محتاجن ۽ غلامن جو سهارو، ڪمزور عورتن کي عزت ۽ شرف ڏياريندڙ پيغمبر ۽ گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ، بندن کي خدا سان ملائيندڙ، نفرتن کي مٽائيندڙ، شرڪ جون پاڙون پٽيندڙ، توحيد جو سدا بهار باغ آباد ڪندڙ، تاريخن جي وهڪري جو رخ موڙيندڙ هن دنيا ۾ جلوه افروز ٿيا.

بي بي آمنہ رضہ فرمائي ٿي تہ "جنهن وقت پاڻ سڳورا پيدا ٿيا، ان وقت مون کي ايئن معلوم ٿيو تہ ڄڻڪ منهنجي اندران ڪو نور نڪتو آهي جنهن سان مشرق و مغرب روشن ٿي ويا آهن."

عثمان بن ابي العاص الثقفي جي ماءُ حضور جن جي ڄمڻ وقت بي بي آمنہ رضہ وٽ موجود هئي، تنهن جو چوڻ آهي تہ "ان وقت جيڏانهن بہ نگاهہ وئي ٿي اوڏانهن نور ئي نور پئي نظر آيو."

پاڻ سڳورا ڇهہ ستن ڏينهن جا هئا تہ جناب عبدالمطلب سندن



Marfat.com

عقيقو ڪيو. عقيقي جي دعوت کائڻ کان پوءِ ماڻهن پڇيو "اوهان پنهنجي جنهن پٽ جي ڪري اسان جي دعوت ڪئي آهي ان جو نالو ڇا رکيو اٿوَ؟" عبدالمطلب جواب ڏنو "مون ان جو نالو "محمد" رکيو آهي." اتي ماڻهو چوڻ لڳا ته توهان پنهنجي خاندان جي ٻين ماڻهن جي نالن کان هي نرالو نالو ڪيئن رکيو آهي؟ عبدالمطلب جواب ڏنو ته منهنجي دل گهري ٿي ته آسمان ۾ الله ۽ زمين ۾ مخلوق هن جي تعريف ڪري. حضور صلي الله وآله وسلم پهريان پنهنجي والده جي ٿڃ پيتي هئي ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن ابو لهب جي ٻانهي ثوبيه جو کير پيتائون، حضرت حمزه رضه جن چاچو هئڻ سان گڏ حضور پاڪ صه جا ٿڃ شريڪ ڀاءُ به هئا.

ان وقت مڪي پاڪ جي معزز ماڻهن جو اهو دستور هوندو هو ته پنهنجن ٻارن کي ٿڃ پيئڻ لاءِ صحرائي علائقن ڏي موڪلي ڇڏيندا هئا ته جيئن اتي جي عمده آب هوا ۾ پلجي وڏا ٿين. ته سندن صحت به سٺي رهي ۽ خالص عربي سکي سگهن. انهيءَ خيال کان ڀرپاسي جي قبيلن جون عورتون سال ۾ ٻه ڀيرا مڪي جو ڦيرو ڪنديون هيون ۽ ٿڃ پيئارڻ لاءِ ٻار وٺيو وينديون هيون.

هر ڪنهن عورت جي اها تمنا هوندي هئي ته ڪيس ڪنهن سردار جو ٻار ملي ته جيئن ٿڃ جو اجورو به سٺو ملي.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي ولادت باسعادت کان ڪجهه ڏينهن پوءِ بني سعد ۽ بني بڪر جون ڪجهه عورتون ٻار وٺڻ جي خيال کان مڪي ۾ آيون ان ۾ بيبي حليمه به هئي. جڏهن اهي عورتون مڪي ۾ آيون ته ڪابه عورت رسول صه کي وٺڻ لاءِ تيار نه هئي. هر ڪا اهو پئي چئي ٻاڻ صلعم يتيم آهي، الائجي ڪجهه ملي يا نه ملي؟ بي بي حليمه جو چوڻ آهي ته ان وقت ٻين سڀني عورتن کي ٻار ملي ويا مگر مون کي ڪو به ٻار ڪونه مليو. تڏهن خالي هٿين



Marfat.com

واپس ورڻ ٺيڪ نه سمجهيم ۽ وچي ٻار کي ماءُ جي گود مان کڻي آيس.

بي بي حليمه وڌيڪ چوي ٿي ته اهو ٻار کڻي اسين زال مڙس شهر کان ٻاهر ٻاڻاري تي آياسين. مون اتي پهچي ان ٻار کي ڇاتي سان لاتو ته منهنجي سڪل ڇاتيءَ ۾ ايترو ته کير ٿي پيو جو انهيءَ ٻار به پي ڍءُ ڪيو ۽ سندس ٿڃ شريڪ ڀاءُ عبدالله جو به پيٽ ڀرجي ويو. ان کان پوءِ منهنجو مڙس ڍاچي ڏهڻ ويو ان ايترو ته کير ڏنو جو اسان پنهي ڄڻن پي ڍءُ ڪيو. مڪي کان موٽندي آءُ پنهنجي گڏهه تي چڙهيس ۽ ٻار کي به پاڻ سان ويهاريم خدا جو قسم منهنجي گڏهه سڄي قافلي کان اڳيان ٿي ويئي. مون سان گڏ جيڪي عورتون هيون سي چوڻ لڳيون ته افسوس آهي جو اهڙي تيز پئي وڃين.

اسين ڳوٺ پهتاسين ته سڄو علائقو ويران هيو مگر هن ٻار جي اچڻ کان پوءِ اهڙي ته ساوڪ ٿي وئي جو ٻڪريون اسان جون ڍءُ ڪري ايندي يون هيون، کير به تمام گهڻو وڌايائون مگر ٻين ماڻهن جي ٻڪرين ۾ ان جي برعڪس کير بلڪل گهٽ هيو. ماڻهون پنهنجي ٻڪرارن کي چوندا هئا ته ڪم بختو! جتي حليمه جون ٻڪريون چرڻ وڃن تيون اوهين به اتي وڃو. هو ائين ئي ڪندا هئا تڏهن به سندن ٻڪرين ۾ کير ڪونه وڌيو. اهڙي طرح اسان ان ٻار جون ڪرامتون ڏينهون ڏينهن وڌ ڏسندا رهياسين تان جو به سال گذريا ۽ ٿڃ ڇڏائڻ جو وقت آيو. اهو ٻار قبيلي جي سڀني ٻارن کان توانو ۽ تندرست هيو ۽ ڏسڻ ۾ چئن سالن جو پيو لڳي. اسين کيس مڪي ۾ سندس والده وٽ وٺي آياسون. جيئن ته اسين انهيءَ ٻار جون برڪتون ڏسي چڪا هئاسين تنهن ڪري چاهيو سون ٿي ته اڃا به هوند وڌيڪ وقت اسان وٽ رهي. ان ڪري بي بي آمنه وٽ پهچي مون زور ڀريو ته هن ٻار کي اڃا وڌيڪ وقت مون وٽ رهڻ ڏيو. مطلب ته مون ايترو زور ڀريو جو سندس والده کين ڀيهر مون سان



Marfat.com

هلڻ جي اجازت ڏني.

حضرت حليمہ جو چوڻ هو تہ اسان کي مکي کان واپس آئي ٻہ ٽي مهينا مس گذريا هئا تہ ٻاڻ صلعم پنهنجي ٿڃ شريڪ ڀاءُ سان گڏ ٻڪريون چاري رهيا هيا. ايتري ۾ سندس ٿڃ شريڪ ڀاءُ سهڪندو آيو ۽ ٻڌايائين تہ ٻہ سفيد پوش ماڻهو حضور پر نور جو پيٽ چاڪ ڪيون وينا آهن. ان تي آءُ ۽ منهنجو مڙس ڊوڙي وياسين. ڏٺوسين تہ محمد صلي الله عليہ واله وسلم ليٽيا پيا هئا. منهنجي مڙس کيس ڇاتيءَ سان لاتو ۽ پڇائين تہ ٻچا توکي ڇا ٿيو آهي؟ ٻاڻ جواب ڏنائون تہ سفيد ويس ۾ ٻہ ماڻهون مون وٽ آيا. مون کي ليٽائي منهنجو پيٽ چيريائون ۽ ڪاشي ڪڍي اجلي ڇڏيائون. حليمہ چئي ٿي تہ پوءِ اسين ڇوڪري کي گهر وٺي آياسين. بيبي حليمہ اڳتي چئي ٿي تہ اسين ڪجهہ وقت کان پوءِ مکي آياسون ۽ ٻار (حضور صہ جن) اچي سندس ماءُ جي حوالي ڪيوسين. جنهن چيو تہ دائي تون تہ هن ٻار کي رکڻ لاءِ ڏاڍي آتي هئين پوءِ ڪيئن واپس ڪٿين آئين؟ مون جواب ڏنو تہ مون پنهنجي جوابداري پوري ڪئي. انديشو اٿم تہ متان ڪو حادثو پيش نہ اچي. بي بي آمنہ چيو اصل ڳالهہ ڇا آهي، مون کي کولي ٻڌاءِ" بي بي آمنہ جي زور ڀرڻ تي حليمہ سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. بيبي حليمہ کي بيبي آمنہ چيو ڇا توکي شيطان جو ڊپ آهي؟ حليمہ چيو ها. بي بي صاحبہ چيو ايئن هر گز نہ آهي. خدا جو قسم شيطان هن کي ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي. انهيءَ کان پوءِ بي بي سڳوريءَ حمل جي وقت جا ۽ حضور جن جي ڄمڻ جي وقت جا سمورا واقعا بي بي حليمہ کي ٻڌايا.

حليمہ سعديہ کان پوءِ حضور صہ جن پنهنجي والده محترمہ وٽ رهيا. ابن اسحاق جو چوڻ آهي تہ ٻاڻ سڳورا صہ ڇهن سالن جا هئا تہ بي بي آمنہ کين مديني وٺي ويئي. ان ۾ هڪ مقصد اهو هو تہ



Marfat.com

حضور صہ جن جي والد جناب عبدالله بن عبدالمطلب جي قبر تي وڃن. پاڻ سڳورا صہ پنهنجي والده سان مديني ۾ هڪ مهينو رهيا. پاڻ پنهنجي ماءُ سان واپس مڪي اچي رهيا هئا تہ اڌ پنڌ تي ابواء جي مقام وٽ بي بي آمنہ رحلت ڪري ويئي ۽ پاڻ سڳورا اُم ايمن سان گڏ مڪي واپس آيا. ابن سعد جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورن صہ کي اها جڳهہ بہ ياد رهي جتي سندن والده دفن ٿي هئي. تنهن ڪري پاڻ صلح حديبيه جي موقعي تي جڏهن ابواء وٽان لنگهيا تہ فرمايائون:

"الله محمد کي پنهنجي ماءُ جي قبر تي وڃڻ جي اجازت ڏني آهي." تنهنڪري پاڻ اتي ويا، قبر کي ٺيڪ ڪيائون ۽ بيوس ٿي روئي ڏنائون. پاڻ سڳورن صہ کي ڏسي صحابہ بہ روئڻ لڳا. عرض ڪيو ويو تہ اوهان تہ روئڻ کان جهليندا آهيو، تہ پاڻ فرمايائون تہ مون کي پنهنجي ماءُ جي مامتا ياد اچي وئي.

بيبي آمنہ جي وفات کانپوءِ پاڻ سڳورا صہ پنهنجي ڏاڏي عبدالمطلب جي سنڀال هيٺ رهيا. عبدالمطلب کين پنهنجي پٽن کان بہ وڌيڪ پيائيندو هو ۽ هر وقت پاڻ سان گڏ وٺي هلندو هو. پاڻ سڳورن کان سواءِ ماني بہ نہ کائيندو هو. جنهن کٽ تي هُو ويهندو هو ان تي ڪنهن کي بہ ويهڻ جي اجازت نہ هئي ان تي حضور صہ جن اچي ويهندا هئا. سندن چاچا کين انهيءَ کٽ تان لاهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ جناب عبدالمطلب چوندو هو "منهنجي پٽ کي ڇڏي ڏيو خدا جو قسم هن جو شان ئي ڪجهہ نرالو آهي. مونکي اميد آهي تہ هي ايڏي مرتبي وارو ٿيندو جو هن کان اڳ ڪو بہ عرب ايڏي مرتبي کي نہ پهتو هوندو". عبدالمطلب بياسي سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ پاڻ سڳورا صہ پنهنجي سڳي چاچي ابوطالب جي نگراني هيٺ آيا. ان وقت سندن عمر مبارڪ اٺ سال هئي. ابوطالب حضور صہ جن کي پنهنجي اولاد کان بہ وڌيڪ پيائيندو هو. پاڻ سان گڏ سمهاريندو هو ۽ جيڏانهن بہ ويندو هو کين گڏ وٺيون ويندو هو.



Marfat.com

ابوطالب جي گهر جا ياتي حضور پاڪ ﷺ جن ڪانسواءِ جيڪڏهن ماني ڪائيندا هئا ته ڪنهن کي به ڍءُ ڪو نه ٿيندو هو، مگر جڏهن پاڻ سڳورن سان گڏ ڪائيندا هئا ته نه فقط سيئي ڍوءُ ڪري ڪائيندا هئا پر ماني بچي به پوندي هئي. ان ڪري ئي ابوطالب حضور ﷺ کي چوندو هو ته "انک المبارک" يعني بيشڪ تون برڪتن ڀريو آهين.
پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڏهن ٻارنهن سالن جا ٿيا ته چاراٽي تي مڪي جي ماٿهن جون ٻڪريون چاريائون. پاڻ ﷺ جڏهن بي بي حليمه وٽ هئا ته ان وقت به پنهنجي ٿڃ شريڪ ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏجي ٻڪريون چاريندا هئا ۽ ابوطالب جي سنڀال هيٺ اچڻ ڪانپوءِ به اهو ڪم ڪيائون. ابوطالب وڏو ٻچڙيوال هو ۽ سندس مالي حالت به خراب هئي. سيد مودوديءَ جي راءِ موجب ته پاڻ سڳورن ﷺ شايد پنهنجي چاچي جي اها حالت ڏسي پنهنجي سر ڪمائڻ جو فيصلو فرمايو.

ابوطالب واپار ڪندو هو. قريشن جي دستور موجب هر عرب واپار جي خيال سان سال ۾ هڪ ڀيرو شام ڏي ويندو هو. جڏهن ابوطالب مڪمل تياري ڪري وڃڻ وارو هو ته پاڻ سڳورن به گڏ هلڻ جو شوق ظاهر ڪيو. ابوطالب جي دل ڀرجي آئي ۽ چيائين ته خدا جو قسم ضرور گڏ وٺي هلندس. هي (حضور پاڪ) مرگز مون کان جدا نه ٿيندو ۽ نه ئي وري آءٌ هن کان جدا ٿيندس. هي مون سان گڏ هلندو. چنانچه ابوطالب پنهنجي واپاري قافلي سان حضور ﷺ جن کي پاڻ سان گڏ ڪنيو.

اهو قافلو جڏهن شام جي علائقي بصري واري مقام وٽ پهتو ته قافلي وارن اتي منزل ڪئي. انهيءَ منزل جي ڀرسان "بحيرا" نالي هڪ راهب عيسائي درويش پنهنجي عبادت گاهه ۾ رهندو هو. قافلا پيا ايندا ويندا هئا پر بحيرا خيال ئي نه ڪندو هو ۽ ڪڏهن به



Marfat.com

پنهنجي عبادت گاهہ کان ٻاهر نہ ايندو هو. پر هن دفعي پنهنجي دستور جي خلاف ٻاهر آيو ۽ ابوطالب وارن جي سڄي قافلي جي دعوت ڪيائين ۽ چيائين تہ سڀئي قافلي وارا شريڪ ٿين ڪو بہ پوئتي رهجي نہ وڃي. ماني جي وقت سڀ پهتا تہ حضور جن ڪي ٻار سمجهي پوئتي ڇڏي آيا. بحيرا پڇيو تہ ڇا سڀ ماڻهو اچي ويا؟ ماڻهن چيو تہ ٻيا سڀ تہ اچي ويا آهيون پر هڪڙو ڇوڪرو پوئتي سامان وٽ ڇڏي آيا آهيون. بحيرا چيو تہ ائين نہ ڪريو انهيءَ ڇوڪري کي بہ گهرايو تہ جيئن هو بہ دعوت ۾ شريڪ ٿئي.

حضور جن جي اچڻ ڪانپوءِ بحيرا ڪين غور سان ڏسندو رهيو ۽ سندن صورت جو جائزو ورتائين. ماني کائڻ ڪانپوءِ بحيرا حضور جن کي چيو تہ اي ڇوڪرا تو کي قسم آهي (لات ۽ عزيٰ جو) آئون توکان جيڪو پڇان صحيح طرح ٻڌائجان. حضور جن فرمايو تہ لات ۽ عزيٰ جو قسم وجهي مون کان نہ پڇ. خدا جو قسم مون کي ڪنهن بہ شي سان ايترو بغض ڪونهي جيترو انهن ٻنهي سان آهي. انهي تي بحيرا چيو چڱو خدا جي واسطي مون کي انهن ڳالهين جو جواب ڏي جيڪي آءُ پڇان. حضور صہ جن فرمايو "پڇ جيڪو پڇڻو ائٿي." ان ڪانپوءِ بحيرا ڀاڻ سڳورن کان حالات. ننڊ جي ڪيفيت ۽ ٻيون ڳالهيون پڇندو رهيو ۽ ڀاڻ سڳورا صہ جن جواب ڏيندا رهيا.

انهي کان پوءِ بحيرا ابوطالب کان پڇيو تہ هي ڇوڪرو اوهان جو ڇا ٿئي؟ ابوطالب جواب ڏنس تہ منهنجو پٽ آهي. بحيرا چيو تہ ائين ٿي نہ ٿو سگهي تہ هن جو پيءُ جيئرو هجي. ابوطالب چيو تہ هي منهنجو ڀائيٽو آهي. بحيرا چيو تہ هن جي پيءُ کي ڇا ٿيو هو. ابوطالب جواب ڏنس تہ هي اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ ئي هو تہ سندس پيءُ وفات ڪري ويو. بحيرا پڇيو تہ ٺيڪ ٿو چوين. هاڻي هيئن ڪر تہ هن کي پوئتي ڳوٺ وٺي وڃ ۽ يهودين کان هن کي بچائجانءِ. خدا جو قسم جيڪڏهن هنن (يهودين) هن (حضور پاڪ کي ڏسي اهي



Marfat.com

نشانيون سچائي ورتيون جيڪي مان سچاتيون آهن ته اهي هن کي ضرور نقصان پهچائيندا "ڇا ڪاڻ ته هي اوهان جو ڀائيٽو هڪ عظيم شخصيت جو مالڪ آهي." انهيءَ ڪان پوءِ ابوطالب تڙ تڪڙ ۾ واپار جو ڪم ڪار لاهي واپس مڪي هليو ويو.

پاڻ سڳورا جناب ابوطالب جي سنڀال هيٺ رهيا ايستائين جو جوان ٿيا. انهن عزيزن ۽ واسطيدارن جي نظر داريءَ ڪان وڌيڪ حضور پاڪ صہ جي سنڀال الله جل شانہ ڪري رهيو هو. ان وقت مڪي جي حالت تمام بگڙيل هئي ۽ اهڙي معاشري ۾ ڪو انسان ڇا برائين کان بچي سگهي ٿو؟ خاص ڪري هڪ يتيم ٻار جنهن کي سڌارڻ لاءِ ماءُ پيءُ به نہ هجن.

مگر جيڪڏهن حضور صہ جن جي اخلاق کي ڏسجي ٿو تہ اچرج ۾ پئجي وڃجي ٿو تہ اهڙي معاشري ۾ اهڙو با اخلاق شخص آيو ۽ ڪيئن پاڪ صاف رهي سگهيو؟ اهو صرف ۽ صرف رب جي حفاظت جي ڪري ٿيو. جيئن مشهور آهي تہ جنهن جو رب تنهنجو سڀ.

حضرت علي رضہ جي روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ اسلام کان اڳ.جي زماني ۾ ماڻهو جيڪو ڪجهہ ڪندا هئا انهن ۾ شريڪ ٿيڻ جو خيال منهنجي دل ۾ صرف ٻہ دفعا پيدا ٿيو.

هڪ دفعو مون پنهنجي ساٿي ٻڪرار کي چيو تہ منهنجون ٻڪريون سنڀال آئون بہ مڪي ۾ اهي کيل تماشا ڏسي اچان جيڪي ٻيا ٻار ڏسن ٿا. ان تي هن ڳالهہ مڃي. مان جڏهن اُت پهرين گهر اڳيان شور شرابو ٻڌو تہ خبر پئي تہ هت شادي آهي. اتي اچا ويٺس ئي مس تہ ننڊ اچي وئي. جنهن مهل اک کلي تہ سج لهي چڪو هيو. مان واپس وريس تہ ساٿيءَ مونکان احوال پڇيو جنهن کي مون پوري حقيقت ٻڌائي. ٻي ڏينهن بہ ساڳي ئي خيال سان ساٿيءَ کي ٻڪريون



137010

Marfat.com

سنڀالڻ لاءِ ڏئي آءُ مڪي ۾ داخل ٿيس تہ ساڳو ئي ٻڌائڻ وڃائڻ ٻڌم. آءُ تماشي ڏسڻ لاءِ وينس ئي مس تہ گھري ننڊ وٺي وئي ۽ سج لھڻ تائين ستو پيو هيس. واپس وڃي پنھنجي ساٿيءَ کي ٻڌايم تہ اڄ بہ ڪجھہ ڏسي ڪونہ سگھيس. ان ڪان پوءِ اهڙن تماشن ڏسڻ جو ڪڏهن بہ خيال نہ آيو.



Marfat.com

ڊاڪٽر سيد اسعد گيلاني
مترجم: ڪيپٽن محمد رفيق مورير

# سيت پچار پرينءَ جي

اسان ماڻهن جي اها بدقسمتي آهي جو اسان وٽ دنيا جا عظيم انسان حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جسماني طور تي موجود نه آهن ۽ نه ئي وري موجوده دنيا ۾ اسان هنن مجازي اکين سان سندن زيارت جو شرف حاصل ڪري سگهون ٿا. اسان حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي جمال جي جيڪڏهن ڪا جهلڪ ڏسي به سگهون ٿا ته اها صرف سندن پيغام ۽ ڪارنامن جي آئيني ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿي.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ڪا تصوير موجوده نه آهي ۽ خود به پنهنجي امت کي ان کان باز رکيائون. ڇو ته تصوير جو فتنو ضرور شرڪ کي جنم ڏيئي ها. حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي جيڪڏهن ڪا تصوير موجود به هجي ها ته نه ڄاڻ ان سان گڏ الائي ڪيتريون ڪرامتون ۽ معجزه منسوب ڪيا وڃن ها ۽ ان جي اعزاز ۾ عجيب وغريب رسمون جنم وٺي چڪيون هجن ها ۽ اهو ڏينهن به پري نه هجي ها جڏهن ماڻهو ان جي پوڄا ڪرڻ لڳن ها.

پر ايترو ضرور آهي جو اصحاب ڪرام رضي الله عنهم حضور ﷺ جن جي سراپا کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو اسان وٽ مختلف راوين ذريعي پهتو آهي ۽ هتي ان ئي صورت کي پيش ڪجي ٿو ته جيئن پڙهندڙ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ڪردار کي سمجهڻ کان اڳ ان عظيم انسان جي هڪ جهلڪ به



Marfat.com

پسي سگهن. هي سندن ذات بابت اڌورو تعارف آهي، جيڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

"مان هڪ چانڊوڪيءَ رات ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم کي ڏسي رهيو هوس. پاڻ ان وقت ڳاڙهو جوڙو پايو بيٺا هئا. مون ڪڏهن چنڊ کي پئي تڪيو تہ ڪڏهن ڪين. آخر ڪار ان نتيجي تي پهتس تہ سندن چهرو چنڊ کان وڌيڪ حسين هو" (حضرت جابر رضہ بن سمره)

"خوشيءَ ۾ سندن چهرو اهڙو ڀهڪيو پئي ڄڻ تہ چنڊ جو ٽڪرو هجي. سندن منهن ۾ اهڙي روشنائي ڏسي اسان سندن خوشيءَ جي ڪيفيت کي سمجهي ويندا هئاسين" (ڪعب رضہ بن مالڪ)

"سندن چهري تي چنڊ جهڙي چانڊاڻ هوندي هئي" (براء رضہ بن عازب)

سندن چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر گول هو (هند رضہ بن ابي هالہ)

" چهرو بلڪل گول نہ هو پر ٿوري گولائيءَ ۾ هو" (حضرت علي رضہ)

"پيشاني ڪشادي، ڄاڙا، سنها ۽ گهاٽا ڀرون ٻنهي جي وچ ۾ هڪ رڳ جو اڀار، جيڪا غصي جي حالت ۾ ظاهر ٿي پوندي هئي (هند رضہ بن ابي هالہ)

سندن رنگ نہ چوني وانگر اڇو هو ۽ نہ سانورو، پر ڪڻڪائو رنگ هو، جنهن تي اڇاڻ غالب هئي (حضرت انس رضہ)

چهرو مبارڪ:

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو چهرو مبارڪ، قدوقامت، هلت چلت ۽ مهانڊي جو عڪس جيڪو صدين کان پوءِ



Marfat.com

اسان وٽ پهتو آهي، اهو هڪ اهڙي انسان جو تصور پيش ڪري ٿو، جيڪو ذهانت، شجاعت، صبر و استقامت، سچائي، ديانتداري، بردباري، سخاوت، فرض شناسي، وقار ۽ انڪساري، فصاحت و بلاغت جهڙين انمول صفتن جو مجموعو آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو ارشاد آهي تہ:

"خدا جو خوف ئي چهرن کي روشن ڪندو آهي."

جيئن تہ پاڻ سڳورا ايمان ۽ تقويٰ جا بلند مينار هئا ان ڪري سندن چهرو بہ نور افشان هو.

سندن چنڊ جهڙي چهري لاءِ هڪ قافلي جي معزز عورت جي گواهي سامهون آهي، جنهن ڪان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن اٺ اڌارو ورتو هو:

"اطمينان ڪريو مان انہ شخص جو چهرو ڏٺو آهي، جيڪو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر روشن هو، اهو توهان سان ڪڏهن بہ بي ايماني نہ ٿو ڪري سگهي، جيڪڏهن اهڙي شخص رقم ادا نہ ڪئي تہ مان پنهنجي طرفان پريندڪس" ان ڪان علاوه ٻين اصحابن رضہ جا بيان هيئن آهن. اسان اهڙو خوبصورت شخص نہ ڏٺو آهي. اسان سندن منهن مبارڪ مان روشني نڪرندي ڏٺي آهي. (ابو قرصانہ جي والده)

جڏهن توهان نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي ڏسندؤ تہ ايئن لڳندو ڄڻ سج ايريو آهي. (ربيع رضہ بنت معوذ)

اڇي لالاڻ مٿل (حضرت علي رضہ)

"اڇو پر ٿورو سانورو" (ابوالطفيل رضہ)

"اڇو پر چمڪدار" (هند بن ابي هالہ)

"ڄڻ تہ سندن جسم چاندي مان گهڙيل هجي" (حضرت ابوهريره رضہ)



Marfat.com

اکيون:

"سندن اکيون ڪاريون ۽ اکين جا ڇپرَ وڏا هئا."

(حضرت علي رضہ)

"اکيون ڪاريون ۽ نگاهون جهڪيل، اکين جو ڪنڊ کان ڏسڻ وارو حيادارنہ طريقو هو" (جابر بن سمره)

"اڇي حصي ۾ ڳاڙهيون رڳون نمودار. اکين وارو حصو ڏکهو ۽ قدرتي طرح سرمائي رنگ جو" (جابر رضہ بن سمره)

نڪ:

نڪ ڏکهو هو ۽ ان تي نوراني چمڪ هئي، اهوئي سبب هو جو پهرين نظر ۾ سندن نڪ مبارڪ وڏو معلوم ٿيندو هو- (هند رضہ بن ابي هالہ)

ڳل:

سڌا ۽ هلڪا. هيٺان ٿورو جهڪيل (هند بن ابي هالہ)

ڏند مبارڪ:

"سنها. پاٽيانا. سامهون وارن ڏندن ۾ خوشنما مهارون."

(حضرت انس رضہ)

"ڪلام ڪندا هئا تہ ڏندن مان چمڪ ايندي هئي" (حضرت ابن عباس رضہ)

ڏاڙهي:

" ڀريل ۽ گهاٽي هئي" (هند بن رضہ ابي هالہ)

مٿو مبارڪ:

" وڏو پر مناسب" (هند بن رض ابي هالہ)



Marfat.com

وار مبارڪ:

"ٿورڙو منجهن خم هو (حضرت انس رضہ)

" نہ بلڪل سڌا ۽ نہ وري گهڻا پيچدار (قتاده رضہ)

"ڪهاڻا ۽ ڪڌهن ڪنڌ تائين" (-برا رضہ بن عازب)

"سينڌ وچ ۾ نڪتل هئي" (هند رضہ بن ابي هالا)

مجموعي جسم:

"بند ۽ عضون جي جوڙ جون هڏيون وڏيون ۽ مضبوط هيون."
(هند رضہ بن ابي هالا)

"سندن جسم ٿلهو نہ هو" (حضرت علي رضہ)

" قد نہ گهڻو طويل هو ۽ نہ قليل پر وچولو هو" (حضرت انس رضہ)

" قد ايترو تہ وڏو جو جڏهن ڪنهن مجموعي ۾ بيهن تہ بہ سندن قد نمايان نظر اچي" (براء رضہ بن عازب)

"پيٽ ٻاهر نڪتل نہ هو" (امِ معبد رضہ)

"مان رسول پاڪ کان وڌيڪ ڪو بہ بهادر ۽ طاقتور نہ ڏٺو" (ابن عمر رضہ)

ڪلها ۽ ڇاتي:

"ڇاتي ڪشادي ۽ سينو ۽ پيٽ هموار هئا" (هند رضہ بن ابي هالہ)

"ڇاتي ڪشادي هئي" (براء رضہ بن عازب)

ڪلهن جو وچون حصو گوشت سان ڀريل هو (حضرت علي رضہ)



Marfat.com

**ٻانهون ۽ هٿ:**

"ڪارايون وڏيون، ترِيون ڪشاديون، آڱريون وڏيون ۽ مناسب حد تائين ڊگهيون" (هند رضہ بن ابي هالہ)

"ريشمي يا ڪنهن ٻئي سنهي ڪپڙي جو ڪو حصو يا ڪا اهڙي شيءِ جنهن کي مان ڇهيو هجي ۽ اها حضور صہ جي ترين کان زياده نرم و نازڪ هجي" (حضرت انس رضہ)

**پير:**

"ترين ۽ پيرن تي گوشت هو. ڪمال حد تائين وزني ۽ پير ايترا لسا جو پاڻي نہ بيهي" (هند رضہ بن ابو هالہ)

"ڪڙين تي تمام ٿورو گوشت هو" (جابر رضہ بن سمره)

**لفظي تصوير:**

هونءَ تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪافي دوستن سندن شخصيت کي چٽن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، پر ام معبد رضہ جيڪا تصوير مرتب ڪئي آهي ان جو ڪو جواب ڪونهي. واديءِ هجرت ڏانهن سفر طيءِ ڪرڻ مهل حق جا مسافر جنهن وقت پنهنجي پهرين منزل تي پهتا (غارِ ثور) ۽ اڳتي وڌيا تہ پهرئين ئي ڏينهن قوم خزاعہ جي هڪ ٻڍڙي عورت جو خيمو آين. اها عورت نيڪ ۽ صالح هئي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن ساٿي اجارا هئا اتي وڏي معجزي جي ڳالهہ اها ٿي جو هڪ ڏٻري ٻڪريءَ ايترو تہ کير ڏنو جو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ سندن ساٿين پي ڍءُ ڪيو ۽ ڪجهہ کير بچي بہ پيو. ام معبد رضہ جو مڙس جڏهن گهر واپس آيو ۽ کير ڏٺائين تہ تعجب مان پڇيائين تہ هي ڪٿان آيو؟ ام معبد رضہ سڄو احوال ٻڌايس. هو پڇڻ لڳو تہ ان قريشي نوجوان جي منهن مبارڪ جو ڀلا نقشو تہ ٻڌاءِ ڪئي هي اهو



Marfat.com

تہ نہ آهي جنهن جي ڏسڻ جي تمنا دل اندر سانديل آهي. ان تي ام معبد رضہ لفظن ۾ تصوير چٽي. ام معبد کي هن کان اڳ حضور صہ جن سان ڪو تعارف نہ هو ۽ نہ ڪنهن طرح جو ڪو تعلق يا تعصب پر جيئن ڏٺائين سو بيان ڪيائين. اها تصوير ڪجهہ هيئن هئي:

"پاڪيزه منهن، ڪشادو چهرو، وڻندڙ عادتون، نہ پيٽ ٻاهر نڪتل نہ مٿي جا وار وڪريل، صاحب جمال، اکيون وڏيون ۽ ڪاريون، وار وڏا ۽ گهاٽا. آواز ڳورو، گردن اوچي، ۽ سرمائي اکيون، سنها ۽ جاڙا ڀرون، ڪارا جهڪيل وار پر سڀ مانائتا ۽ شان وارا، پري کان ڏسڻ سان خوبصورت ۽ دلفريب ويجهي کان نهايت وڻندڙ ۽ حسين، نازڪ ڪلام، واضع لفظ، ڳالهہ نندي پر مقصد گهٽو. سڄي گفتگو موتين جي هڪ تڙ. وچولو قد، نہ وري ايڏو ڊگهو جو اک کي ان کان نفرت ٿئي، دوست اهڙا جو هر وقت ان وٽ رهجي، جڏهن هو ڪجهہ چوي تہ ان کي سڀ خاموشي ۽ غور سان ٻڌن، جڏهن حڪم ڏيئي تہ سڀ تعميل لاءِ تکڙ ڪن. مخدوم ۽ مطاع، نہ ڪم گو ۽ نہ فضول گو."



Marfat.com

# وانڪ لعليٰ خلق عظيم

رسول اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن سڄي انسانذات لاءِ بهترين نمونو آهن، جنهن وجود کي پوري اولاد آدم لاءِ قيامت تائين اسوه حسنه قرار ڏنو ويو اهو ڪو ٻيو نہ آهي پر احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ، رحمت للعلمين، هادي برحق ۽ خلق عظيم جا مالڪ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن آهن. قرآن شريف ۾ آهي تہ:

”(اي پيغمبر) اها خدا جي وڏي رحمت آهي جو تون انهن لاءِ نرم مزاج واقع ٿئين-جيڪڏهن سخت دل هجين ها تہ اهي ماڻهو توکان پري ٿي وڃن ها.“

پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي بعثت جو سبب بيان ڪندي فرمائين ٿا: ”مونکي حُسن اخلاق جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي“.

هڪ دفعي امام حسينؓ رضہ حضرت علي رضہ کان پاڻ سڳورن صہ جن جي اخلاق جي باري ۾ پڇيو تہ حضرت علي رضہ جن فرمايو:

”پاڻ صلي الله عليہ وسلم نرم مزاج ۽ مهربان طبيعت جا مالڪ هئا، پاڻ سخت مزاج ۽ تنگدل نہ هئا. ڪڏهن بہ خراب نہ ڳالهايائون. پنهنجي نفس مان ٽن شين کي خارج ڪري ڇڏيو هئائون: (۱) بحث مباحثو (۲) ضرورت کان وڌيڪ ڳالهائڻ (۳) فضول ڳالهيون. پاڻ ڪريم صہ جن ڪنهن کي بہ برو ڀلو ڪونہ چوندا هئا. ڪنهن جا بہ عيب نہ ڳوليندا هئا. پاڻ سڳورا ٻين جي واتان پنهنجي



Marfat.com

تعريف بہ ٻڌڻ پسند نہ ڪندا هئا".

پاڻ سڳورن جي زندگي جا ايترا پهلو آهن جو انهن جي بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. پاڻ سڳورا اعليٰ سيرت جا مالڪ هئا. پاڻ سڳورا خوش اخلاق هوندا هئا. سندس منهن مبارڪ تي اهڙي ڪيفيت طاري هوندي هئي جو هر ڏسڻ واري تي لطف ۽ شفقت جو اثر پوندو هو. هر هڪ کي نرمي سان سمجهائيندا هئا. نهايت پر وقار نموني سان گفتگو ڪندا ها. پاڻ صہ جڏهن بہ سوار هوندا هئا ۽ ڪو صحابي رستي ۾ ملندو هئن تہ ان کي پاڻ سان گڏ سوار ڪندا هئا.

ان عظيم انسان جي سيرت کي اسان ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪيون جيڪو رحمت ۽ ڪرم جو مجموعو آهي. پاڻ صلعم جن ان ماڻهو کي بہ معاف فرمايو جنهن سندن پياري چاچي حضرت حمزه رضہ جي لاش جا مختلف عضواٴ ڪٽي ۽ سندس جگر چٻاڙيو هو.

ان انسان جي سيرت جي ڇا تعريف ڪريون جيڪو ڪافرن جي وچ ۾ رهي ٿو، سيئي ڪافر سندس خلاف آهن-پر جڏهن پاڻ ۾ وڙهن ٿا تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم کان فيصلو ڪرائڻ ٿا اچن ۽ سندن خلاف هوندي بہ ڪيس "امين" "ديانتدار" ۽ "سچار" جا لقب ٿا ڏين ۽ پنهنجون امانتون پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن وٽ رکن ٿا.

پاڻ صلي الله عيلہ وسلم جن جي زندگي جو هڪ اهڙو پهلو بہ آهي جو جنهن سماج ۾ پاڻ رهن ٿا اتي غلام سان تمام برو ورتاءُ ٿو ڪيو وڃي، پر پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن انهن غلامن تي بہ پنهنجي شفقت جو هٿ رکن ٿا ۽ فرمائين ٿا:

"توهان جا غلام توهان جا ڀائر آهن، جيڪو پاڻ کائو اهوئي انهن کي کارايو ۽ جيڪو پاڻ پايو اهوئي هنن کي پهرايو".

پاڻ سڳورن کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو جڏهن پاڻ ڏسندا هئا تہ



Marfat.com

غلامن کي غلام ۽ ٻانهو ڪري سڏيو پيو وڃي. ﷺ فرمايائون:

"انهن کي غلام ۽ ٻانهو ڪري نہ سڏيو پر انهن کي ﭘﻨﻬﻨﺠو ٻاءُ ڪري سڏيو".

ﷺ غلامن کي آزاد ڪرائيندا هئا.

ﷺ خدا کي ايترا پيارا هئا جو جيڪڏهن سڄي دنيا جي دولت گهرن ها تڏهن بہ الله تعاليٰ کين ڏئي ڇڏي ها. پر تنهن هوندي بہ هميشہ اها دعا ڪندا هئا تہ" ياالله مون کي مسڪين زنده رک، مسڪين ڪري مار، ۽ مسڪينن سان مونکي حشر جي ڏينهن اٿارجان".

ﷺ جي سيرت ۾ هڪ اعليٰ ۽ عمدو سبق موجود آهي، جو جنهن رستي تان ﷺ جن گذرندا هئا ان رستي تي هڪ عورت ڪنڊا وڇائيندي هئي، جڏهن هڪ دفعو ﷺ گذرن ٿا تہ اتي ڪنڊا نہ ڏسي پريشان ٿا ٿين ۽ پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿو ٿئي تہ اها عورت بيمار ٿي پئي آهي. ﷺ بجاءِ ان جي جو ان تي ڪاوڙ ڪن، ان کان پڇڻ وڃن ٿا. ﷺ جو اهو اخلاق ڏسي اها عورت مسلمان ٿي وڃي ٿي.

اسان ان عظيم انسان جي سيرت کي ڪهڙو نالو ڏيون، جيڪو ايترا ڏک ۽ پريشانيون برداشت ڪري بہ پٺ پاراتو نہ ٿو ڏئي، ۽ هميشہ خدا کان اهائي دعا گهري ٿو تہ " ياالله انهن کي معاف فرماءِ ڇو جو هي مون کي نہ ٿا سڃاڻن".

ﷺ نهايت ئي خوش مزاج ۽ فياض طبيعت جا مالڪ هئا. ﷺ عدل و انصاف ۽ مهمان نوازي شرم و حيا، عزم و استقلال ۽ شجاعت جا پيڪر هئا.

"بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر"



Marfat.com

شاهہ ولي الله محدث دهلوي رح

ترجمو: انيس گل عباسي

صلي الله عليہ وسلم

# حضور اڪرم

# جن جا اخــلاق مـبارڪ

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي اخلاق جي باري ۾ حضرت عائشہ صديقہ کان سوال ڪيو ويو تہ انهن فرمايو تہ ”حضور صہ جن جو خلق قرآن هو.“

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي ناراضگي ۽ خوشنودي قرآن جي مطابق هوندي هئي (يعني قران مجيد ۾ جن ماڻهن تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي، انهن تي خوش ٿيندا هئا. ۽ جن تي ناراضگي جو اظهار آهي انهن تي ناخوش). پنهنجي ڪري ڪنهن تي ناراض نہ ٿيندا هئا ۽ نہ پنهنجي ذات جي لاءِ بدلو وٺندا هئا. جڏهن غصو فرمائيندا هئا تہ ڪوئي بہ شخص غصي جو تاب جهلي نہ سگهندو هو ۽ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن سڀ کان وڌيڪ بهادر ۽ سيني کان وڌيڪ سخي هئا. ڪڏهن بہ اتفاق نہ ٿيو تہ ڪا بہ شي طلب ڪئي وئي هجي ۽ پاڻ صہ جن انڪار فرمايو هجي. رات جي وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جي گهر مبارڪ ۾ ڪو بہ درهم ۽ دينار باقي نہ رهندو هو ۽ اگر ڪڏهن ڪجهہ بچي پوندو هو ۽ مستحق نہ ايندو هو تہ گهر ۾ داخل نہ ٿيندا هئا. جيسين تائين حقدارن کي نہ پهچائي ڏيندا هئا. پاڻ سڳورن عطيہ الاهي يعني بيت المال مان اهل بيت جي لاءِ ارزان ترين جنس جهڙوڪ ڪارڪن ۽ جَوَن وغيره جي هڪ سال جي خرچ کان وڌيڪ ڪڏهن قبول نہ فرمايو ۽ ان مان بہ ايتري قدر ٻين نادارن کي ڏيندا هئا جو سال ختم ٿيڻ کان اڳ ڪن وقتن تي پاڻ نادار ٿي ويندا هئا.



Marfat.com

حضور صلي الله عليہ وسلم ڳالهائڻ ۾ سڀني انسانن کان وڌيڪ سچا ۽ سڀني کان وڌيڪ پابند وفا ۽ خصلتن ۾ سڀ کان وڌيڪ نرم ۽ محبت ۾ بهترين ۽ انتهائي بردبار ۽ ڪنواري ۽ پردي دار ڇوڪريءَ کان وڌيڪ باحيا هئا.

پاڻ اکيون هيٺ رکندا هئا ۽ گهڻو ڪري اک جي پاسي وتان ماڻهن تي نظر وجهندا هئا ۽ نهايت وضعدار هئا ۽ هر هڪ ادنيٰ ۽ اعليٰ، آزاد ۽ غلام جي دعوت قبول فرمائيندا هئا ۽ مخلوق جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ شفيق هئا. ايتري قدر جو ٻليءَ جي لاءِ بہ پاڻي جو ٿانو پاسيرو جهليندا هئا ۽ جيسين تائين اها سيراب نہ ٿيندي هئي تہ ٿانو پاسيروئي جهليو رکندا هئا. پاڻ سڀني کان وڌيڪ پاڪ دامن هئا ۽ شهوتون ۽ لذتون سندن نفس مبارڪ تي حاوي نہ هيون.

پاڻ سڳورا پنهنجي دوستن جي سڀ کان وڌيڪ عزت فرمائيندا هئا. جڏهن اصحاب سڳورن جي وچ ۾ ويٺا هوندا هئا تہ پير مبارڪ ڊگها نہ ڪندا هئا. جنهن مجلس ۾ تنگي ٿيندي هئي تہ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن بہ پاڻ کي سوڙهو ڪري جڳهہ کي ڪشادو ڪندا هئا. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي ويجهو ويٺل ساٿيءَ کان ڪڏهن بہ گوڏا اڳتي نہ ڪيائون. جيڪو شخص حضور صلي الله عليہ وسلم کي پري کان ڏسندو، رعب ۽ حشمت محسوس ڪندو هو ۽ جيڪو ساڻن صحبت ۽ همنشيني حاصل ڪندو هو ان کي ڪائنن محبت ۽ الفت ملندي هئي. اصحاب ڪرام رضہ هميشہ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي صحبت ۾ جمع رهندا هئا ۽ جڏهن بہ حضور صلي الله عليہ وسلم ڪجهہ ارشاد فرمائيندا هئا تہ ان کي ٻڌڻ جي لاءِ ڪن ڏيندا هئا. جڏهن ڪو حڪم صادر فرمائيندا هئا تہ هر هڪ ان کي پورو ڪرڻ ۾ اڳ ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پاڻ سڳورا جنهن سان ملاقات ڪندا هئا تہ سلام جي شروعات خود ڪندا هئا. ۽ ٻارن



Marfat.com

سان ملاقات وقت لباس جي زينت ۽ ڌيان ڏيڻ فرمائيندا هئا ۽ اصحاب ڪرام کان حال احوال معلوم ڪندا هئا. اگر ڪوئي بيمار ٿي پوندو هو تہ ان جي عيادت فرمائيندا هئا ۽ اگر ڪوئي سفر تي ويندو هو تہ ان لاءِ دعا فرمائيندا هئا. جيڪو مري ويندو هو تہ ان لاءِ اِناَلله وَاناَاِليہِ راجِعونَ پڙهندا ۽ دعا فرمائيندا هئا، ۽ پنهنجي پيارن ۽ دوستن جي باغن ۾ ويندا هئا ۽ انهن جون دعوتون قبول فرمايئندا هئا ۽ قوم جي سردارن ۽ قبيلن کي آئت ڏيندا هئا ۽ دلجوئي ڪرڻ فرمائيندا هئا. ڪمال رکندڙن مڪمل انسانن جي نهايت عزت فرمائيندا ۽ هر هڪ سان مرڪندڙ منهن سان پيش ايندا هئا. عذر پيش ڪندڙ جو عذر قبول فرمائيندا هئا. سچي ڳالهہ چوڻ ۾ هر هڪ اعليٰ توڙي ادنيٰ طاقتور يا ڪمزور آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي نظر ۾ برابر هو. پاڻ سڳورا ڪنهن بہ شخص کي پنهنجي پويان هلڻ نہ ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، تہ "منهنجي پٺت فرشتن لاءِ خالي رهڻ گهرجي." حضور صلي الله عليہ وسلم جو ڪوبہ همراهہ جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن سواريءَ تي هلي رهيا هجن تہ پيدل هلي نہ سگهندو هو بلڪہ ان کي ضرور پاڻ سان گڏ سوار ڪندا هئا ۽ اگر سوار نہ ٿيڻ تي ڪو اصرار ڪندو هو تہ ان کي فرمائيندا هئا تہ پنهنجي منزل ڏانهن مونکان اڳ ۾ هليو وڃ. پاڻ سڳورا پنهنجي خادمن جي پڻ خدمت ڪندا هئا، ايتري قدر جو پنهنجي غلامن ۽ ڪنيزن سان بہ کائڻ پيئڻ ۾ امتياز نہ رکندا هئا.

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنہ فرمايو تہ مان حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ تقريباً ڏهہ سال رهيس، خدا جو قسم سفر ۽ حضر ۾ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم مونکان تمام وڌيڪ منهنجي خدمت فرمائيندا هئا ۽ ڪڏهن ان عرصي ۾ مونکي اف بہ نہ چيائون ۽ نہ ڪڏهن تنگدلي ۽ ناخوشيءَ جو ڪو ويڻ چيائون ۽ جيڪو ڪم مان ڪري وينس تہ ان تي ڪڏهن بہ اهو نہ چيائون تہ ڇو ڪيٺہ ۽



Marfat.com

جيڪو ڪم نہ ڪيم تہ ايئن نہ چيائون تہ اهو ڇو نہ ڪيئہ!

هڪ ڀيري حضور صلي الله عليہ وسلم سفر ۾ هئا. هڪ ٻڪري پچائڻ جو حڪم فرمايائون، اصحاب مان هڪ شخص چيو تہ ان کي ذبح ڪرڻ منهنجي ذمي آهي، ٻئي شخص کل لاهڻ ۽ ٽئين پچائڻ جو ذمو کنيو. آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ ڪاٺيون ميڙڻ منهنجي ذمي آهي، ان جماعت عرض ڪيو تہ بجاءِ اوهان جي اسين ان ڪم کي انجام ڏينداسين. پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو تہ مان ڄاڻان ٿو تہ منهنجي جڳهہ تي اوهان اهو ڪم ڪري وينديؤ پر ڪنهن امتيازي ۽ خصوصي شان کي مان پنهنجي لاءِ پسند نہ ٿو ڪريان ۽ الله تعالى پنهنجي بندي جي ان عادت کي ناپسند فرمائي ٿو تہ هو پنهنجي دوستن سان امتيازي سلوڪ رکندو هجي. تنهنڪري پاڻ سڳورا ويا ۽ ڪاٺيون ميڙيائون.

ٻي روايت آهي تہ آنحضرت صلي الله عليہ وسلم هڪ ڏاچيءَ تي سوار هئا. هڪ جڳهہ تي نماز جي لاءِ هيٺ لٿا ۽ پوءِ ڏاچيءَ وٽ وڃڻ لڳا. اصحاب رضہ عرض ڪيو تہ يارسول الله اوهان ڪيڏانهن پيا وڃو؟ فرمايائون تہ ”پنهنجي ڏاچيءَ جا پير ٻڌڻ وڃي رهيو آهيان.“ اصحاب ڪرام رضہ عرض ڪيو تہ يارسول الله! اسين ان خدمت کي انجام ڏينداسين. ارشاد فرمايائون تہ ”اوهان مان ڪوئي بہ شخص پنهنجي ٻئي ساٿيءَ کان معمولي مدد جي بہ خواهش نہ رکي، چاهي اهو هڪ ڏنڊڻ جو ٽڪر ئي ڇو نہ هجي.“

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن اٿندي، ويهندي الله جو ذڪر فرمائيندا هئا ۽ جڏهن بہ ڪنهن مجلس ۾ ويندا هئا تہ جنهن بہ هنڌ جڳهہ ڏسندا هئا اتي ويهندا هئا. اتي نمايان (خاص) جڳهہ تي ويهڻ جي ڪوشش نہ فرمائيندا هئا.

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم پاڻ سان گڏ ويٺلن سان هر



Marfat.com

هڪ جي درجي مطابق خيال رکندا هئا. مجلس ۾ ويٺل ڪوئي شخص اهو نہ سمجهندو هو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم ڪنهن ٻئي ڪي ان کان وڌيڪ عزت ڏئي رهيا آهن. يعني هرهڪ سان اهڙي جوش ۽ بشاشت سان پيش ايندا هئا جو هر شخص پنهنجو پاڻ کي ان محفل ۾ وڏو مانائتو سمجهندو هو.

جيڪو شخص حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو، جيسين تائين اهو اٿي هليو نہ ويندو هو ان وقت تائين پاڻ سڳورا ان وٽان نہ اٿندا هئا ۽ جيڪڏهن اتفاقاً ڪا ضرورت در پيش ايندي هئن تہ ساڻ ويٺل کان اجازت وٺي اٿندا هئا ۽ ڪنهن جي آڏو ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪندا هئا جنهن کي اهو ناپسند ڪندو هجي، ۽ ڪنهن بہ شخص جي بي ادبي ۽ بدنيتيءَ جو جواب بي ادبي ۽ بدنيتي سان نہ ڏيندا هئا، بلڪہ در گذر فرمائيندا هئا. بيمارن جي عيادت فرمايندا هئا، غريبن کي دوست رکندا هئا ۽ انهن سان گڏ ويهندا هئا ۽ انهن جي جنازن ۾ ويندا هئا. ڪنهن بہ غريب کي ان جي غربت جي ڪري گهٽ نہ سمجهندا هئا ۽ نہ ڪنهن وڏي کان وڏي بادشاهہ کان ان جي بادشاهي جي ڪري رعب ۾ ايندا هئا. خدا جي ڏنل نعمت، چاهي اها ڪيتري بہ گهٽ ڇو نہ هجي ان کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ ان کي ڪنهن پاسي پهلوءَ کان خراب يا گهٽ نہ سمجهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪنهن کاڌي مان عيب نہ ڪڍندا هئا، بلڪہ ان کاڌي ۾ جيڪڏهن رغبت ٿيندي هئن تہ کائيندا هئا نہ تہ ان کي ڇڏي ڏيندا هئا.

پاڻ سڳورا صہ پاڙيسرين جي حالات کان باخبر رهندا هئا ۽ مهمانن جي سنڀال لهندا هئا ۽ سندن بي حد تڪريم ڪندا هئا. آنحضرت صلي الله عليہ وسلم سڀني ماڻهن کان وڌيڪ کلمک هئا ۽ خنده پيشاني ۽ مرڪ جي ڪري سندن منهن مبارڪ روشن رهندو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جو ڪوئي وقت خداوند ڪريم جي



Marfat.com

عبادت ۽ ضروري ڪم کان سوا نہ گذرندو هو. پاڻ سڳورن کي ڪڏهن ٻن ڪمن مان ڪنهن هڪ کي اختيار ڪرڻ جو موقعو ملندو هو تہ پاڻ آسان ترين عمل کي اختيار فرمائيندا هئا. پر اگر آسان ۾ قطع رحمي جو خدشو ٿيندو هئن تہ ان کان عمدي طريقي تي عمل فرمائيندا هئا. جتي مبارڪ جيڪڏهن ڇڇي پوندي هئي تہ پنهنجن پاڪ هٿن سان ان کي ٽوپو ڏيندا هئا ۽ پنهنجن ڪپڙن کي چتيون بہ خود ئي هڻندا هئا.

پاڻ سڳورن گهوڙي، خچر، گڏهہ ۽ اٺ سيني تي سواري ڪرڻ فرمائي. پنهنجي ڪنهن بہ غلام يا ڪنهن ٻئي شخص کي بنا حجاب پاڻ سان گڏ سوار ڪرڻ فرمائيندا هئا. قميص جي ٻانهن يا چادر مبارڪ سان پنهنجي گهوڙي جو منهن صاف ڪرڻ فرمائيندا هئا.

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم نيڪ نالي سان خوش ٿيندا هئا ۽ خراب سوڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا-نيڪ نالي مان مراد آهي تہ جڏهن ڪوبہ شخص ڪوبہ ڪم ڪرڻ تي راضي ٿئي ۽ ڪوئي خير جو ڪلمو ان جي ڪن تي پهچي، مثلا ڪوئي چوي تہ اي سڌي راهہ تي هلڻ وارا، اي سلامت رهڻ وارا تہ ان کي ٻڌڻ سان خوش ٿئي ۽ بد فال اها آهي تہ ڪنهن ڪم ڪرڻ وقت ڪو نامناسب آواز ٻڌڻ ۾ اچي، مثلا حيوانن جو سڄي يا کٻي پاسي کان گذرڻ يا ڪانوَ جو ڪان ڪان ڪرڻ وغيره تہ ان کي خراب سمجهي.

جڏهن بہ ڪا شيءِ طبيعت کي وڻندي هئن تہ الحمد لله رَب العالمين چوڻ فرمائيندا هئا ۽ جڏهن ڪا ناپسنديده ڳالهہ پيش ٿيندي هئي تہ ارشاد فرمائيندا هئا" الحَمدلله عَلي كُلِ حَال (هر حال ۾ الله جو شڪر آهي). جڏهن ڪاڌو ڪائڻ کان پوءِ سندن آڏو ٿانو ڪنيا ويندا هئا تہ فرمائيندا هئا "اَلحَمدُ للهِ الذِي اطعَمنَا وَسقَانَا وَجعلنَا من المسلِمِين" (شڪر آهي الله تعاليٰ جو جنهن اسان کي ڪاڌو ڪارايو ۽



Marfat.com

پاڻي پيئاريو ۽ سيراب ڪيو ۽ مسلمان بڻايو).

اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا ۽ الله جو ذڪر وڌيڪ ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ اجايون ڳالهيون بلڪل نہ ڪندا هئا. نمازون طويل ۽ خطبا مختصر فرمائيندا هئا. ۽ هڪ مجلس ۾ سو سو ڀيرا الله تعاليٰ کان معافي گهرڻ فرمائيندا هئا. نماز ۾ ان حد تائين ليلائيندا، ٻاڏائيندا هئا جو ڇاتي مبارڪ مان ٽامي جي ديڳڙي جي ٽهڪڻ جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم هر سومر ۽ خميس جو اڪثر روزو رکندا هئا ۽ هر مهيني ۾ ٽي روزا (ايام ابيض يعني تيرهن، چوڏهن ۽ پندرهين تاريخ) ۽ عاشوره جو (يعني ڏهين محرم) جو بہ روزو رکندا هئا ۽ شايد ئي ڪڏهن ائين ٿيو هجي تہ پاڻ سڳورن جمعي جو روزو نہ رکيو هجي شعبان جي مهيني ۾ سواءِ رمضان مبارڪ جي سيني مهينن کان وڌيڪ روزا رکندا هئا. سندن مبارڪ ذات جي سڀ کان وڏي خاصيت اها هئي تہ جڏهن آرام فرمائيندا هئا تہ سندن اکيون مبارڪ بند رهنديون هيون پر پاڪ دل وحيءَ جي انتظار ۾ بيدار ۽ خداوند ڪريم ڏانهن رجوع ۽ مشغول رهندي هئي.

حضور اڪرم صلي عليہ وسلم جن جي ننڊ ڪرڻ وقت ساه جو آواز تہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو، پر کونگهرن جو آواز ڪڏهن بہ نہ ٻڌو ويو. ڪو اڻ وڻندڙ خواب ڏسندا هئا تہ "هُوَ الله لَاشَرِيڪَ لہ" ارشاد فرمائيندا هئا ۽ جڏهن سمهڻ چاهيندا هئا تہ "رَب قِنِيُ عَذابڪَ يومَ تَبعثَ عِبادڪ" ۽ جڏهن سجاڳ ٿيندا هئا تہ "الحَمدُللهَ الذِي اَحيانَاَ بَعدَ مَا اَماَتَنا واِليہِ النشور" فرمائيندا هئا.

پاڻ سڳورا صدقي جي طور تي ڏنل شيءِ نہ کائيندا هئا، البتہ تحفي ۾ ڏنل شيءِ قبول فرمائيندا هئا. ۽ جيڪو شخص آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ تحفو موڪليندو هو تہ آنحضرت صلي



Marfat.com

الله عليہ وسلم جن بہ ان کان بھتر يا ان جھڙو تحفو ان شخص کي عنايت کندا ھئا ۽ کائڻ جي شين ۾ ڪڏھن بہ تکلف نہ کندا ھئا. بک جي شدت ۽ بي وقت ڪمزوري کان بچڻ جي لاءِ پيٽ مبارک تي پٿر ٻڌي ڇڏيندا ھئا. الله تعاليٰ حضور اکرم صلي الله عليہ وسلم کي زمين جي خزانن جون چاٻيون عطا ڪيون تہ قبول نہ ڪيائون ۽ آخرت کي قبول فرمايائون- آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن ماني سان سرکو کائڻ فرمايو ۽ چيائون تہ سرکو سٺو ھوڙ (ڀاڃي) آھي. پاڻ سڳورا ڪڪڙ ۽ سرخاب جو گوشت بہ کائڻ فرمايو-پاڻ سڳورن سبزيءَ ۾ ڪدو کي پسند فرمائيندا ھئا ۽ ٻکري جي دستيءَ جي گوشت کي ٻڻ ارشاد فرمايائون تہ زيتون جو تيل کائو ۽ ان کي بدن تي مليو چو تہ اھو ھڪ بابرکت وڻ آھي.

آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن تن آگرين سان کاڌو کائڻ فرمائيندا ھئا ۽ کائڻ کان پوءِ انھن آگرين کي چٽي ڇڏيندا ھئا. پاڻ سڳورن جَوَنِ جي ماني سڪل ۽ تازين کارکن ۽ گدري سان گڏ کائڻ فرمائي ۽ ونگي يا کيرو ڀيسيل کارکن سان گڏ ۽ کارکن کي مکڻ سان ملائي کائڻ فرمائيندا ھئا ۽ مٺائي ۽ ماکي کين تمام گھڻو پسند ھئي ۽ پاڻي ويھي ۽ ٽن ساھين ۾ پيئندا ھئا ۽ ھر ساھيءَ پاڻي جي ٿانو کي منھن مبارک کان جدا ڪرڻ فرمائيندا ھئا ۽ جڏھن بچيل پاڻي اصحاب رضي الله عنھم کي عنايت فرمائيندا ھئا تہ ساڄي پاسي کان شروعات کندا ھئا.

ھڪ ڀيري آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن کير پيئڻ فرمايوتہ اصحاب ڪرام رضہ کي ارشاد فرمايائون تہ "جنھن وقت کائڻ جي شين مان ڪا شيءِ حاصل ڪيو تہ "اَللّٰھُمَّ ارزقنا خَيراً مِنہٗ" چوڻ گھرجي ۽ فرمايائون تہ "کائڻ جي شين مان سواءِ کير جي ڪابہ اھڙي شي نہ آھي جو کائڻ ۽ پيئڻ ٻنھي جي جڳھہ وٺي سگھي يعني قائم مقام بڻجي سگھي."



Marfat.com

سيد ابوالاعليٰ مودودي رح
ترجمو: بخت علي سانگي

صلي الله عليہ وآله وسلم

# حضور اڪرم
# جن جي نبوي ۽ بشري حيثيت

جيڪي ماڻهو اسلام قبول ڪن ۽ امت مسلم ۾ داخل ٿين، انهن لاءِ رسول صلي الله عليہ وسلم جن جي حيثيت صرف پيغام پهچائڻ واري جي ناهي، بلڪ انهن لاءِ هڪ معلم ۽ مربيءَ جي پڻ آهي، تہ اسلامي زندگي جو مثال بہ آهي ۽ اهڙو امير بہ آهي جنهن جي اطاعت هر زماني ۾ بنان ڪنهن حجت جي لازم آهي.

معلم مربي ۽ ماڊل:

معلم جي حيثيت سان رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو اهو ڪم آهي تہ پيغام الهي جي تعليمات ۽ انهن جي تشريح ۽ وضاحت ڪن.

مربي هجڻ جي حيثيت قرآني تعليمات ۽ قانونن جي مطابق مسلمانن جي تربيت ڪرڻ ۽ انهن جي زندگي ان سانچي ۾ سمائڻ آهي-ماڊل هجڻ جي حيثيت سان انهيءَ جو ڪم اهو آهي تہ پاڻ قرآني تعليم جو مجسمو ٿي ڏيکاري جيئن سندس زندگي جي ٺيڪ ٺاڪ تصوير هجي جيڪا ڪتاب الله جي مقصد مطابق هڪ مسلمان جي زندگي هجڻ گهرجي.

رسول جي حيثيت صرف مبلغ جي نہ پر انهن جي ليڊر، فرمانروا، قانون ساز، قاضي، معلم، مربي ۽ واجب التقليد شخصيت جي حيثيت آهي جيڪا تفريق محمد بن عبدالله جي بحيثيت انسان ۽ محمد رسول الله جي بحيثيت مبلغ ۾ آهي. اها قرآن شريف مان هرگز



Marfat.com

ثابت نہ ٿي ٿي سگهي- قرآن مجيد ۾ جيڪا بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي حيثيت بيان ڪئي وئي آهي اها رسول ۽ نبي جي هجڻ جي حيثيت آهي- جنهن وقت الله تعاليٰ پاڻ صلعم جن کي منصب رسالت تي سرفراز ڪيو ان وقت کان وٺي حيات جسماني جي آخري ساهہ تائين پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم هر آن ۽ هر حال ۾ خدا جا رسول رهيا- پاڻ صلعم جن جو هر قول ۽ هر فعل الله جي رسول جي حيثيت سان هو- ان حيثيت سان پاڻ صلعم جن جي حيثيت مبلغ ۽ معلم جي پڻ هئي تہ مربي ۽ مزڪي جي بہ هئي، قاضي ۽ حاڪم جي بہ هئي تہ امام ۽ امير جي بہ هئي جيتوڻيڪ پاڻ صلعم جن نجي ۽ خانداني ۽ شهري زندگيءَ جا سمورا معاملا پڻ ان ساڳي حيثيت سان اڪلائيندا هئا ۽ انهن تمام حيثيتن ۾ پاڻ صلعم جن جي پاڪ زندگي هڪ اهڙي ڪامل انسان ۽ مسلم قائد ۽ صادق مومن جي زندگيءَ جو نمونو هئي، جنهن کي الله تعاليٰ هر شخص لاءِ بهترين ۽ قابل تقليد نمونو قرار ڏنو آهي تہ جيئن اسين الله تعاليٰ جي خوشنودي ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون- جيئن تہ قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي "توهان لاءِ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي زندگيءَ ۾ بهترين نمونو آهي." قرآن مجيد ۾ ڪٿي بہ ڪو معمولي اشارو نہ ٿو ملي جنهن مطابق حضور صلي الله عليہ وسلم جي حيثيت رسالت ۽ انساني حيثيت امارت ۾ ڪوئي فرق ڪيو ويو هجي- ۽ اهو فرق ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟ جيئن تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم انهيءَ شريعت جا نمائنده هيا ۽ پاڻ ڪريم صلعم جن جو ڪوئي اهڙو فعل يا قول الله جي رضا جي خلاف نہ هو-

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ اطاعت جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: ١. اطاعت خدا ٢. اطاعت رسول ٣. اطاعت امير.



Marfat.com

١. اطاعت خدا مان مراد قرآن مجيد جي حڪمن جي اطاعت آهي.

٢. اطاعت رسول مان مراد رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي قول ۽ فعل جي پيروي ڪرڻ آهي.

٣. اطاعت امير مان مراد مسلمانن جي امراء ۽ اربابِ حل و عقد جي اطاعت آهي- پهرين ٻن قسمن مطابق قرآن ۾ هڪ جڳهہ نہ بلڪہ ڪيترين جڳهن تي ان امر جي وضاحت ڪئي وئي آهي تہ الله ۽ رسول جي حڪمن خلاف ڪنهن بہ قسم جي سرگوشي ڪرڻ جي گنجائش نہ آهي. مسلمانن جو ڪم صرف ٻڌڻ ۽ اطاعت ڪرڻ آهي- الله ۽ انجي رسول صلي الله عليہ وسلم جي فيصلي ڪانپوءِ ڪنهن بہ مسلمان کي اهو نہ ٿو جڳائي تہ هو پنهنجي معاملي ۾ پڻ ڪو فيصلو ڪري. باقي ٽئين قسم جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ الله ۽ انجي رسول جي حڪمن مطابق امير جي اطاعت آهي- هي ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ ڪانپوءِ اها کوجنا ڪيون تہ نبي جي اطاعت جيڪا اسلام ۾ فرض ڪئي وئي آهي ۽ جنهن تي دين جو دارومدار آهي، اها ڪهڙي حيثيت سان آهي. اها اطاعت ذاتي حيثيت سان هرگز ناهي. بلڪہ قرآن مجيد ان مسئلي کي واضع بيان ڪيو آهي تہ ذاتي حيثيت ۾ نبي بشر آهي. (اي نبي صلي الله عليہ وسلم انهن کي چؤ تہ پاڪ آهي منهنجو رب ڇا مان انکانسواءِ ٻيو ڪجهہ آهيان جو هڪ انسان جنهن کي پيغمبر بڻائي موڪليو ويو.) قرآن مجيد ۾ آهي تہ "هي نبي اهو آهي جنهن کي اسان ڪتاب، حڪم ۽ نبوت عطا ڪئي." حڪم جي مفهوم ۾ فيصلي جي قوت (Judgement) ۽ حڪومت جو اقتدار Authority ٻئي شامل آهن.

"جنهن رسول صلعم جن جي اطاعت ڪئي تنهن ڄڻ الله تعاليٰ جي اطاعت ڪئي." "اسان جيڪو بہ نبي موڪليو آهي انجو مقصد اهو آهي تہ الله جي حڪم سان انجي اطاعت ڪئي وڃي." ان حيثيت سان پاڻ صلعم جن جو حڪم الله جو حڪم آهي ۽ ڪنهن



Marfat.com

ڪي بہ ان ۾ مداخلت ڪرڻ جو حق نہ آهي-

ڪنهن نبيءَ کي الله تعاليٰ ان ڪري هرگز نہ موڪليو آهي تہ اهو ماڻهن کي الله تعاليٰ جي بدران پنهنجو غلام ۽ ٻانهو بڻائي بلڪہ صرف انڪري موڪليو آهي تہ انهن کي الله تعاليٰ جو فرمانبردار ڪري- ” ڪنهن انسان کي اهو هرگز نہ ٿو جڳائي تہ جڏهن الله تعاليٰ ان کي حڪم، ڪتاب ۽ نبوت بخشي تہ اهو چئي تہ الله جي بدران منهنجا ٻانها ٿي وڃو پر اهو چوندو تہ توهان الله جا ٿي وڃو“.

انسان، انسان لاءِ جيڪي فرض ۽ حق مقرر ڪري ۽ جائز ۽ ناجائز حدون بڻايون آهن انهن کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ ئي نبي جو ڪم آهي.

الله تعاليٰ تنهنڪري هر هر ان حقيقت جو اظهار ڪري ٿو تہ جيڪا اطاعت مومن تي فرض ڪئي وئي آهي ۽ جيڪا ايمان جو بنياد آهي ۽ جنهن کان ڪنهن بہ مومن کي انڪار ڪرڻ جو حق ناهي اها حيثيت دراصل نبيءَ جي بحيثيت انسان هرگز ناهي بلڪہ اها نبي جي حيثيت نبيءَ جي اطاعت آهي. يعني ان علم، ان هدايت، ان حڪم ۽ ان قانون جي اطاعت آهي جنهن کي الله تعاليٰ جو نبي الله جي طرفان ان جي ٻانهن تائين پهچائي ٿو. اها دراصل انسان جي اطاعت نہ بلڪہ الله جي اطاعت آهي- جيئن الله تعاليٰ قرآن مجيد جي سورة النساء جي آيت نمبر ١٠٥ ۾ فرمائي ٿو تہ: ”اي نبي اسان توتي بيشڪ ڪتاب نازل ڪيو آهي تہ جيئن تون ماڻهن ۾ حق جو فيصلو ڪرين جيڪو الله توکي ڏيکاريو آهي.“

نبي صلي الله عليہ وسلم جن جي مشن (Mission) جو هڪ حصو اهو بہ آهي تہ الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جو ڳٽ انساني جي ڳچيءَ ۾ وجهن ۽ ٻيو حصو اهو آهي تہ انسان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو ڳٽ انجي ڳچيءَ مان لاهي ڦٽي ڪن. انهن ٻنهي



Marfat.com

ڪمن جي حيثيت برابر آهي. پهرين ڪم جي تڪميل لاءِ ضروري آهي ته نبيءَ جي حيثيت سان پاڻ صلعم جن سڀني مسلمانن کي پنهنجي غير مشروط اطاعت لاءِ مجبور ڪن-ڇاڪاڻ ته پاڻ ڪريم صلعم جن جي اطاعت الله جي اطاعت تي ٻڌل آهي. ان جي مقابلي ۾ ٻئي حصي جي تڪميل لاءِ ايترو ئي ضروري آهي ته سڀ کان پهريائين پاڻ ڪريم صلعم جن ان تي عمل ڪن ۽ پنهنجي سڀني ورتاءَ سان هيءَ حيثيت مسلمانن جي ذهن ۾ ويهارين ته انهن جا روح انسان جي غلاميءَ کان بلڪل آزاد آهن. بهرحال اهو ڪم تمام نازڪ آهي ته هڪ ئي ذات ۾ نبوي حيثيت ۽ بشري حيثيت ٻئي گڏ هجن. مگر الله تعاليٰ جي رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جن الله جي بخشيل حڪمت مطابق ان ڪم کي بهترين نموني سر انجام ڏنو. پاڻ ڪريم صلعم جن هڪ طرف نبي هجڻ جي حيثيت سان اهڙي اطاعت ڪرائي جو دنيا جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن امير جي اهڙي اطاعت نه ڪئي وئي ۽ ٻئي طرف انسان هجڻ جي حيثت سان پاڻ ڪريم صلعم جن پنهنجي پيروي ڪندڙن کي اهڙي آزادي عطا ڪئي جو دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت پسند حڪمران به پنهنجي رعيت کي اهڙي آزادي نه ڏني هوندي. شخصي حيثيت ۾ پڻ نبي نبوي حيثيت جا فرض سرانجام ڏيندو آهي-پاڻ جڏهن شخصي حيثيت سان ڪم ڪندو آهي ته ان وقت پنهنجي پيروي ڪندڙن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيندو آهي ۽ انهن کي سيکاريندو آهي ته انسان جي مقابلي ۾ انهن کي ڪهڙي طرح پنهنجي راءِ کي آزادانه استعمال ڪجي ۽ انهن کي ٻڌائي ٿو ته هر انسان کي پنهنجي راءِ جو آزادانه استعمال ۽ ان جو حق حاصل آهي.

حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "مان به هڪ انسان آهيان-جڏهن مان توهان کي دين متعلق ڪوئي حڪم ڏيان ته انکي مڃيو، ۽ جڏهن مان پنهنجي راءِ ڏيان ته بس مان هڪ انسان ئي



Marfat.com

اهيان". هڪ دفعي حضور اڪرم صلعم جن ماڻهن کي ڪجين ۾ پيوندڪاريءَ کان روڪيو-ماڻهن انهيءَ تي عمل ڪيو. ته ان سان فصل گهٽ ٿيو- تنهن تي حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته: "مان ته صرف پنهنجي گمان مطابق هڪ راءِ ڏني هئي توهان منهنجين انهن ڳالهين کي نه وٺندا ڪريو جيڪي مان پنهنجي گمان مطابق ڪيان. پر جڏهن مان الله تعاليٰ جي طرفان ڪجهه بيان ڪريان ته انکي چنبڙي پئو ڇو جو مان خدا تي ڪوڙ نه ڳالهائيندو آهيان".

جنگ بدر جي موقعي تي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن شروع ۾ جتي خيمه لڳائڻ جو حڪم ڏنو ته اها جڳهه مناسب نه هئي، تنهن تي حضرت حباب رضه بن منذر پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن کان دريافت ڪيو ته توهان ان جڳهه جو انتخاب وحيءَ جي ذريعي ڪيو آهي يا پنهنجي راءِ مطابق ڪيو اٿو؟ تنهن تي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته اها منهنجي پنهنجي راءِ آهي تنهن تي اصحابيءَ فرمايو ته اها جڳهه مناسب ناهي. اسان لاءِ فلاڻي جڳهه مناسب ٿيندي. ان تي حضرت حباب رضه بن منذر جي ڳالهه سيني قبول ڪئي ۽ عمل پڻ ڪيو.

هڪ جماعت جو چوڻ آهي ته اطاعت ۽ پيروي ان پاڪ ڪتاب جي آهي جيڪو رسول صه کڻي ايندو آهي. ڪتاب جي تبليغ ڪانپوءِ رسول جي رسالت واري حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي. ان ڪانپوءِ اهو ٻه ٻين انسانن وانگر انسان آهي. جيڪڏهن ٻيا انسان امير ۽ قوم جا سردار آهن ته صرف نظم و ضبط (Discipline) لاءِ انهن جي اطاعت لازمي هوندي. جيڪڏهن هو قاضي آهي ته انجا فيصلا ان حد تائين محدود هوندا جيستائين ان جي حد آهي- جيڪڏهن هو هڪ نيڪ سيرت انسان آهي ته سندس زندگي پنهنجي طور طريقن، آداب ۽ معاملات جي اعتبار کان هڪ بهترين زندگي آهي ته اسان انکي پنهنجي لاءِ نمونو Model بڻائيندا سين- جهڙي طرح هڪ غير نبيءَ



Marfat.com

بالذات منو ميوو ٿي ٿيندو آهي پر انجي مٿاڻ پڇڻ ڪانپوءِ ٿي ظاهر ٿيندي آهي. قرآن مجيد جي سورة آل عمران جي آيت ١٧٩ ۾ ارشاد آهي ته: "الله جو اهو قاعدو نه آهي ته توهان.کي براه راست غيب جو علم ڏي، بلڪه اهو ان ڪم لاءِ پنهنجي رسولن مان جنهن کي چاهي چونڊيندو آهي. بس ايمان آڻيو الله تي ۽ انجي رسولن تي".

مٿين آيت ۾ عام انسان ۽ نبي جي وچ ۾ فرق ظاهر ڪيو ويو آهي ته نبيءَ تي ايمان آڻڻ ڇو ضروري آهي. الله تعاليٰ جو قاعدو آهي ته پنهنجي غيب جو علم هر انسان تي ظاهر نه ڪندو آهي-بلڪه پنهنجي پيارن ٻانهن مان ڪنهن خاص پياري ٻانهي تي ظاهر ڪندو آهي. تنهن ڪري عام انسانن تي اهو لازم ٿيو پوي ته ان تي ايمان آڻن.



Marfat.com

سيد قطب شهيد

مترجم: مجاهد علي ميرائي

# محمد ﷺ فاتحِ عالم

زمين جي هر هڪ حصي تي ڏينهن ۽ رات ۾ لا الله الاالله محمد رسول الله جا ڪروڙين آواز بلند ٿيندا آهن-اهي آواز چوڏهن سو سالن ۾ نہ خاموش ٿيا آهن ۽ نہ ٿي گهٽ. بادشاهتون بدلجي ويون، حالات بدلجي ويا، پر زماني جي دل ۾ پيوست اهو ابدي آواز تبديل ٿي نہ سگهيو آهي.

فتح جو زنده دليل:

اهي آواز محمد بن عبدالله جي فتح جو زنده دليل آهن. حضور صہ جن جي اها فتح ڪنهن غزوه يا ميدان جنگ جي فوجي ڪاميابي نہ آهي-مڪي جي فتح نہ آهي عرب خطي ڪي فتح ڪرڻ جي تاريخي حقيقت بہ نہ آهي- قيصر و ڪسريٰ کي شڪست ڏيڻ جو عالي واقعو بہ نہ آهي-پر هي اها فتح آهي، جنهن زندگيءَ جي سر ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو-جيڪا تاريخ کي ڦيرائڻ واري آهي-جنهن دنيا جي قسمت تي قبضو ڪيو، ۽ زماني جي دل ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو.

هيءَ اها فتح مي جيڪا مسلمانن جي ڪنهن ڪمزوريءَ سبب ختم نہ ٿي ٿي سگهي. نوان نوان مذهب ۽ فلسفا ان جي قدر ۽ ڊيمت کي گهٽ نہ ٿا ڪري سگهن-زمين جي ڪنهن حصي جو ڪو فرقو ۽ٻئي فرقي تي قابض ٿي وڃي پر ان جي نور کي ختم نہ ٿو ڪري سگهجي. ان ڪري جو ان جو ٻج ڪائنات جي اونهائين ۾ دفن ٿيل آهي ۽ انسان جو ضمير ان تي گواه آهي. اها فتح پنهنجو دليل پاڻ اهي، ان لاءِ ڪنهن دليل يا برهان جي ضرورت ڪانهي.



Marfat.com

اچو تہ اسان ان جي سببن ۽ وسيلن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون، تہ جيئن اڄ وري اسين انهن ذريعن ۽ وسيلن کي اختيار ڪري سگهون.

**قربانين جا منطقي نتيجا:**

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ الله تعاليٰ جي مرضي اها هئي تہ محمد بن عبدالله ڪامياب ٿين، ۽ دين مستقيم کي غلبو حاصل ٿئي، پر الله اهو نہ پيو چاهي تہ ان ڪاميابيءَ کي سولو بڻائي ڇڏي، ۽ نہ وري اهو پيو چاهي تہ ان کي معجزو ناهي ڇڏي جو ڪائي انسان ڪوشش ۽ ذريعو ان کي حاصل نہ ڪري سگهي. تنهن ڪري ان کي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي جدوجهد جو مُنو قل ۽ ان کي حضور صہ ۽ سندن اصحابن جي قربانين جو منطقي نتيجو بڻايو.

تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو شخص معلوم ڪرڻ چاهي تہ رسول الله جن ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي ۽ اسلام کي فتح ڪيئن حاصل ٿي تہ ان کي حضور صہ جن جي شخصيت، سلوڪ، سيرت ۽ جدوجهد جي مطالعي مان معلوم ڪرڻ گهرجي-ان کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪاميابيءَ جو طريقو مقرر ٿيل آهي ۽ ان جا وسيلا موجود آهن-ان جا سبب موجود آهن ۽ ڪو بہ شخص ڪنهن بہ زماني ۾، ڪهڙي بہ جڳهہ ڪامياب ٿيڻ چاهي تہ ان کي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت کي پنهنجي لاءِ نمونو بڻائڻ گهرجي.

**ٽي بنيادي مرحلا:**

محمد صہ بن عبدالله جي ڪاميابيءَ جا ٽي مرحلا آهن. جن ۾ ٻيا مرحلا پوشيده آهن.

١. محمد صہ بن عبدالله ڪاميابيءَ جو پهريون مرحلو ان ڏينهن سر ڪيو جنهن ڏينهن قريش جا سردار ابوطالب وٽ اهو



Marfat.com

مطالبو ڪٿي آيا ته پنهنجي پائيٽي کي روڪي، جنهن انهن جي دين ۽ انهن جي رسمن ۽ انهن جي عقيدن ۾ مداخلت ڪري انهن کي لوڏي ڇڏيو آهي، ان کي انهن جي خدائن جي باري ۾ ڳالهائڻ کان روڪي ۽ ان جي بدلي ۾ جيڪڏهن هو چاهي ته ڪيس مالا مال ڪريون- جيڪڏهن سرداري چاهي ته سرداري ڏيون.

محمد صہ بن عبدالله جن ان ۾ ڪامياب ٿيا-جڏهن پاڻ سڳورن انهن ماڻهن جي ۽ زماني جي ڪنن ۾ ايمان جي چشمن مان نڪرندڙ اها ابدي ڳالهه وڌي ته "خدا جو قسم جيڪڏهن هي ماڻهو منهنجي سڄي هٿ تي سج ۽ کبي هٿ تي چنڊ رکن ته جيئن مان اهو ڇڏي ڏيان، ته مان اهو هرگز نه ڇڏيندس، ايستائين جو مون کي موت اچي وڃي".

ان ئي ڏينهن محمد صہ بن عبدالله ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ قريشن جي اجتمائي ضمير کي اهڙيءَ طرح جهنجوڙيو، جو اهي به قرار حاصل نه ڪري سگهيا-اهو ايمان هو ۽ اهائي طاقت آهي، جيڪا جڏهن انسان جي شعور ۾ جاڳي پوي ته پوءِ ڪابه شيءِ ان کي مغلوب نه ٿي ڪري سگهي.

٢. محمد صہ بن عبدالله جي ڪاميابيءَ جو ٻيو مرحلو طي ٿي ويو ته پاڻ سڳورن پنهنجن اصحابن کي ايمان جي زنده ۽ جاويد تصوير بڻائي ڇڏيو، ۽ انهن مان هر هڪ کي زمين تي ناطق قرآن ۽ مجسم اسلام بڻائي ڇڏيو.

خالي آيتن ۽ قرآن سان ڪجهه به نه ٿو ٿئي، جيڪڏهن انهن تي عمل ڪرڻ وارو انسان نه هجي. نظريه زنده رهي نه ٿا سگهن، جيڪڏهن انهن کي عملي زندگيءَ ۾ اپنايو نه وڃي. محمد صلي الله عليه وسلم جن جو مقصد اهو هو ته صرف انسان تيار ڪن، رڳو نصيحت نه ڪن، دلين ۽ ضميرن کي زنده ڪن، صرف تقريرون نه



Marfat.com

ڪن-هڪ امت جي تعمير ڪن، صرف فلسفو پيش نہ ڪن-محمد صلي الله عليہ وسلم جن جو مقصد اهو هو تہ ان عظيم قرآن جي فڪر ڪي انسانن جي دلين ۾ سمائن ۽ اهي انسان اهڙي زنده حقيقت بڻجي وڃن جو انهن کي هٿ لائي سگهجي ۽ اکيون ڏسي سگهن.

جڏهن اهي انسان زمين جي مشرق ۽ مغرب ۾ ويا تہ ماڻهن ڏٺو تہ اهي بلڪل ڪا نئين مخلوق هئا-پوري انسانيت اهڙي مخلوق کان اڳ ۾ اڻ واقف هئي، ان لاءِ تہ اهي نظرئي جو زنده نمونو هئا، جيڪو ان وقت انسانيت لاءِ غير مانوس ٿي ويو هو-ان وقت ماڻهن ان نظرئي تي ايمان آندو-ان ڪري انهن اهڙن ئي ماڻهن لاءِ ايمان آندو، جيڪي ان نظرئي جو زنده مثال هئا.

٣. اها محمد ﷺ بن عبدالله جي ڪاميابي هئي جو پاڻ سڳورن اسلامي فڪر کي انساني شڪل ۾ آندو، قرآن جا سوين ۽ هزارين نسخا لکيا ويا-پر اهي مس سان ڪاغذن جي صفحات ئي تي نہ لکيا ويا، بلڪہ نور جي ذريعي دلين تي لکيا ويا-ماڻهن جو عمل اهو ظاهر ڪري رهيو هو تہ اهو اسلام ڇا آهي، جيڪو الله جي طرفان محمد ﷺ بن عبدالله آندو آهي. ان محمد ﷺ بن عبدالله جي آخري ڪاميابي اها هئي تہ شريعت اسلاميہ کي زندگي تي حڪمراني ڪرڻ وارو ضابطو، معاشري جي تبديلين جو بنيادي مرڪز ۽ ماڻهن جي معاملن جو حقيقي منتظم بنايو.

اسلام هڪ عقيدو آهي، جنهن جي ٻج مان شريعت جون شاخون ڦٽيون. ان شريعت تي هڪ نظام قائم ٿئي ٿو. جيڪڏهن اسين اسلام کي هڪ وڻ سان تشبيهہ ڏيون تہ عقيدو ان جو ٻج، شريعت ان جي پاڙ ۽ شرعي نظام ان جو ڦل آهي.

پاڙ ٻج کان سوا ڦٽي نہ ٿي سگهي ۽ ان ٻج جي ڪا قدر ۽ قيمت ناهي جنهن مان پاڙ کي ڪو فائدو نہ پهچي جو ڦل نہ ڏي،



Marfat.com

تنهن ڪري اسلام اهو ضروري قرار ڏنو آهي ته شريعت ئي زندگيءَ جي حاڪم هجڻ کپي.

”جن ماڻهن الله جي نازل ڪيل قانون جي مطابق فيصلو نه ڪيو-اهي ڪافر آهن.“ (المائده-۴۴)

دين ۽ حڪومت جي عليحدگي اسلام ۾ نه آهي. ڪائي حڪومت دين کان بغير نه آهي ۽ ڪوئي دين شريعت ۽ نظام کان بغير نه آهي.

اسلامي حڪومت جي قيام جي پهرين ڏينهن کان ئي شريعت اسلاميه ان حڪومت جو دستور عمل آهي-۽ صاحب شريعت ان جا اڳواڻ هئا-ان حڪومت مسلمانن کي اهو موقع به ڏنو. ته هو ظلم جي مقابلي ۾ پنهنجو دفاع ڪري سگهن. ۽ فساد کان پنهنجو پاڻ کي بچائي سگهن ۽ زمين جي هڪ هڪ حصي ۾ اسلام جي جهنڊي هيٺيان محفوظ رهي سگهن.

ان وقت کان اسلام هڪ اجتماعي نظام ٿي ويو. اهو مسلمانن جي تعلقات جو مرڪزي سرشتو هو-اهو انهن لاءِ هڪ اهڙو نظام حڪومت بڻجي ويو. جنهن جي بنياد تي اهي پاڻ سان معاملات حل ڪندا هئا-پوءِ اسلام زمين جي ٻين حصن ۾ ڦهلجڻ لڳو-جتي به ان جو عقيدو پهتو. ان جي شريعت ۽ ان جو نظام به اتي پهتو. جنهن به چاهيو ان ۾ داخل ٿيو ۽ جنهن نه چاهيو. ته ”دين ۾ ڪا زبردستي ڪانهي“. مگر اسلامي شريعت ۽ اسلامي نظام هر ان زمين تي حڪمراني ڪرڻ لڳو. جتي اسلام داخل ٿيو. ماڻهو ان مان انصاف ۽ خير حاصل ڪرڻ لڳا. جنهن جو مزو انهن پهريان ڪڏهن به نه چکيو هو ۽ ان وقت الله پنهنجي رسول سان ڪيل اهو وعدو پورو ڪيو.

”جڏهن الله جي مدد اچي وڃي، ۽ فتح نصيب ٿي وڃي، ۽



Marfat.com

(اي نبي) توهان ڏسندو تہ ماڻهو فوج در فوج الله جي دين ۾ داخل ٿي رهيا آهن، پوءِ پنهنجي رب جي حمد ۽ ثنا سان گڏ ان جي تسبيح بہ ڪريو ۽ ان کان مغفرت جي دعا گهرو، بيشڪ هو وڏو توبہ قبول ڪرڻ وارو آهي."

اسلام ان ڪري فاتح ٿيو جو ان جي عقيدي شريعت جو روپ اختيار ڪيو، ۽ ان شريعت هڪ اهڙو نظام پيدا ڪيو، جنهن ڏانهن ماڻهو مائل ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن کي ان مان ئي پنهنجي دليلن جي راحت ۽ سڪون محسوس ٿيو.

ان وقت محمد ﷺ بن عبدالله ڪامياب ٿي ويا ڇو جو پاڻ سڳورن الله جي شريعت کي نافذ ڪيو جهڙي طرح الله جي مرضي هئي.

هي ان لازوال فتح جا مرحلا هئا، جنهن تي انساني تاريخ جو هڪ هڪ باب شاهد آهي ۽ اڄ ڪروڙين آواز اوپر ۽ اولهہ ۾ ان جا گيت ڳائن ٿا. اهي مرحلا طبعي ۽ حقيقي آهن، اهڙا مرحلا جن تي اسان مسلمان اڄ بہ قدرت رکون ٿا، هي اهي مرحلا آهن جيڪي اسان جي سامهون آهن، اسان ڪوشش ڪريون، انهن کي عمل ۾ آڻيون، ۽ انهن جي ذريعي اها ڪاميابي حاصل ڪريون جيڪا الله پنهنجي انهن ٻانهن لاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي جيڪي الله جي مدد ڪندا آهن،

"الله ضرور انهن ماڻهن جي مدد ڪري ٿو، جيڪي ان جي مدد ڪن ٿا، الله وڏو طاقتوارو ۽ زبردست آهي، هي اهي ماڻهو آهن، جن کي اسان زمين ۾ اقتدار ڏيون تہ هو نماز قائم ڪندا، زڪوات ادا ڪندا، نيڪيءَ جو حڪم ڪندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا ۽ سڀني معاملن جو انجام الله جي هٿ ۾ آهي."



Marfat.com

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان
ترجمو: ارباب علي ٻگهيو

صلي الله عليہ وآلہ وسلم

# رسول اڪرم قرآن جي نظر ۾

حضور انور ﷺ جون فضيلتون ۽ صفتون قرآن پاڪ ۾ جامع انداز ۾ بيان ٿيل آهن - هتي انهن جو مختصر ذڪر ڪري سگهجي ٿو - سورة البقرة (١٥١) ۾ ارشاد آهي؛

"بيشڪ الله تعاليٰ مسلمانن تي تمام وڏو احسان ڪيو ته انهن منجهان ئي هڪ اهڙو رسول ﷺ مقرر ڪيو جيڪو انهن کي الله تعاليٰ جون آيتون پڙهائي ٿو ۽ انهن جو ذڪر فرمائي ٿو ۽ انهن کي قرآن جو علم ۽ حڪمت سيکاري ٿو. جڏهن ته ان کان پهريائين اهي کلي گمراهيءَ ۾ هئا."

مٿين آيت ۾ الله تعاليٰ حضور انور ﷺ جون چار خاصيتون بيان ڪيون آهن؛ ١. هوَ انهن کي قرآن پهچائي ٿو ٢. انهن جي باطني بيمارين جو علاج پڻ ڪري ٿو ۽ انهن کي قرآن مجيد جا ٣. مختلف علم ۽ ۴. حڪمتون به پڙهائي ٿو. اهي علم ۽ حڪمتون نبي ڪريم ﷺ عنايت فرمايون آهن جيڪي چوڏنهن سؤ سال گذرڻ کانپوءِ به نيون ۽ هميشہ لاءِ اٽل آهن-

وري سورة سبا (٢٨) ۾ ارشاد آهي؛

" ۽ اسان توهان کي نہ موڪليو مگر سيني ماڻهن کي خوشخبري ڏيڻ ۽ ڊيڄارڻ لاءِ"

پاڻ سڳورن ﷺ کي سيني ماڻهن يعني سڄي عالم کي هدايت ڏيڻ ۽ برائين جي نتيجن کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي-پاڻ



Marfat.com

کان پهريائين جيڪي به نبي آيا اهي ڪنهن خاص قوم، خاص طبقي خاص ملڪ ۽ ڪنهن مخصوص وقت لاءِ موڪليا ويا هئا پر حضور ﷺ جن تمام قومن ۽ طبقن، تمام ملڪن ۽ تمام زمانن لاءِ آهن-ان لاءِ سورة الانبياء (١٠٧) ۾ ارشاد ٿئي ٿو ته:

"۽ (نبي) توکي اسان نه موڪليو مگر سيني جهانن لاءِ رحمت"

مطلب ته پاڻ ﷺ جن تمام مخلوقات لاءِ رحمت آهن- نباتات، جمادات ۽ حيوانات جا حق به پاڻ ﷺ ئي مقرر فرمايا آهن ۽ اهڙي طرح پاڻ سڄي ڪائنات لاءِ رحمت آهن. سورة الاحزاب ۾ ارشاد آهي ته:

"محمد (صلي الله عليه وسلم توهانجي مردن مان ڪنهنجو به پيءُ نه آهي پرپاڻ ﷺ الله جا رسول آهن ۽ سيني نبين تي مهر آهن ۽ سيني شين کي الله ئي ڄاڻي ٿو." هن آيت ۾ فرمان آهي ته نبي ڪريم ﷺ مردن مان ڪنهنجو پيءُ ناهي يعني پاڻ سڳورن جو نرينه اولاد بالڪل ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو هو ۽ هي به ارشاد آهي ته پاڻ ﷺ ئي رسول آهن ۽ شروع کان هميشه لاءِ اهو منصب پاڻ ﷺ جو آهي ۽ تمام نبين تي مُهر جو مقصد هيءُ آهي ته پيغمبري ۽ رسالت پاڻ ﷺ جن ختم ٿيندي.

وري ارشاد ٿئي ٿو سورة مائده (٣) ۾ ته:

"اڄ مون توهان لاءِ توهان جو دين مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ مون پوري ڪري ڏني توهان لاءِ پنهنجي نعمت ۽ پسند ڪيو اسلام کي توهان لاءِ دين جي حيثيت سان."

يعني دين جي تڪميل به پاڻ ﷺ جن جي هٿان سان ٿي ۽ اهو دليل به آهي ته پاڻ ﷺ خاتم النبيين به آهن ۽ سيني پيغمبرن کان



Marfat.com

اعليٰ ۽ اشرف آهن - ان ڪانسواءِ پاڻ ﷺ کي ٿي الله تعاليٰ وڏيڪ قرب عطا فرمايو - سورة بني اسرائيل جي پهرين آيت آهي:

"پاڪ ذات آهي جيڪو وٺي ويو پنهنجي بندي کي راتو رات، مسجدِ حرام کان مسجد اقصا تائين جنهن ۾ اسان خوبيون رکيون آهن جيئن ڏيکاريون پنهنجي ٻانهن کي قدرت جا نمونا. بيشڪ اهو ئي آهي جيڪو ٻڌي ٿو ڏسي ٿو."

ان معراج جو تفصيل سورة النجم جي ابتدائي ۽ ارڙهين آيتن ۾ اچي ٿو انهن مان ٻن جو ترجمو هيءُ آهي: "وري رهجي ويو فرق ٻين ڪمانن جو بلڪ ان کان به گهٽ" "ڀٽڪي ناهي (پاڻ ﷺ جي) اک ۽ نه حد کان وڌي."

يعني حضور ﷺ جن الله تعاليٰ جي ايترو ويجهو اچي ويا جو ٻن ڪمانن جي فاصلي کان به گهٽ مفاصلو رهجي ويو ۽ ايترو ويجهو اچڻ ڪانپوءِ به پاڻ سڳورن جي اک جهڪي به نه ۽ ان جي برعڪس موسيٰ عليه السلام ڪيتري فاصلي کان الله تعاليٰ جي نور جو جلوو ڏسي بيهوش ٿي ويا هئا- (سورة الاعراف ۴۳ ۾ جنهن جو ذڪر آهي)-

سورة النجم جي آهي ته:

"پاڻ ﷺ نه ڳالهائيندا ڪجهه به پنهنجي مرضيءَ سان پر وحي جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ کي پهتي آهي."

مطلب ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي هر قول کي الله تعاليٰ پنهنجو قول قرار ڏنو آهي. وري حضور ﷺ جي بلند مقام جو ذڪر سورة ڪوثر ۾ به آهي ته:

"بيشڪ اسان توهان کي عطا ڪيو ڪوثر"

هتي عطا ڪرڻ جو لفظ آيو آهي، عطا ڪيل شيءِ واپس نه



Marfat.com

ورتي ويندي آهي ان لاءِ تہ ڪوثر جي عطا ٿيڻ ڪان پوءِ پاڻ صہ جن ڪي پورو اختيار مليو تہ جنهن کي چاهين حوضِ ڪوثر مان پيئارين.
اها بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي هڪ امتيازي فضيلت آهي تہ پاڻ صہ جي ذڪر کي بہ الله تعاليٰ بلند درجو عطا فرمايو-سورة الانشراح ۾ اچي ٿو تہ: "۽ اسان بلند ڪيو توهان جي لاءِ توهان جو ذڪر." جيتوڻيڪ اسين ڏسنداسين تہ سڄي دنيا ۾ مسلسل ۽ متصل وقت جي فرق سبب آذان ٿيندي رهي ٿي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر سان گڏ حضور صہ جو ذڪر بہ ٿئي ٿو. آذان ۾، اقامت ۾، تشهد ۾، منبر تي، خطبن ۾، درود ۽ سلام ۾، درس و تدريس ۾، گفتار و ڪردار ۾، هر جڳهہ ۽ هر وقت سڀ ڪان وڌيڪ پاڻ صہ جن جو ئي ذڪر ٿئي ٿو ۽ ٿيندو رهندو-سورة الاحزاب نمبر ٢١ ۾ پاڻ صہ جن جي سهڻي سيرت جو ذڪر آهي يعني بهترين ڪردار ۽ بي داغ حياتي صرف ۽ صرف پاڻ صہ جن جي آهي جنهن تي عمل ڪرڻ جي تبليغ قرآن پاڪ جي طرفان بہ آهي تہ: "بي شڪ رسول صلي الله عليہ وسلم جي زندگي ۾ ئي بهترين ڪردار آهي"

۽ پاڻ سڳورن جي سهڻي ڪردار ۽ اخلاق جو ذڪر سورة القلم (۴) ۾ بہ آهي تہ:

"۽ بيشڪ پاڻ صہ کي خُلقِ عظيم تي پيدا ڪيو ويو آهي."

حضور انور صہ پاڻ بہ فرمايو آهي تہ:

"مان بزرگ ترين اخلاق ۽ نيڪ ترين عملن جي تڪميل لاءِ نبي بڻايو ويو آهيان."

هن مبارڪ آيت ۾ واعدو ڪيو ويو آهي تہ هو پنهنجي محبوب جي فرمانبردارن کي بہ پنهنجو محبوب ڪندو-شرط اهو آهي تہ محبوب جي فرمانبرداري ڪئي وڃي-محبوب صلي الله عليہ وسلم جي غلامن کي اها فضيلت حاصل آهي بزم ۾ بہ ۽ رزم ۾ بہ يعني پاڻ



Marfat.com

سڳورن جي غلامن کي بہ ڏهن ڪافرن کان وزني چيو ويو آهي-سورة الانفال (٦٥) ۾ ارشاد پاڪ آهي تہ:

"اي نبي صہ، توهان مسلمانن کي جهاد جي ترغيب ڏياريو، جيڪڏهن توهان مان ويهہ فرد صبر ڪرڻ وارا هوندا تہ اهي ٻہ سؤ تي غالب هوندا ۽ جيڪڏهن توهان مان سؤ هوندا تہ اهي هڪ هزار ڪافرن تي غالب ٿيندا."

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب کي هر موقع تي فضيلت ۽ هڪ امتيازي شان بخشيو آهي-پاڻ صہ سان جڏهن بہ الله جو خطاب ٿيندو آهي تہ ٻين پيغمبرن وانگر نہ بلڪہ پيارن نالن سان تہ اي ڪمليءَ وارا (مزمل)، اي سيد، اي طاهر وغيره- وري الله تعاليٰ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا نالا بہ حضور صہ جن کي ڏنا آهن. يعني الله، رؤف آهي تہ پاڻ صہ کي بہ رؤف ڪوٺيو ويؤ آهي، اهڙي طرح نور، عزيز، رشيد وغيره بہ پنهنجا نالا پاڻ صہ کي ڏنا. قرآن ۾ سڌي يا اڻ سڌي طريقي سان شروع کان آخر تائين پاڻ صہ جون فضيلتون درج آهن-جيتوڻيڪ بقول جامي: همہ قرآن درشانِ محمد صہ آهي. سورة الاحزاب (٤٦) ۾ ارشاد ٿئي ٿو تہ: "اي نبي بيشڪ اسان توهان کي شاهد ۽ مبشر ۽ نذير ۽ الله جي حڪم سان ان طرف سڏڻ وارو بڻائي ڪري موڪليو آهي."

شاهد جي معنيٰ امام راغب مُفردات ۾ هيٺينءَ طرح ڏني آهي.

"شهود ۽ شهادت جي معنيٰ آهي حاضر ٿيڻ ۽ ظاهر ٿيڻ جي، بصر سان هجي يا بصيرت سان." سورة بني اسرائيل (٧٩) ۾ ان لاءِ پاڻ صہ جي مقام محمود" جو ذڪر آهي تہ پاڻ صہ ئي تمام امت جي شفاعت جو وسيلو بڻبا ۽ جيئن تہ پاڻ صہ "شاهد" آهن ان لاءِ سڀني مخلوق جي عملن ۽ افعالن ۽ احوالن جو مشاهدو فرمائيندا- شفاعت جي سلسلي ۾ سورة النساء (٦٤) جي آيت بہ ياد رکڻ کپي؛



Marfat.com

ارشاد آهي تہ:

" ۽ پوءِ جڏهن اُهي ماڻهو پنهنجي جانين تي ظلم ڪن (يعني مصيبت ۾ مبتلا هجن) تہ اي محبوب ﷺ اهي توهان وٽ حاضر ٿين ۽ پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول ﷺ انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور اهي الله تعاليٰ کي ڏاڍو توبہ قبول ڪرڻ وارو ۽ مهربان لهندا".

هن آيت سڳوريءَ ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي تہ الله جي بارگاهہ ۾ تڏهن ئي توبه قبول ٿي سگهي ٿي جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ بہ شفاعت فرمائين ۽ ظاهر آهي تہ پاڻ ﷺ جن پنهنجي پوئلڳن جي ئي شفاعت فرمائيندا-سورة ال عمران (٣١) ۾ ارشاد آهي تہ:

"اي محبوب توهان فرمائي ڇڏيو! تہ اي ماڻهو جيڪڏهن توهان الله کي پنهنجو دوست ڇئو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار ٿيو، الله (پوءِ) توهان سان محبت فرمائيندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي".



Marfat.com

مولانا وحيد الدين
ڪيپٽن خالد محمود ڪوسو

صلي الله عليہ وسلم
# نبي اڪرم
# انساني ڪردار جو بهترين نمونو

پيغمبر اسلام حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ٢٢ اپريل ٥٧١ع تي عرب ۾ پيدا ٿيا ۽ ٨ جون ٦٣٢ع تي سندن وفات ٿي- پاڻ ﷺ جن نهايت تندرست ۽ طاقتور هئا-ننڍپڻ کان ئي اهو حال هو جو جيڪو ڏسندو هو تہ چوندو هو:

"ان الهذا الغلام لشانا" "هيءُ ننڍڙو ٻارڙو وڏي شان وارو آهي." وڏا ٿيا تہ سندن شخصيت وڌيڪ نمايان ٿي- پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏسڻ وارا ڪانئن مرعوب ٿي ويندا هئا- ان سان گڏ پاڻ سڳورا ﷺ ايڏا تہ نرم ۽ شيرين زبان هئا جو جيڪو بہ ٿوري دير وٽن ويهندو هو تہ حضور ﷺ جن سان محبت ڪرڻ لڳندو هو- برداشت، سچائي، معاملہ فهمي ۽ حسنِ سلوڪ پاڻ سڳورن ﷺ ۾ ڪامل درجي جو هو. مطلب تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن انساني بلنديءَ جو اهو اعليٰ ترين مثال هئا جنهن کي نفسيات جي اصطلاح ۾ متوازن شخصيت (Balanced Personality) چيو ويندو آهي- داؤد بن حصين جو بيان آهي تہ عرب ۾ عام طور اهو مشهور هو تہ محمد بن عبدالله ان شان سان جوان ٿيو جو پاڻ ﷺ جن پنهنجي قوم ۾ سڀ کان وڌيڪ با اخلاق، پاڙي وارن جي سار لهڻ وارا، حليم ۽ بردبار، صادق ۽ امين، جهيڙي جهٽي کان دور رهڻ وارا، گار گند ۽ بدڪلامي کان پرهيز ڪرڻ وارا هئا- اهوئي سبب آهي جو سندن قوم سندن نالو "الامين" رکيو هو.

پنجويهن سالن جي عمر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن شادي



Marfat.com

ڪئي ته ان موقعي تي سندن چاچي ابو طالب نڪاح جو خطبو پڙهندي چيو هو:

"ان ابن اخي محمد ابن عبدالله يوزن به رجل الا رجع به شرفا و نبلا و فضلا و عقلا، و هو والله بعد هذاله نباء عظيم و خطر جليل".

"منهنجي ڀائيٽي محمد بن عبدالله جي جنهن سان ڀيٽ ڪجي ته هيءُ ان کان شرافت، نجابت، فضيلت ۽ ڏاهپ ۾ وڌيڪ ٿيندو- خدا جو قسم! ته ان جو مستقبل عظيم ٿيندو ۽ ان جو رتبو بلند ٿيندو".

ابوطالب اهي الفاظ ان معنيٰ ۾ نه چيا هئا جنهن معنيٰ ۾ بوءِ تاريخ ان کي سچو ثابت ڪيو بلڪ ابوطالب اها ڳالهه مڪمل طور تي دنياوي معنيٰ ۾ چئي هئي- ابو طالب جو مطلب اهو هو ته جيڪو شخص فطرت کان اها پرڪشش شخصيت وٺي پيدا ٿيو آهي جيڪا محمد بن عبدالله ۾ نظر اچي ٿي ته اهو هر حال ۾ پنهنجي قوم ۾ معزز مقام حاصل ڪندو آهي ۽ دنيا جي بازار ۾ ان جو وڏو قدر ۽ قيمت هوندي آهي- اهڙي شخص جون اعليٰ صلاحيتون سندس ترقي ۽ ڪاميابيءَ جي يقيني ضمانت هونديون آهن-

پيغمبرِ اسلام لاءِ ترقي ۽ تڪريم جا اهي امڪان پوري طرح بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي موجود هئا- پاڻ سڳورا صہ پنهنجن صلاحيتن جي وڏي ڪان وڏي دنياوي قيمت وصول ڪري سگهيا ٿي. پاڻ سڳورا مڪي جي هڪ اعليٰ خاندان ۾ پيدا ٿيا هئا- جيتوڻيڪ ڪين پنهنجي والد ڪان ورثي ۾ صرف هڪ ڏاچي ۽ هڪ ٻانهي ملي هئي- پر سندن شاندار خوبين مڪي جي سڀ ڪان امير خاتون کي متاثر ڪيو ۽ پنجويهن سالن جي عمر ۾ سندن شادي ٿي- حضرت خديجة الڪبريٰ رضہ تاجر خاندان جي هڪ بيوه خاتون هئي جنهن کان نه صرف حضور صہ جن کي مال ۽ جائداد ملي بلڪ عرب



Marfat.com

۽ عرب کان ٻاهر تجارت جو زبردست ميدان مليو-ٻاڻ سڳورن لاءِ هڪ پرسڪون ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ جا سڀئي موقعا فراهم ٿي چڪا هئا پر ٻاڻ سڳورن چاٿي واٿي پنهنجو ٻاڻ کي اهڙيءَ راهه تي وڌو جيڪا صرف دنيا جي بربادي ڏانهن وٺي ويندي هئي-خديجة رضہ سان شاديءَ کان اڳ ٻاڻ سڳورا پنهنجي گذر سفر لاءِ ڪجهه معاشي ڪم ڪندا هئا هاڻ اهو بہ ڇڏي ڏنائون ۽ پوري يڪسوئيءَ سان ان تلاش ۾ لڳي ويا جنهن جي جستجو ڪين ننڍپڻ کان هئي تہ سچائي ڇا آهي؟ ڪيترا ڀيرا زمين ۽ آسمان تي غور ڪندا هئا- مڪي جي وڏن ماڻهن سان پنهنجا تعلقات وڌائڻ ۽ انهن جي محفلن ۾ پنهنجي جڳهہ ٺاهڻ جي بجاءِ جبلن ۽ رڻ پٽن کي پنهنجو ساٿي بڻايائون- مڪي کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي هڪ پهاڙي سلسلو آهي جنهن ۾ هڪ غار آهي جنهن جو نالو حرا آهي، ٻاڻ سڳورا ستو ۽ پاڻي کڻي ان ۾ هليا ويندا هئا- جبل جي سنسان ماحول ۾ زندگي جي حقيقت تي غور ڪندا هئا ۽ ڪائنات جي خالق کان دعائون گهرندا هئا تہ اي منهنجا رب تون پنهنجو ٻاڻ کي مونتي ظاهر ڪر ۽ مونکي ٻڌاءِ تہ سچائي ڇا آهي؟. جڏهن ڪاڌو پيتو ختم ٿيندو هون تہ وري گهر واپس ايندا هئا تہ جيئن ٻيهر ڪاڌو پيتو کڻي قدرت جي ان ماحول ۾ واپس وڃن- جتي رڻ پٽ ۽ وڻ هئا- جبل ۽ آسمان جون پرسڪون فضائون هيون- سندن بي چين طبيعت انساني هنگامن ۾ پنهنجي سوال جو جواب حاصل نہ ڪري سگهي هئي- تنهن ڪري هاڻ ٻاڻ سڳورن قدرت جي خاموش دنيا کي پنهنجو هم نشين بڻايو تہ متان ان سوال جو جواب ملي سگهي-

جوانيءَ جي طاقت سان ڀرپور هڪ شخص لاءِ ان قسم جي زندگي ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي- هي خوشيءَ جو رستو ڇڏي غم جي رستي کي اپنائڻو هو-گهر وارن سان آرام جي زندگي گذارڻ، تجارت کي ترقي ڏيڻ ۽ سوسائٽي ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهڻ اهي سڀئي امڪان



Marfat.com

حضور صہ جن لاءِ ڪليل هئا، پر سندن بيتاب ۽ متلاشي طبيعت انهن شين تي راضي ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئي-تمام شيون ڪين ان وقت تائين ڪک پن محسوس ٿينديون هيون جيستائين پاڻ صہ زندگيءَ جي راز کي معلوم ڪن- پاڻ صہ اهو ڄاڻڻ ٿي چاهيائون تہ جيڪڏهن انهن ظاهري شين ڪان متاهين ڪا حقيقت آهي تہ اها ڇا آهي؟ نفعو ۽ نقصان آرام ۽ تڪليف جي اصطلاحن ۾ سوچڻ جي بجاءِ پاڻ صہ ان سوال کي حل ڪرڻ ۾ مصروف رهندا هئا تہ حق ڇا آهي؟ ۽ ناحق ڇا آهي؟.

پيغمبر اسلام جي زندگيءَ جو اهوئي اهو رخ ۽ پهلو آهي جنهن کي قرآن انهن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي تہ: وَوَجَدَکَ ضَالًا فَهَدٰى" (سورة والضحىٰ) ضال جي معني آهي راهہ ڀليل، سرگردان- هيءَ لفظ ان مسافر لاءِ چئبو آهي جيڪو رستو ڀلجي ويو هجي ۽ حيران ۽ پريشان ٿي مختلف رستن ڏانهن ڏسندو هجي ۽ ان جي سمجهہ ۾ نہ ايندو هجي تہ ڪيڏانهن وڃي-ان ڪري ان وڻ کي ضالة چوندا آهن جيڪو رڻ ۾ اڪيلو بيٺو هجي ۽ ان جي آس پاس ڪو ٻيو وڻ نہ هجي -انهيءَ مان چوندا آهن تہ ضل الماء في الجبن (پاڻي کير ۾ وڃائجي ويو) آيت جي معنيٰ اها آهي تہ پاڻ سڳورا صہ جن جاهليت جي ميدان ۾ اڪيلي درخت وانگر بيٺا هئا-صحرائن ۽ بيابانن ۾ اهو غم کٽي پئي هليا تہ سچائي ڇا آهي جنهن کي مان اپنايان-دنيا جي مروج نقشن ۾ پنهنجي جاءِ بنائڻ جي بجاءِ حيران ۽ فڪرمند ٿي الڳ ٿلڳ ٿيا بيٺا هئا-سچائي ڪان ڪمتر ڪابہ شيءِ سندن روح جي تسڪين جو ذريعو نہ ٿي ٿي سگهي-ايستائين جو حق جي ڳولا جي سفر ۾ نوبت ايستائين وڃي پهتي هئي جو زندگي سندن لاءِ اهڙو بار بنجي وئي جنهن سندن چيلهہ ڇپي ڪري ڇڏي هئي- (ووضعنا عنک وِزرَکَ الَّذِي اَنقَضَ ظَهرَکَ - سورة الانشراح آيت نمبر ٣ - ٢).

ان وقت الله جي رحمة ڏانهن متوجہ ٿي-سندن لاءِ هدايت ۽



Marfat.com

روشنيءَ جا دروازا کوليا ويا-١٢ فروري ٦١٠ع تي جڏهن پاڻ سڳورا غارِ حرا ۾ ويٺا هئا تہ الله جو فرشتو وٽن آيو ۽ الله جي طرفان پهرين وحي کڻي آيو جيڪي سورة علق جون ابتدائي پنج آيتون هيون ۽ پاڻ سڳورن کي سندن سوال جو جواب ملي ويو-

پيغمبرِ اسلام جي بيچين روح جو رابطو رب العالمين سان قائم ٿي ويو-الله تعاليٰ نہ صرف کين هدايت ڏني بلڪ پنهنجي خاص نمائندي جي حيثيت سان منتخب ڪيو- مٿن الله جو ڪلام نازل ٿيڻ لڳو-سندن نبوت جو اهو عرصو اٽڪل ٽيويهن سالن تي ڦهليل آهي- ان عرصي ۾ الله جو ڪتاب مڪمل طور تي مٿن نازل ٿيو-

پيغمبرِ اسلام پنهنجي مشڪل زندگيءَ جي چاليهين سال ۾ سچائي دريافت ڪئي-پر اها سچائي سندن لاءِ ڪو آسان سودو نہ هئي- ان سچائيءَ جو مطلب اهو هو تہ انسان هڪ عظيم خدا جي زد ۾ آهي- اها پنهنجي عجز جي مقابلي ۾ خدا جي ڪبريائيءَ جي دريافت هئي- اها خدا جي اثبات جي مقابلي ۾ پنهنجي نفيءَ جي دريافت هئي- اهو ان راز کي معلوم ڪرڻ هو تہ هن دنيا ۾ مومن لاءِ صرف ذميداريون ئي ذميداريون آهن، هتي سندس ڪو حق ڪونهي-

سچائيءَ جي دريافت ڪانپوءِ پيغمبرِ اسلام لاءِ زندگي جي حقيقت ڇا هئي؟ ان جو اندازو ڪرڻ لاءِ هتي صرف هڪ حديث نقل ڪجي ٿي: هڪ دفعي پاڻ ﷺ فرمايائون:

امرني ربي بتسع:

منهنجي رب مونکي نون شين جو حڪم ڪيو آهي:

١. خشية الله في السر و العلانية:

لِڪ ۽ ظاهر ۾ الله کان ڊڄان.

٢. وَالکلمة العدل في الغضب والرضا:خوشي ۽ ڪاوڙ ۾



Marfat.com

انصاف جي ڳالهه ڪريان.

٣. والقصد في الفقر والغنا:

فقيري ۽ اميريءَ ۾ اعتدال تي رهان

۴. وان اصل من قطعني:

جيڪو مونکي الڳ ڪري مان ان سان جُڙان

۵. واعطي من حرمني:

جيڪو مونکي محروم ڪري مان ان کي ڏيان

٦. وعفوا من ظلمني:

جيڪو مونتي ظلم ڪري مان ان کي معاف ڪريان

٧. وان يكون صمتي فكرا:

۽ منهنجي خاموشيءَ ۾ فڪر هجي

٨. ونطقي ذكرا:

۽ منهنجو ڳالهائڻ الله جو ذڪر هجي

٩. و نظري عبرة:

۽ منهنجو ڏسڻ عبرت هجي.

(رواه رزين)

اها ڪا تقرير يا صرف گفتگو جا الفاظ نه هئا بلڪ سندن پنهنجي زندگي هئي جيڪا لفظن جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهي هئي- اهي حيرت انگيز حد تائين اثر ڪندڙ جملا ۽ اعليٰ ڳالهيون ڪنهن خالي انسان جي زبان مان نه ٿيون نڪري سگهن- اهي الفاظ ته چوڻ واري جو مقام بيان ڪري رهيا آهن. اهي چوڻ واري جي اندر کي ظاهر ڪري رهيا آهن - اهي چوڻ واري جي روح کي لفظن جي آئيني



Marfat.com

۾ بي نقاب ڪري رهيا آهن-

سندن زندگي جيتوڻيڪ نبوت ملڻ کان اڳ ٻه اهڙي ئي هئي پر اها مڪمل طور تي فطرت جي زور تي ٻڌي-هاڻ سچائيءَ جي دريافت ان کي شعور جو درجو ڏنو-جيڪو ڪردار هيل تائين طبعي تقاضائن مطابق ظاهر ٿيو پئي هاڻ اهو هڪ سوچيندڙ ذهن جو ارادي جز بنجي ويو-هي ڪنهن الله جي ٻانهي جو اهو مقام آهي جتي دنياوي گهرجون انتهائي حد تائين گهٽجي صرف ضرورت آهر رهجي وينديون آهن ۽ انسان جي زندگيءَ جي سطح عام انسانن کان مختلف ٿي ويندي آهي-ان جو جسم هن ظاهر دنيا ۾ هوندو آهي پر سندس روح ڪنهن ٻي دنيا ۾ زندگي گذارڻ لڳندو آهي.

هڪ روايت مطابق پيغمبرِ اسلام فرمايو ته:

وعلي العاقل مالم يكنْ مغلوبا علي عقله ان تكون له ساعات ساعة ينا جي فيهاربه وساعة يحاسب فيها نفسه و ساعة يتفكر فيها في صنع الله وساعة يخلوا فيها لحاجته من المطعم والمشرب- (رواه ابن حبان)

معني: عقلمند شخص لاءِ لازم آهي ته ان تي ڪجهه گهڙيون گذرن- اهڙي گهڙي جنهن ۾ هو پنهنجي رب سان ڳالهيون ڪري- اهڙي گهڙي جنهن ۾ پنهنجي ذات جو محاسبو ڪري-اهڙي گهڙي جنهن ۾ هو خدا جي تخليق ۾ غور ڪري، ۽ اهڙي گهڙي جنهن ۾ هو کائڻ پيئڻ لاءِ وقت ڪڍي.

انهن لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو ته حضور صہ جن جي زندگي ڪهڙين گهڙين ۾ گذرندي هئي- نبوت ملڻ کانپوءِ مٿن اها حقيقت واضح ٿي ته هن فاني دنيا کانسواءِ ٻي ابدي ۽ انسان جي اصلي دنيا ٻه آهي جنهن کي آخرت چئبو آهي- هاڻ سندن مرڪز ۽ محور آخرت جي زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ ان لاءِ تعليم ڏيڻ هو- اهوئي سبب آهي جو



Marfat.com

پاڻ صہ فرمايائون تہ: "الدنيا مزرعة آخرة" "دنيا آخرت جي پوک آهي" ۽ جن ڳالهين ۾ آخرت جو ڪو پهلو نہ هجي تہ انهن سان دلچسپي ايتري گهٽجي ويندي آهي جو نبيءَ ڪي چوڻو پوندو آهي تہ: "انتم اعلم بامور دنيا ڪم" "توهان پنهنجين دنيوي ڪمن ڪي مون کان وڌيڪ ڄاڻو ٿا."

پيغمبرِ اسلام جنهن جنت جي خوشخبري ۽ جهنم کان ڊيڄاري رهيو هو. ان جنت جو سڀ کان وڌيڪ پاڻ چاهيندڙ ۽ ۽ ان جهنم جو سڀ کان وڌيڪ پاڻ ڊڄندڙ بنجي پيو. ان جو اندازو هيٺين واقعن مان لڳائي سگهجي ٿو:

(۱)

"عن ام سلمة ان النبي صلي الله عليہ وسلم کان في بيتها و دعي وصيفة له اولها فابطات فاستبان الغضب في وجهه فقامت ام سلمة الي الحجاب فوجدت الوصيفة تلعب و معه سوک فقال لولا خشية القود يوم القيامة وجعک بهذا السواک"

(الادب المفرد-باب قصاص العبد صفحه ۲۹)

"ام سلمه بيان ڪري ٿي تہ حضور صہ جن سندس گهر ۾ هئا-پاڻ صہ ٻانهيءَ کي سڏيائون جنهن اچڻ ۾ دير ڪئي-سندن چهري تي ڪاوڙ ظاهر ٿي-ام سلميٰ پردي وٽ وڃي ڏٺو تہ ٻانهي کيڏي پئي- ان وقت حضور صہ جن جي هٿن ۾ هڪ ڏندڻ هو-پاڻ سڳورن ٻانهيءَ کي چيو تہ جيڪڏهن مون کي قيامت جي ڏينهن بدلي جو ڊپ نہ هجي ها تہ توکي هن ڏندڻ سان ماريان ها."

(۲) غزوه بدر رمضان ۲ هہ ۾ جنگ کانپوءِ جيڪي ڪافر قيدي هئا انهن ۾ حضور صہ جن جا بد ترين دشمن هئا پر پاڻ سڳورن انهن سيني سان سهڻو سلوڪ ۽ احسان ڪيو-انهن ۾ سهيل



Marfat.com

بن عمرو بہ هو جيڪو آتش بيان خطيب هو ۽ عام ميلن ملاڪڙن ۽ بازارن ۾ حضور صہ جن جي خلاف بيهوده تقريرون ڪندو هو- حضرت عمر رضہ راءِ ڏني تہ ان جا هيٺيان ٻہ ڏند پٽي ڇڏجن تہ جيئن آئنده سندس تقرير جو جوش ختم ٿئي-پاڻ سڳورن اهو ٻڌي فرمايو تہ:

" قيامت ۾ الله منهنجو چهرو بگاڙيندو جيتوڻيڪ مان الله جو رسول آهيان."

حضور صہ جن کي سندن عبديت، الله جي مقرر ڪيل دائري کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندي هئي. پر ان سان گڏ پيغمبر اسلام بہ عام انسانن وانگر غم ۽ خوشيءَ جي ڪيفيتن مان گذرندو هو.

آخرِ عمر سن ٨ هجري ۾ جڏهن ڪين حضرت ماريه قبطيه رضہ جي پيٽان ابراهيم ڄائو تہ ڪين ابورافع اهو اطلاع ڏنو تہ پاڻ سڳورا ايترو تہ خوش ٿيا جو ابو رافع کي انعام ۾ هڪ غلام ڏنائون ۽ ابراهيم کي ٿڃ پيارڻ لاءِ هڪ انصاري دائي ام برده رضہ جي حوالي ڪيائون جيڪا هڪ لوهار جي گهر واري هئي-انهن جي ننڍڙي گهر ۾ اڪثر ڀٺيءَ جو دونهون هوندو هو-پر حضور صہ جن پنهنجي فرزند ابراهيم رضہ کي ڏسڻ لاءِ ان گهر ۾ ويندا هئا جتي دونهون سندن اکين ۽ نڪ مبارڪ ۾ بہ ويندو هو ۽ پاڻ سڳورا انتهائي نازڪ طبيعت جي باوجود ان دونهين کي برداشت ڪندا هئا. جڏهن ابراهيم ڏيڍ سال جي عمر ۾ جنوري ٦٣٢ع ۾ وفات ڪئي تہ پٽ جي موت کي ڏسي اکين مان لڙڪ لڙي پيا ۽ سندن غم ۽ حسرتون هڪ عام پيءُ وانگر ٿي هيون- پر ان حالت ۾ بہ رب جي رضا جو دامن هٿ ۾ آهي-پاڻ سڳورا ڏکويل آهن پر زبان تان هي ڪلما جاري ٿي رهيا آهن تہ:



Marfat.com

"والله يا ابراهيم انا بفراقک لمحزونون تبکي العين ويحزن القلب ولا نقول مايسخط الرب"

"خدا جو قسم تہ اي ابراهيم! اسان تنهنجي موت تي غمگين آهيون. اک روئي ٿي ۽ دل ڏکاري آهي پر اسين کا اهڙي ڳالهہ نہ چونداسين جيڪا رب کي ناپسند هجي."

جنهن ڏينهن ابراهيم وفات ڪئي تہ اتفاق سان ان ڏينهن سج گرهڻ لڳي-مديني جا مسلمان چوڻ لڳا تہ سج گرهڻ پيغمبر جي فرزند جي وفات جي ڪري لڳو آهي-پاڻ سڳورن جڏهن اهو ٻڌو تہ ماڻهن کي گڏ ڪري فرمايائون:

"ان الشمس والقمر لايخسف الموت احد من الناس ولاکن هما آيتان من آيات الله -فاذارائيتموها فصلوا"

"سج ۽ چنڊ ۾ ڪنهن انسان جي موت ڪري گرهڻ نہ ٿي لڳي-بلڪہ اهي تہ الله جي نشانين مان ٻہ نشانيون آهن-جڏهن توهان اهي ڏسو تہ نماز پڙهو"

سندن زندگيءَ جي هڪ اهم واقعي کي تاريخ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

(۴) "روي انه ڪان في سفر وامراصحابه باصلاح شاة فقال رجل يا رسول الله علي ذبحها. وقال آخر علي سلخها. وقال آخر علي طخها. فقال عليہ السلام وعلي جمع لاحطب-فقالوا يارسولالله تکفيک اللهعمل. قال علمت انکم تکفوني، ولاکن اکره ان اتميز عليکم. ان الله سبحانه وتعالي يکره من عبده ان يراه متميزا بين اصحابه"

"هڪ دفعي پاڻ سڳورا سفر ۾ هئا تہ رستي ۾ قيام دوران پاڻ سڳورن پنهنجن ساٿين کي هڪ ٻڪري تيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو. سندن ساٿين منجهان هڪ چيو تہ ٻڪريءَ کي ذبح آءُ



Marfat.com

ڪندس، ٻئي چيو تہ آءُ ان جي ڪل لاهيندس، ٽئين چيو تہ مان ان کي تيار ڪندس، پاڻ سڳورن فرمايو تہ آءُ ڪاٺيون گڏ ڪندس. سندن ساٿين چيو تہ اي الله جا رسول اسين سڀ ڪم ڪري وٺندا سين. پاڻ سڳورن فرمايو تہ مونکي خبر آهي تہ توهان ڪندؤ پر آءُ امتياز کي پسند نہ ٿو ڪريان، الله کي اهو پسند ناهي جو ڪو سندس ٻانهو ماڻهن جي وچ ۾ امتيازي حيثيت سان گذاري".

حضور صہ جن جي عبديت جو اهو حال هو جو هڪ دفعي فرمايائون تہ:

"والله لاادري والله لاادري وانا رسول الله مايفعل بي ولابكم" (بخاري)

"خدا جو قسم تہ مونکي ادراڪ ڪونهي، خدا جو قسم تہ مونکي خبر نہ آهي تہ مون سان ڇا ٿيندو ۽ توهان سان ڇا ٿيندو جيتوڻيڪ مان الله جو رسول آهيان."

(٥) هڪ دفعي حضرت ابوذر غفاري رضہ ڪنهن کي سڏيندي چيو تہ:

يا ابن السوداء- اي ڪاري رنگ وارا-جڏهن حضور صہ جن اهو ٻڌو تہ سخت ناپسند ڪندي ابوذر رضہ کي چيائون تہ:

"طف الصاع، طف الصاع-ليس لابن البيضاء علي ابن السوداء فضل."

"ٺويو پورو ٻر- ٺويو پورو ٻر- ڪنهن گوري رنگ واري کي ڪاري رنگ واري تي ڪا برتري ڪونهي." يعني سيني کي هڪ جيترو احترام ڏيو- ايئن نہ ڪريو جو ڪنهن کي تہ سٺن لفظن سان خطاب ڪريو ۽ ڪنهن کي خراب لفظن سان.

ابوذر غفاري رضہ تي حضور صہ جن جي انهن لفظن جو ايترو



Marfat.com

تہ اثر ٿيو جو ڪيس هڪدم پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ ان شخص کي سڏ ڪيائين ۽ خوف سان پاڻ زمين تي ليٽي پيو ۽ ان شخص کي چيائين:

"ثُمر قَطّا عليٰ خدّي" - " اٿي ۽ منهنجي ڇهري کي پنهنجن پيرن سان ڪچلي ڇڏ"

(٦) هڪ دفعي حضور صہ جن هڪ دولتمند شخص ڏٺو جيڪو پنهنجي پر ۾ ويٺل هڪ غريب شخص کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ پنهنجا ڪپڙا ان کان پري ڪري رهيو تہ پاڻ سڳورن ان مالدار شخص کي ڪاوڙ مان چيو تہ:

" اخشيت ان يعدوا اليک فقره" (غزالي رح - احياء علوم الدين)

"ڇا تون ڊڄين ٿو تہ ان جي غريبي توکي چنبڙي ويندي"

(٧) مديني ۾ مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي چڪي آهي ۽ حضور صہ جن کي بي تاج بادشاهہ جي حيثيت حاصل آهي. ان زماني ۾ ڪنهن ضرورت تحت پاڻ سڳورن هڪ يهوديءَ زيد بن شعنه کان قرض ورتو. قرض ادا ڪرڻ جي مدت ۾ اڃان ڪجهہ ڏينهن باقي هئا جو يهودي قرض گهرڻ آيو- ان يهوديءَ، حضور صہ جن جي ڪنڌ تي پيل چادر ڇڪي ڪٽي لاٿي ۽ سندن ڪرتي کي پڪڙي ٻچڙو منهن ڪندي چيائين تہ "منهنجو قرض ادا ڪر" وري چوڻ لڳو تہ "خدا جو قسم تہ عبدالمطلب جو اولاد قرض لاهڻ ۾ ڏاڍو سست آهي" حضرت عمر فاروق رضہ ان وقت ساڻن گڏ هو جنهن کي يهوديءَ جي بدتميزيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ان کي ڇڙهيندي مارڻ لاءِ اٿي وڌيو ٿي تہ حضور صہ جن ان کي روڪيو- حضور صہ جن صرف مسڪرائيندا رهيا ۽ ان يهوديءَ کي مشڪندي چيائون تہ "اڃان تہ قرض ڏيڻ ۾ ٽي ڏينهن باقي آهن" پوءِ عمر فاروق رضہ کي چيائون تہ: "انا وهو ڪنا الي غير هذا منک احوج يا عمر تامرني بحسن



Marfat.com

القضا و تامره بحسن التقاضي" (رواه البيهقي)

"عمر آءٌ ۽ هيءُ توکان هڪ ٻئي ورتاء جا خواهشمند هئا سين- مونکي تون بهتر ادائيگيءَ لاءِ چوين ها ۽ هن کي بهتر تقاضي لاءِ"

۽ پوءِ عمر رضہ کي چيائون تہ وڃ ۽ فلاڻي شخص کان کجور وٺي هن جو قرض ادا ڪر ۽ ويهہ صاع وڌيڪ ڏجانس ڇو جو تو ان کي ڇڙٻون ڏنيون آهن".

حضور صہ جن پوري عربستان جي ٻيٽ جا فاتح هئا- رسول الله جي حيثيت سان سندن زبان مان نڪتل مبارڪ الفاظ قانون هئا- پاڻ سڳورا اهڙين ساٿين جي درميان هئا جيڪي حضور رضہ جن جي عزت ۽ تڪريم ايتري تہ ڪندا هئا جو دنيا جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن انسان جي نہ ڪئي وئيءَ- اصحاب سڳورا پنهنجي جان، پنهنجي آل ۽ اولاد ۽ پنهنجن والدين ۽ پنهنجي مال ۽ متاع کان وڌيڪ حضور صہ جن سان چريائيءَ جي حد تائين محبت ڪندا هئا- ان محبت جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي- حديبيه ناهہ جي موقعي تي عروه بن مسعود قريش جو سفير ٿي آيو تہ هو اهو ڏسي وائڙو ٿي ويو تہ جڏهن حضور صہ جن وضو ڪندا هئا تہ اصحابي اهو وضوءَ جو پاڻي زمين تي هارڻ نہ ڏيندا هئا بلڪہ پنهنجن هٿن ۾ پري برڪت خاطر پنهنجي منهن ۽ جسم تي مليندا هئا- انس رضہ چوي ٿو تہ باوجود حضور صہ جن سان انتهائي محبت جي اسان ڪڏهن بہ اک کڻي حضور صہ جن ڏانهن تڪيندا هئاسين- مغيره چوي ٿو تہ جڏهن بہ ڪنهن ضرورت سان ڪنهن صحابيءَ کي سندن دروازو کڙڪائڻو پوندو هو تہ هو پنهنجن ننهن سان آهستي در تي دستڪ ڏيندو هو- جابر بن سمره چوي ٿو تہ هڪ دفعي حضور صہ جن چانڊوڪي رات ۾ ڳاڙهي چادر پائي ستا پيا هئا- مون ڪڏهن چنڊ



Marfat.com

ڏانهن تي ڏنو ته ڪڏنهن حضور ﷺ جن جي رخ زيبا کي ۽ پوءِ اهو يقين ڪيم ته پاڻ سڳورا ﷺ چنڊ کان وڌيڪ سهڻا ۽ حسين آهن- غزوه حنين ۾ جڏهن شروع ۾ مسلمانن جي فوج کي شڪست آئي ۽ مخالف فوجن حضور ﷺ جن تي تيرن جو مينهن وسائڻ شروع ڪيو ته سندن اصحابن ڪين پنهنجي ہانهُن جي گهيري ۾ پنهنجي حفاظت ۾ ورتو ۽ اهي مينهن وانگر وسندڙ سيني تيرن کي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن جسمن تي ائين روڪي رهيا هئا ڄڻ اهي انسان نه پر ڪنهن قلعي جي پٽ هجن- حضور ﷺ جن جي ڪن ساٿين جي جسمن جو اهو حال هو جو انهن جي جسمن تي ڪنڊن وانگر تير چنبڙيا پيا هئا-

ان قسم جو مرتبو ۽ عقيدت انسان جي مزاج کي بگاڙي ڇڏيندو آهي ۽ هو پاڻ کي ٻين کان مٿاهون سمجهڻ لڳندو آهي. پر حضور ﷺ جن پنهنجن ساٿين سان هڪ عام انسان وانگر رهندا هئا- ڪو به اشتعال انگيز ۽ ڇڙ ڏياريندڙ رويو ۽ سخت کان سخت تنقيد ڪين غصو نه ڏياريندي هئي.

(٨) بخاري ۽ مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي ته هڪ ٻهوناٺو آيو ۽ حضور ﷺ جن جي چادر کي ايترو ته زور سان ڇڪيائين جو سندن ڪنڌ مبارڪ تي رهڙ اچي وئي ۽ پوءِ انتهائي گستاخيءَ سان چوڻ لڳو ته: محمّد (صلي الله عليہ وآله وسلم) منهنجا اهي ٻه اٺ آهن- انهن جي لڏ جو سامان مونکي ڏي ڇو جو جيڪو مال تو وٽ آهي اهو نه تنهنجو آهي نه تنهنجي پيءُ جو" حضور جن وراڻيو "مال ته الله جو آهي ۽ آءُ ان جو ٻانهو آهيان" پوءِ ٻهوناٺي کان پڇيائون " تنهنجي انهيءَ رويي تي توکي ڊپ نه ٿو ٿئي؟" هن چيو ته "نه" پاڻ سڳورن پڇيس ته "ڇو؟" ان چيو ته "ڇو جو مان ڄاڻان ٿو ته توهان برائيءَ جو بدلو برائيءَ سان نه ڏيندا آهيو" اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ڪلي ڏنو ۽ حڪم ڪيائون ته هن ٻهوناٺي کي هڪ اٺ جي



Marfat.com

لَڏ جوَ ۽ هڪ اٺ جي لَڏ ڪجور ڏنا ويڻ.

پاڻ سڳورن تي الله جي هيبت ڇانيل رهندي هئي جو عجز ۽ بندگيءَ جي تصوير بڻجي رهندا هئا- تمام گهٽ ڳالهائيندا- هلندا هئا ته ٿورو اڳيان جهڪي هلندا هئا- تنقيد ڪان ڪڏهن به خفا نه ٿيندا هئا- ڪپڙو پائيندا هئا ته چوندا هئا "انما انا عبد البس ڪما يلبس العبد" "مان الله جو بندو آهيان ۽ ٻين بندن وانگر لباس پائيندو آهيان" ڪاڌو کائيندا هئا ته انتهائي ادب سان ويهي کائيندا هئا ۽ چوندا هئا ته "انا اڪل ڪما ياڪل العبد" "آءٌ بندن وانگر ڪاڌو کاوان ٿو".

(۹) عاجزي ۽ عبديت جي معاملي ۾ ايڏا ته حساس هئا جو هڪ دفعي جڏهن هڪ اصحابيءَ کين چيو ته: "ماشاء الله وما شئت" "جيڪو الله ۽ توهان چاهيو" ته اهو ٻڌندي ئي ڪاوڙ مان ان کي چيائون ته: "اجعلتني لله نداءً" "ڇا تون مونکي الله سان برابر ٿو ڪرين؟" "توکي ائين چوڻ کپي ته "ماشاء الله وحده" "اهو ئي ٿيندو جيڪو صرف الله چاهيندو".

(۱۰) اهڙيءَ طرح جڏهن ڪنهن صحابيءَ تقرير ڪندي چيو ته "من يطع الله ورسوله فقد رشد و من يعصهما فقد غوي" "جيڪو الله ۽ رسول جي اطاعت ڪندو اهو سنئين راهه تي آهي ۽ جيڪو انهن ٻنهي جي نافرماني ڪندو ته اهو گمراهه آهي" .

جڏهن پاڻ سڳورن صه اهو ٻڌو ته ان کي چيائون: "بئس خطيب القوم انت" "تون قوم جو خراب خطيب آهين" حضور صه جن اهو پسند نه فرمايو ته الله ۽ رسول کي تثنيه جي هڪ ئي ضمير ۾ جمع ڪيو وڃي.

(۱۱) حضور صه جن پنهنجي اولاد مان پنهنجي سڀ کان ننڍي نياڻي حضرت فاطمة الزهرا رضه کي گهٽو پيائيندا هئا- پر حضور صه جن جي پوري حياتي آخرت جي رنگ ۾ رنگيل هئي- ان ڪري



Marfat.com

اولاد سان محبت جو مفهوم بہ حضور صہ جن وٹ پيو هو- حضرت علي رضہ چون ٿا تہ فاطمہ رضہ جو اهو حال هو جو جَنڊ پيهين پيهين سندس هٿن ۾ لڦون پئجي ويون هيون ۽ پاڻيءَ جي مشڪ کڻڻ جي ڪري سندس ڪنڌ تي نشان پئجي ويا هئا- ڦرهيو ڏيڻ سان سندس ڪپڙا بہ ميرا ٿي ويندا هئا- انهن ئي ڏينهن ۾ حضور صہ جن وٽ ڪجهہ خادم آيا- مون فاطمة رضہ کي چيو تہ تون پنهنجي والد وٽ وڃ ۽ ڪائنس هڪ خادم جي گهر ڪر- حضور صہ جن خادم جي گهر جو ٻڌي فاطمہ رضہ کي چيو تہ:

"اتقي الله يا فاطمة وادي فريضة ربک و اعمل عمل اهلک واذا اخذت مضجعک فسبحي ثلثا و ثلاثين و احمدي ثلاثا و ثلاثين و کبري اربعا و ثلاثين، فذا لک مائة، هي خير لک من خادم" (بخاري)

"اي فاطمة! الله کان ڊڄ ۽ پنهنجي رب جا فرض ادا ڪر ۽ پنهنجي گهر وارن جو ڪم ڪر، ۽ جڏهين تون رات جو پنهنجي هنڌ تي آرام ڪرڻ لاءِ وڃين تہ ٣٣ دفعا سبحان الله ٣٣ دفعا الحمدلله ۽ ٣٤ دفعا الله اڪبر پڙهندي ڪر- اهو پورو سو ٿيو اهو تولاءِ خادم کان بهتر آهي".

اهو ٻڌي حضرت فاطمة رضہ فرمايو تہ "رضيت عن الله و عن رسوله" "مان الله ۽ ان جي رسول جي رضا تي راضي آهيان".

هجرت جي ٽئين سال مڪي جي مخالفن ۽ ڪافرن مديني جي مسلمانن تي ڪاهہ ڪئي ۽ احد جي ميدان ۾ جنگ لڳي- شروع ۾ مسلمانن کي فتح حاصل ٿي رهي هئي پر بعد ۾ ڪجهہ مسلمانن جي غلطيءَ جي ڪري فتح شڪست ۾ تبديل ٿي وئي- ايستائين جو حضور صہ جن پاڻ بہ شديد زخمي ٿي پيا ۽ ڪافرن مشهور ڪيو تہ حضور صہ جن شهيد ٿي ويا آهن- عتبہ بن ابي وقاص هڪ وزني پٿر



Marfat.com

ڪٽي حضور صہ جن تي اچليو ۽ اهو پٿر حضور صہ جن ڪي ايترو تہ زور سان لڳو جو سندن چپ مبارڪ چتجي پيا ۽ سندن هيٺيان ہہ ڏند مبارڪ شهيد ٿي ويا. قريش جي مشهور پهلوان عبدالله بن قميه حضور جن تي ايترو تہ شديد وار ڪيو جو لوهہ جي خود جون ہہ ڪڙيون حضور جن جي رخسار مبارڪ ۾ پيهجي ويون- اهي لوهي ڪڙيون ايترو تہ گهرائي ۾ هيون جو جڏهين امين الامت حضرت ابوعبيده رضہ بن الجراح انهن ڪڙين کي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي ڏندن ۾ پڪڙي ڇڪيو تہ ان جا ہہ ڏند ٽٽي پيا هئا- هڪ ٻئي شخص عبدالله بن شهاب زهريءَ هڪ وڏو پٿر ڪٽي حضور صہ جن تي اچليو تہ سندن پيشاني مبارڪ شديد زخمي ٿي پئي ۽ پاڻ ڪريم صہ جن هڪ کڏ ۾ ڪري پيا ۽ جڏهن ميدان جنگ ۾ نظر نہ آيا تہ مشهور ٿي ويو تہ حضور جن شهيد ٿي ويا آهن ۽سندن اڪثر ساٿي ميدان ڇڏي ڀڄڻ لڳا-

اهڙي ڀيانڪ ۽ خوفناڪ حالت ۾ حضور صہ جن جي واتان ڪافرن جي ڪجهہ سردارن صفوان، سهيل ۽ حارث لاءِ بد دعا جا الفاظ نڪري ويا- حضور صہ جن فرمايو تہ: "ڪيف يفلح قوم شجوا نبيهم" "اها قوم ڪيئن ڪامياب ٿيندي جيڪا پنهنجي نبيءَ کي زخمي ڪري".

حضور صہ جن جي زبان مبارڪ مان ايترا ڏک ۾ نڪتل لفظ بہ الله تعاليٰ کي پسند نہ آيا ۽ الله تعاليٰ جي طرفان ڪين تنبيهي وحي نازل ٿي تہ:

"ليس لک من الامر شيءِ اويتوب عليهم او يعذبهم فانهم ظالمون" (آل عمران - آيت ١٢٨)

"توکي معاملي جو ڪو اختيار ڪونهي- خدا يا تہ انهن کي توبه جي توفيق ڏيندو يا ڪين عذاب ڏيندو ڇو جو اهي ظالم آهن.



Marfat.com

اها وحي جڏهن ٻڌائون تہ سندن ڪاوڙ هڪدم ختم ٿي وئي ۽ انهن ٿي ظالمن جي حق ۾ دعا گهريائون جن کين زخمي ڪيو هو- عبدالله بن مسعود رضہ چوي ٿو تہ حضور صہ پنهنجي پيشانيءَ تان رت اگهندا پئي ويا ۽ اهو چئي رهيا هئا تہ:

"رب اغفرلي قومي فانهم لايعلمون"

"پروردگار منهنجي قوم کي معاف فرماءِ ڇو جو اهي نہ ٿا ڄاڻن". ( مسلم غزوه احد جلد نمبر ٢ ص نمبر ١٠٨)

مٿي جيڪي سيرت سرور عالم صہ جا چند واقعا بيان ڪيا ويا اهي ظاهر ڪن ٿا تہ حضور صہ جن جي زندگي ڪهڙيءَ طرح انساني ڪردار جو نمونو هئي جن مان اهو سبق ملي ٿو تہ خدا ۽ بندي جي تعلق جي اها تقاضا آهي تہ بندي جي دل ۾ خدا جو خوف ۽ سندس نظر ۾ آخرت جي حساب جو تصور رهي- اهو آهي انساني ڪردار جو اهو نمونو جيڪو خدا جي رسول پنهنجي عمل جي ذريعي اسانکي سيکاريو آهي ۽ جنهن کي الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ انسانذات لاءِ مثالي ڪردار ۽ اسوة حسنه سڏيو آهي.



Marfat.com

ڊاڪٽر مائيڪل ايڇ هارٽ

مترجم ڪيڊٽ سيد احمد فواد

# محمدؐ صلي الله عليہ وسلم

## تاريخي طور تي هڪ معتبر شخصيت

هي مضمون ڊاڪٽر مائيڪل ايڇ هارٽ جي ڪتاب: The 100: A Ranking of Most Influential Persons in the History" تان ترجمو ٿيل آهي.

جڏهن مان اهڙن سؤ ماڻهن جي فهرست تيار ڪئي جن دنيا تي سڀ کان وڌيڪ اثر وڌو آهي تہ هڪ سوال مونکي پريشان ڪيو تہ مان ڪنهن کي پهرين نمبر تي رکان. ان ڏس ۾ مون ڪجھ اصول ذهن ۾ رکيا انهن اصولن جي آڌار تي مون حضرت محمد صہ کي سڀني کان اڳ ۾ جاءِ ڏني. ممڪن آهي تہ انتهائي اثرائتي شخصيتن ۾ حضرت محمد صہ جو نالو سڀ کان پهريون ڏسي ڪن ماڻهن کي تعجب ٿئي ۽ ڪي وري ان تي اختلاف بہ ڪن پر تاريخ ۾ هيءَ ئي اها واحد هستي آهي جنهن مذهبي توڙي دنياوي، ٻنهي ميدانن ۾ يڪسر ڪاميابي ماڻي.

جيتوڻيڪ حضرت محمد صہ پنهنجي زندگيءَ جي شروعات سادگيءَ سان ڪئي پر پاڻ صہ سڳورن دنيا جي عظيم مذهبن مان هڪ مذهب جو بنياد رکيو ۽ ان کي پکيڙيو بہ. پاڻ سڳورا انتهائي موثر سياسي اڳواڻ پڻ ثابت ٿيا. اڄ چوڏنهن سؤ سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ دنيا تي ۽ خاص طور مسلمانن تي تمام گهرا اثر ڇڏيا اٿس.

هن ڪتاب ۾ شامل گهڻن شخصيتن جي اها بہ خوش قسمتي ٿي جو انهن دنيا جي تهذيبي مرڪزن ۾ جنم ورتو ۽ اتي اهڙن انسانن جي ويجهو پليا جيڪي عموما اعليٰ تهذيب يافتہ يا سياسي طور مرڪزي حيثيت جا حامل هئا. ان جي ابتڙ محمد صہ جي پيدائش



Marfat.com

ذڪڻ عربستان جي مڪي شهر ۾ ٥٧٠ ع ۾ ٿي. هي علائقو ان وقت واپار، فنون ۽ علم جي مرڪزن کان گهڻو پري ۽ دنيا جي پٺتي پيل علائقن ۾ شمار ٿيندو هئو. جڏهن سندن چمار ٦ سال هئي ته سندن والده انتقال ڪري وئي. سندن پرورش عام طرز تي ٿي. اسلامي تاريخ مطابق پاڻ سڳورا اُمي هئا. پنجويهه سالن جي عمر ۾ سندن شادي هڪ امير عورت سان ٿي جنهن جي نتيجي ۾ سندن مالي حالت ۾ سڌارو آيو. چاليهه سالن جي عمر تائين پهچندي پهچندي ماڻهن ۾ سندن غير معمولي انسان هجڻ جو تاثر قائم ٿي چڪو هو.

ان زماني ۾ عرب بت پرست هئا ۽ ڪيترن ديوتائن تي پڻ يقين رکندا هئا. مڪي ۾ عيسائي ۽ يهودي پڻ رهندا هئا جن وٽان پاڻ سڳورن کي هڪ حقيقي خدا جي تصور کان واقفيت ٿي. چاليهه سالن جي عمر ۾ کين احساس ٿيو ته الله تعاليٰ پنهنجي فرشتي حضرت جبرائيل جي مدد سان ساڻن هم ڪلام آهي ۽ کين هڪ سچي عقيدي جي تبليغ لاءِ چونڊيو ويو آهي.

ٽن سالن تائين پاڻ (سڳورا) پنهنجي مٿن مائٽن ۾ ان نظريي جو پرچار ڪيو ٦١٣ع جي ويجهو پاڻ (سڳورن) کليل نموني تبليغ شروع ڪئي. هوريان هوريان سندن پوئلڳن ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. ان ڳالهه تي مڪي جي بااختيار ماڻهن کي پاڻ سڳورن جي ذات ۾ پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ٿيڻ لڳو ۽ انهن حضور جن کي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيون. ٦٢٠ ع ڌاري پنهنجي حفاظت خاطر مديني ڏانهن هليا ويا. (هي مڪي شريف جي اتر ۾ ٢٠٠ ميلن جي فاصلي تي واقع آهي) جتي کين وڏي سياسي طاقت نصيب ٿي. هن واقعي کي هجرت چئبو آهي. هي نبي سڳوري جي زندگي ۾ هڪ واضح موڙ هئو. مڪي ۾ سندن صرف چند ساٿي هئا پر مديني ۾ اهو تعداد تمام گهڻو ٿي ويو. ٿوري وقت اندر سندن شخصيت جا اثر واضح ٿيڻ لڳا ۽ پاڻ هڪ مڪمل اڳواڻ پڻ ثابت ٿيا.



Marfat.com

ايندڙ ڪجهه سالن ۾ سندن پوئلڳن جي تعداد ۾ تيزي سان اضافو ٿيڻ لڳو. مديني ۽ مڪي وارن جي وچ ۾ ڪجهه جنگيون پڻ لڳيون جن جي پڄاڻي ٦٣٠ع ۾ ٿي ۽ پاڻ مڪي ۾ فاتح جي حيثيت سان داخل ٿيا. سندن زندگي جي آخري ادائي سالن ۾ عرب قبيلن تيزي سان اسلام قبول ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ٦٣٢ع ۾ جڏهن پاڻ سڳورن وفات ڪئي ته ان وقت هو سڄي ڏکڻ عربستان جا موثر ترين حاڪم ٿي چڪا هئا.

عربستان جا بدو قبيلا جنگجو قوم جي حيثيت رکندا هئا. اهي تعداد ۾ گهٽ ۽ ڪمزور هئا ڇو جو اهي پنهنجي اترين مهذب پاڙيسري سلطنتن جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه هئا. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پاڻ سڳورن ڪين گڏ ڪيو ۽ انهن هڪ خدا جي تصور تي ايمان آندو. ٿوري عرصي ۾ عرب فوجن انساني تاريخ ۾ ڪاميابين جو هڪ حيران ڪندڙ سلسلو قائم ڪيو. عربستان جي اتر اوڀر ۾ ساسانين جي قائم ڪيل ايراني سلطنت هئي ۽ ان جي اتر اولهه ۾ بازنطيني يا اوڀرندي رومي سلطنت هئي، جنهن جي گادي جو هنڌ قسطنطنيه هئو.

تعداد ۾ عربن جو پنهنجي حريفن سان ڪو به جوڙ نه هئو پر جنگ جي ميدان ۾ سلسلو مختلف هئو. عربن تيزي سان ميسوپوٽيميا، شام ۽ فلسطين کي فتح ڪيو. ٦٤٢ع ۾ مصر کي بازنطيني حڪومت کان آزادي ملي جڏهن ته ٦٣٧ع ۾ قادسيه جي جنگ ۾ ۽ ٦٤٢ع ۾ نهاوند جي جنگ ۾ عربن ايرانين کي زبردست شڪست ڏني. مسلمانن صرف ان تي ئي بس نه ڪئي ۽ ٧١١ع تائين عرب فوجن اتر آفريڪا کي فتح ڪري ائٽلانٽڪ سمنڊ تائين وڃي پهتا. جتان انهن اتر ڏي رخ ڪيو ۽ جبرالٽر جو سمنڊ پار ڪري اسپين ۾ بادشاهي تي قبضو ڪيو.

هڪڙو دؤر اهڙو آيو جو اهو محسوس ٿيڻ لڳو هئو ته



Marfat.com

مسلمان سچي عيسائي يورپ تي قابض ٿي ويندا پر فرانس جي فوجن آخرڪار ڪين ٧٣٢ع ۾ طور جي مشهور لڙائي ۾ شڪست ڏني. جنگ ۽ جدل جي هن صدي ۾ انهن بدوي قبيلن نبي سان ڪيل واعدي کي پورو ڪندي هندوستان کان وٺي ائٽلانٽڪ سمنڊ تائين هڪ عظيم سلطنت قائم ڪئي. ان کان وڏي سلطنت جو ذڪر تاريخ ۾ نہ ٿو ملي ۽ نہ وري فتح ٿيل علائقن ۾ ماڻهن هن کان اڳ ڪڏهن پنهنجو مذهب مٽايو هجي.

پر هي سڀ فتحون دائمي ثابت نہ ٿيون. ايراني جيتوڻيڪ اسلام سان سچا رهيا پر انهن کان آزادي حاصل ڪيائون. اسپين ۾ ست سؤ سال خانہ جنگي رهڻ ڪانپوءِ عيسائيت اتي وري اثر ڄمايو. قديم تهذيب جا ٻہ حصا ميسوپوٽيميا ۽ مصر پوءِ بہ عربن جي قبضي هيٺ رهيا ۽ هي پائيداري اتر آفريڪا ۾ بہ هئي. اڳين ڪجهہ صدين ۾ هي مذهب مسلمانن جي فتح ڪيل علائقن کان ٻيپي پکڙڻ شروع ٿي ويو. پاڪستان، اتر هندوستان ۽ انڊونيشيا ۾ سندن تعداد وڌيڪ آهي. انڊونيشيا ۾ تہ هن ٻيٽن کي متحده پڻ ڪري رکيو آهي. ننڍي کنڊ ۾ هندو مسلم تڪرار سبب هن کي ايتري ڪاميابي نہ ملي سگهي آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿو ٿئي تہ اسان ڪهڙي طرح حضرت محمد صہ جي اثرن جو تجزيو ڪري سگهون ٿا. سيني مذهبن پنهنجي پيروڪارن مٿان گهرا اثر ڇڏيا آهن. اهوئي سبب آهي جو سيني عظيم مذهبن جا باني هن ڪتاب ۾ شامل آهن. هن وقت عيسائي مسلمانن کان ٻيڻ تي آهن. ان ڪري اها ڳالهہ عجيب ٿي لڳي تہ حضرت محمد صہ کي عيسيٰ مسيح کان مٿانهون مقام ڏنو ويو آهي. هن فيصلي جا ٻہ بنيادي ڪارڻ آهن. اول اهو تہ اسلام کي پکيڙڻ ۾ حضرت محمد صہ جو ڪردار وڌيڪ اهم ۽ ڀرپور آهي. جڏهن تہ عيسائيت جي بنيادي اخلاقي عقيدن جي تشڪيل ۾ يقيناً يسوع جي شخصيت کي بنيادي اهميت حاصل آهي پر سينٽ پال



Marfat.com

صحيح معنيٰ ۾ عيسائيت جي عقيدن کي واضح ڪيو ۽ ان ئي عيسائي پيروڪارن ۾ اضافو ڪيو ۽ اهو ئي عهدنامه جديد (New Testa- ment) جي گهڻي حصي جو مصنف پڻ آهي.

حضرت محمد صه نه صرف اسلام جي عقيدن جي جوڙڻ ۾ پاڻ پيرا هئا پر انهن جا اخلاقي قدر پڻ پاڻ بيان ڪيا اٿائون ۽ ان کانسواءِ انهن اسلام جي فروغ لاءِ ڪوشش پڻ ڪئي ۽ مذهبي عبادتن جي پڻ وضاحت ڪيائون.

حضرت عيسيٰ جي برعڪس حضرت محمد صه نه صرف هڪ ڪامياب دنيادار هئا پر اهي مذهبي رهنما پڻ هئا. عربن جي فتحن پويان دراصل سندن شخصيت جي طاقت موجود هئي. ان اعتبار سان هو تمام انساني تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ سياسي قائد ثابت ٿيا آهن.

گهڻن اهم تاريخي واقعن بابت چيو وڃي ٿو ته انهن کي هر حال ۾ ٿيڻو هئو جيڪڏهن انهن پٺيان رهنمائي ڪرڻ وارو ڪو خاص سياسي اڳواڻ نه به هجي ها ته اهي واقع ٿين ها. مثال طور جيڪڏهن سائمن جوليور پيدا نه ٿئي ها تڏهن به ڏکڻ آمريڪي ڪالونيون اسپين کان آزادي حاصل ڪن. ها پر عرب فتحن جي باري ۾ اهو نه ٿو چئي سگهجي. حضرت محمد صه کان پهريون اهڙو ڪو به مثال موجود نه آهي. ان امر تي اعتبار ڪرڻ ۾ ڪابه ڏکيائي پيش نه ٿي ٿئي جو پيغمبر کانسواءِ هي فتحون ممڪن نه هيون. انساني تاريخ ۾ هن مثال جهڙو ٻيو مثال تيرهين صدي عيسويءَ ۾ منگولن جون ٿيل فتحون آهن، جيڪي بنيادي طور تي چنگيز خان جي اثر هيٺ ٿيون. هي فتحون عربن کان گهڻو وسيع ۽ عريض هجڻ جي باوجود پائيدار نه هيون. اڄ منگولن وٽ اهي علائقا وڃي بچيا آهن جيڪي چنگيز خان جي دؤر ۾ ان جي هٿ هيٺ هئا.



Marfat.com

عرب فتحن جو سلسلو ان کان مختلف آهي. عراق کان وٺي مراڪش تائين عرب قوم جي هڪ زنجير پکيڙيل آهي ۽ اهي صرف هڪ گڏيل عقيدي "اسلام" جي ڪري نه رڳو متحده آهن پر ان سان گڏ سندن زبان، تاريخ ۽ تمدن به ساڳيو آهي. قرآن مسلمانن ۾ مرڪزيت پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ اها حقيقت آهي ته عربن ۾ ڪافي اختلاف به آهن ۽ اهي پاڻ ۾ ورهايل به آهن پر اهي سڀ ڳالهيون اسانکي انهن جي گڏيل اتفاق کان غافل نه ٿيون ڪري سگهن. مثال طور: ايران ۽ انڊونيشيا هٿي تيل پيدا ڪرڻ وارا مسلمان ملڪ آهن. پر 1973-74ع جي تيل جي واپار جي بندش جي معاهدي ۾ اهي شامل نه هئا. اهو رڳو اتفاق نه هئو ته تمام عرب رياستون ئي ان فيصلي ۾ شريڪ هيون.

اهڙي طرح سان ستين صدي عيسوي ۾ ٿيل عرب فتحن جا انساني تاريخ ۽ تمدن تي اثر اڄا تائين قائم آهن. هي ديني توڙي دنياوي اثرن جو بينظير ميلاپ آهي، جو منهنجي خيال ۾ حضرت محمد صہ کي انساني تاريخ ۾ سڀني کان زياده متاثر ڪن شخصيت ڏيارڻ جو جواز بڻجي ٿو.



Marfat.com

سڪندر علي چنه

صلي الله عليه وآله وسلم
# اصحابِ رسول

عمرو بن العاص رضہ ۽ خالد رضہ بن وليد صفر سن ٨ هجريءَ ۾ مسلمان ٿيا-عمرو رضہ بن العاص چوي ٿو هڪ دفعي آءٌ مديني ڏانهن ويندي جڏهن "هدي" جي جاءِ تي پهتس ته رستي ۾ مونکي به ماڻهو مليا جن مان هڪڙو خالد رضہ بن وليد هو-مون پڇيو مانس ته ڏي خبر ڪاڏي پيو وڃين؟ خالد جواب ۾ چيو ته محمد صہ ڏي پيو وڃان. ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿي ويا ۽ ڪو به صاحبِ ذوق ماڻهو ناهي رهيو-بيهقيءَ جا الفاظ هي آهن: "قلت اين تريد-قال محمداً دخل الناس في الاسلاٰم فلم يبق اَحَد به رجل ذوطَعم-عربيءَ ۾ رجل ذوطعم جي معني آهي صاحبِ ذوق يا (Man of Taste)-

حقيقت ۾ جيڪڏهن ڏسبو ته دنيا ۾ عظيم ڪارناما هميشه انهن ماڻهن ٿي سر انجام ڏنا آهن جن ۾ "ذوق" تحت ڪنهن ڳالهه کي رد يا قبول ڪرڻ جو مزاج هو يا آهي-سماڄي جهڪي انسان پنهنجا فيصلا دنياوي فائدن ۽ مصلحتن تحت ڪندا آهن اهي هميشه پنهنجي ذات جي گرد گهمندا رهندا آهن ۽ انهن جو محور صرف ۽ صرف سندن ذات هوندي آهي-اهڙن ماڻهن تي نه ڪڏهن زندگيءَ جا راز کلندا آهن ۽ نه ئي وري اهڙن ماڻهن مان ڪنهن وڏي ڪارنامي سرانجام ڏيڻ جي اميد ئي ڪري سگهجي ٿي.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي صحابي ٿيڻ جو شرف جن انسانن کي نصيب ٿيو اهي سڀ باذوق انسان هئا ۽ اعليٰ طبيعتن جا مالڪ هئا. دوستي يا دشمنيءَ ۾ انتهائي سچا هوندا هئا-



Marfat.com

انهن کي هميشه پنهنجي آن ۽ وقار جو خيال رهندو هو ۽ ڪڏهن به ڪا ذليل حرڪت ڪرڻ جي انهن مان اميد نه هوندي هئي-جيڪڏهن انهن کان ڪو پناهه گهرندو هو ته ان کي بچائڻ لاءِ پاڻ تباهه ۽ برباد ٿي ويندا هئا پر پنهنجي سام پيل جو وار به ونگو ٿيڻ نه ڏيندا هئا-مهمان نوازي، وفاداري، بهادري ۽ شجاعت ۽ پنهنجي شان جا ڪوڏيا هوندا هئا-عربن جو اهوئي انساني گروهه هو جنهن جي بهترين حصي اسلام قبوليو ۽ اڄ اسين ڪين اصحابِ رسول صه چئون ٿا-اهڙا باذوق انسان جڏهن حضور صه جن جي صحبت، تعليم ۽ تربيت هيٺ آيا ته انهن جي صلاحيتن ۾ وڏيڪ رنگ پيدا ٿيو ۽ انهن ۾ اهي عظيم ۽ اعليٰ خوبيون پيدا ٿيون جو اهڙين شاندار صفتن جا مالڪ نه اڳ زمين تي پيدا ٿيا ۽ نه وري انهن کان پوءِ ٻيهر ڏٺا ويا- حضور صه جن جي حديث آهي ته "خيارهم في الجاهلية خيارهم في الاسلام اذا فقهوا" يعني دور جاهليت جا بهترين ماڻهو دور اسلام جا بهترين انسان ٿيا جڏهن انهن سوچيو".

اسلام جو مقصد انسان کي مادي سطح کان ڪٽي روحانيت جي بلندين تي پهچائڻ آهي جتي هو فيضانِ الاهيءَ جو مرڪز ٿي پوندو آهي ۽ حديثِ قدسيءَ مطابق هو صفاتِ الاهيءَ جو هڪ زنده مثال ۽ نمونو ٿي پوندو آهي، جنهن جو مفهوم سچل سرمست هيئن بيان ڪيو آهي ته:

ايجها ڪم ڪريجي-جنهن وچ الله آپ بڻيجي

زندگيءَ ۾ روحانيت جي ان اعليٰ سطح ۽ بلند درجي تي پهچڻ لاءِ شرط اهو آهي ته انسان پنهنجي ذات جي بند خول مان ٻاهر نڪري-پر پنهنجي ذات جي خول مان نڪرڻ صرف بلند فطرت ۽ طبيعت انسانن کي نصيب ٿيندو آهي- ڇو جو ان مقام تي پهچڻ لاءِ پنهنجي ذات جي نفي ڪرڻي پوندي آهي، پنهنجي نفساني خواهشن



Marfat.com

جو گلو گهٽو پوندو آهي ۽ پنهنجي امنگن تي ماتم ڪرڻو پوندو آهي. همت صرف اُهي باذوق ۽ بلند ڪردار انسان ئي ڪري سگهن ٿا جيڪي مڙني مصلحتن ۽ دنيوي مفادن کان بلند ٿي سوچي سگهندا هجن چو ته پست فطرت ۽ طبيعت وارا ماڻهو ڪڏهن به پنهنجي ذات جي گنبد کي ڊاهڻ جي همت نه ڪري سگهندا آهن ۽ ايئن هو هميشه پنهنجي ذات جي خول ۾ بند رهندا آهن-تنهن ڪري بد ذوق انسان اسلام جي اعليٰ مقام جو تجربو نه ٿا ڪري سگهن.

اصحابِ رسول ﷺ جي باري ۾ سندن هم عصرن جي راءِ:

(۱) عبدالله رضه بن مسعود چوي ٿو ته:

"ان الله نظر في قلوب العباد فاختار محمداً صلي الله عليہ وسلم فبعثه برسالته وانتخبه بعلمه. ثم نظر في قلوب الناس بعده فاختار الله اصحاباً فجعلهم انصار دينه و وزراء نبيه صلي الله عليہ وسلم." (الاستعياب- جلد ۱ -ص-٦ ابن عبدالبر)

ترجمو: "الله تعاليٰ بندن جي دلين کي ڏٺو ۽ پوءِ انهن مان محمد صلي الله عليه وسلم کي پيغمبريءَ لاءِ چونڊيائين ۽ کيس علم سان نبي ڪري موڪليائين. ان کانپوءِ ماڻهن جي دلين ڏانهن نظر ڪيائين ۽ حضور ﷺ جن لاءِ سندس اصحابن کي چونڊيائين ۽ انهن کي پنهنجي دين جو مددگار ۽ نبيءَ جو وزير بنايائين."

(۲) حسن بصري تابعي رح (متوفي ۱۱۰ هجري) کان ڪنهن صحابہ جي باري ۾ پڇيو ته تو انهن کي ڏٺو ڀلاءِ ته اُهي ڪيئن هئا؟ جنهن تي حسن بصري رح چيو ته:

"لقد ادرکت سبعين بدرياً اکثر لباسهم الصوف ولوا رائيتموهم لقلتم مجانين ولوا راؤ اخيار کم لقالوا مالهولاء من خلاق- ولوا راؤ اشرارکم لقالوا مايومن هولاء بيوم الحساب-(ابونعيم-حلية



Marfat.com

(٥) عبدالله بن عمر رضہ؛ کان کنهن پڇيو تہ؛

"هل كان اصحاب النبي صلي الله عليہ وسلم يضحكون؟ قال نعم والايمان في قلوبهم اعظم من الجبال. (حليةالاولياء - جلد ١ - ص ١٣٦)

"تہ ڇا حضور صلي الله عليہ وسلم جا اصحابي ڪڏهن کلندا بہ هئا؟ تہ عبدالله رضہ چيو تہ ها ۽ ايمان انهن جي دلين ۾ جبلن کان بہ وڌيڪ هوندو هو".

(٦) حضرت علي ڪرم الله وجہ پنهنجن ساٿين جي باري ۾ چوي ٿو؛

"والله لقد رايت اصحاب محمد صلي الله عليہ وسلم فما اري اليوم شيئاً يشبههم-لقد ڪانوا يصبحون صفرا شعثا غبرا - رحملت اعينهم حتي تبل ثيابهم - والله فكان القوم ياتوا غافلين" - (البداية والنهاية جلد ٨ ص - ٦)

"خدا جو قسم، مون اصحابِ رسول سان وقت گذاريو آهي- اڄ ڪوبہ انهن جهڙو نظر نہ ٿو اچي-اُهي خالي هٿين، وکريل وارن ۽ مٽي لڳل هوندي صبح ڪندا هئا-انهن جي اکين مان ايترا تہ ڳوڙها وهندا هئا جو انهن جا ڪپڙا پسي ويندا هئا-خدا جو قسم تہ اڄ جي ماڻهن کي ڏسي ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ انهن غفلت ۾ رات گذاري آهي".

حاصل مطلب تہ اصحابِ رسول صلي الله عليہ وسلم روشنيءَ جا مينار هئا ۽ حضور صہ جن جي فرمان مطابق "سيئي صحابہ ستارن وانگر آهن-انهن مان جن جي بہ پيروي ڪندؤ تہ هدايت يافتہ ٿيندؤ."

اصحابي ڪالنجوم بِأيهِم اقتديتم اهتديتم-

اصحاب رسول صہ جن جي سيرت ۽ زندگين جو مطالعو ڪرڻ سان هيٺيون ڳالهيون ملن ٿيون جن کي جيڪڏهن اڄ جو انسان



Marfat.com

تسليم ڪري ۽ انهن تي عمل ڪري ته ڪاميابي ماڻيندو:

(١) آخرت جي پهلوءَ کي سامهون رکڻ:

جنگ يرموڪ ۾ اسلامي لشڪر جو سپهه سالار خالد رضه بن وليد هو-جڏهن حضرت عمر رضه خليفو ٿيو ته ڪيس ڪنهن مسئلي جي ڪري محاذ جنگ تي ئي معزول ڪري سندس جاءِ تي ابوعبيده رضه بن الجراح کي سپهه سالار مقرر ڪرڻ جو فرمان جاري ڪيائين، ۽ خالد رضه کي سندس ماتحت ڪيائين-قاصد اهو فرمان کڻي جنگ جي ميدان ۾ ان وقت پهتو جڏهن اسلامي لشڪر جنگ کڻي رهيو هو-پر ابو عبيده رضه بدستور خالد رضه جي ماتحتي ۾ جنگ وڙهندو رهيو ۽ ان حڪم کي ظاهر نه ڪيائين-جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته:

عن عدم اخذه بلواء القيادة علي الفور قال: ماسلطان الدنيا اريد وما للدنيا اعمل- (العبقريات الاسلاميه-عباس محمود العقاد-ص-٦٦٤)

"تو قيادت جو جهنڊو حڪم ملڻ شرط ڇو نه کنيو ته ابو عبيده رضه جواب ڏنو ته: آءُ دنيا جي وڏائي نه ٿو چاهيان ۽ نه ئي دنيا لاءِ عمل ڪريان ٿو."

جڏهن جنگ کٽڻ کانپوءِ خالد رضه کي سندس معزولي جو فرمان مليو ۽ سوين ماڻهو وٽس آيا ۽ پنهنجي سات ڏيڻ جو يقين ڏيارياءُونس ۽ چياءُونس ته تون اهو حڪم نه مڃ ۽ عمر رضه جي حڪم جي نافرماني ڪر اسين توسان گڏ آهيون ته خالد رضه ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته:

"اني لا اقاتل في سبيل عمر ولٰكن في سبيل رب عمر" ته آءُ عمر لاءِ ڪونه ٿو وڙهان پر عمر جي رب جي راه ۾ ٿو وڙهان."



Marfat.com

پوءِ هو ابوعبيده رضہ جي ماتحتي ۾ هڪ عام سپاهي ۽ مجاهد وانگر اسلام دشمن قوتن سان وڙهندو رهيو-ان واقعي مان معلوم ٿيو تہ اصحاب رسول صہ هر معاملي ۾ دنيا جي ننڍ ٺانگر کي نہ پر آخرت کي سامهون رکندا هئا ۽ پنهنجي امير جي اطاعت ڪندا هئا-

## (٢) جذبات کان متاهون ٿي سوچڻ:

جڏهن سن ١١ هجريءَ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن رحلت ڪئي تہ اڪثر مسلمان بي حال ٿي ويا هئا ۽ عمر رضہ جهڙو جليل القدر صحابي ۽ سفر ۽ حضر ۾ گڏ رهندڙ ۽ فقہ جو چاڻو بہ تلوار ڪڍي مسجد نبويءَ ۾ اٿي بيٺو تہ جيڪو چوندو تہ حضور صہ جن وفات ڪئي آهي تہ آءٌ هن تلوار سان ان جو ڪنڌ ڪپيندس- حضرت ابوبڪر صديق رضہ محبت رسول ۾ سڀني کان سرس هو پر ان جي باوجود ڪيس يقين هو تہ حضور صہ جن وفات ڪري ويا آهن-تنهن حضور صہ جن جي چهري مبارڪ تان چادر ڪڍي ڪين چميو ۽ چيو:

"بابي انت و امي-اما الموتة التي كتب الله عليك فقد ذقتها- ثم لن تصيبك بعدها موتة ابدا" - " جيڪو موت الله تعاليٰ توهان جي نصيب ۾ لکيو هو اهو توهان چکيو - ان کان پوءِ ڪو موت توهان کي نہ ايندو." ان کانپوءِ مجمع ۾ ٻاهر آيا ۽ تقرير ڪندي چيائون تہ:

"ايها الناس انه كان يعبد محمداً فان محمداً قد مات و من كان يعبد الله فان الله حي لايموت" (تهذيب سيرة ابنِ هشام - جلد ٢ ص - ١٥٥)

"اي انسانو جيڪڏهن توهان مان ڪو محمد جي پوڄا ڪندو هو تہ ان کي معلوم هجڻ گهرجي تہ محمد وفات ڪري ويو آهي ۽ جيڪو شخص الله جي عبادت ڪندو هو تہ ڪيس خبر هجي تہ الله هميشہ زنده آهي ۽ ڪيس ڪڏهن بہ موت نہ ايندو".



Marfat.com

اهو عبديت جو اهو اعليٰ مقام آهي جتي انسان جذبات کان متاهون ٿي ۽ نفرت و محبت جي نفسيات کان الڳ ٿي سوچيندو آهي. عمر رضہ کي ايئن لڳو تہ ڄڻ سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي هجي ۽ کيس يقين ٿي ويو تہ واقعي پيغمبر صہ جن وفات ڪري چڪا آهن-

## (٣) اختلافن جي باوجود بہ عدل تي قائم رهڻ:

عمر رضہ پنهنجي وقت جي هڪ عظيم سلطنت جو حاڪم هو جيڪا ٻاويهہ لک ايڪونجاهہ هزار هم چورس ميلن تي ڦهليل هئي. پر جڏهن هڪ دفعي تقرير ڪندي ماڻهن کان پڇيائين تہ "جيڪڏهن مون ۾ ڪا غلطي ڏسو تہ ڇا ڪندؤ؟" هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ چيائينس تہ:

"والله لو علمنا فيڪ اعوجا جالقوا مناهہ بسيوفنا" "خدا جو قسم جيڪڏهن تو ۾ اسانکي ڪا ڏنگائي نظر آئي تہ ان کي تلوارن سان سڌو ڪنداسين." عمر فاروق رضہ ان ماڻهوءَ جي "گستاخيءَ" تي تنبيهہ ڪرڻ جي بجاءِ فرمايو:

"الحمدلله ان جعل في المسلمين من يقوم اعوجاج عمر بسيفه" "الله جو شڪر آهي جو مسلمانن ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي عمر جي ڏنگائيءَ کي پنهنجي تلوار سان سڌو ڪندا".

هڪ ٻئي دفعي جو ذڪر آهي تہ عمر رضہ عورتن لاءِ شادي وقت وڏيڪ حق مهر مقرر ڪرڻ کي نندي رهيو هو تہ ميڙ مان هڪ عورت اٿي بيٺي ۽ چيائينس تہ:

"اَيُعطِينَا اللهُ قنطارا و يمنعنا عُمرَ." ترجمو - "الله تہ اسانکي خزاني جا ميڙ ٿو ڏئي ۽ عمر ان کان روڪي ٿو. ۽ پوءِ سورة النساء جي هيءَ آيت پڙهيائين:

"و ان اردتم استبدال زوج مڪان زوج واتيتم احدهن قنطارا



Marfat.com

افلا تاخذو امنه شيا اتاخذونه بهتانا و اثما مبينا. (النساء ٢٠)

ترجمو: "۽ جڏهن توهان هڪ زال جي جاءِ تي ٻي زال آڻڻ چاهيو ۽ پهرين زال کي حق مهر ۾ جيترو ڪجهه به ڏنو هجي ته ان مان ڪجهه به ان کان واپس نه وٺو. ڇا توهان انهن تي بهتان يا ڪو وڏو گناهه مڙهي ڪجهه حاصل ڪندو."

اهو ٻڌي عمر ڀرئي مجمعي ۾ پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪيو ۽ چيائين ته:

"اخطا عُمرُ و اصابت امراة"

"عورت حق چيو آهي ۽ عمر خطا ڪئي آهي."

هڪ دفعي عُيينه بن حصن مديني آيو ۽ عمر رضہ کي چيائين ته:

"هي يا ابن الخطابؑ- فوالله ماتعطينا الجزل ولا تَحكُم فينا بالعَدل" "اي خطاب جا پٽ نه ڪو تون اسان کي ڪجهه ڏين ٿو ۽ نه ڪو اسان ۾ انصاف سان فيصلو ڪرين ٿو".

اهو ٻڌي عمر رضہ جڏهن ان کي مارڻ لاءِ اٿيو ته حُر بن قيس چيس تي اي امير المؤمنين قرآن ۾ الله جو ارشاد آهي ته:

"خذ العفو و امر بالعرف واعرض عن الجاهلين"
(سورة الاعراف - آيت - ١٩٩)

"معاف ڪريو ۽ چڱائي جو حڪم ڪريو ۽ جاهلن کان پاسو ڪريو" ۽ يقيناً هيءُ هڪ جاهل ماڻهو آهي. عمر هڪدم ويهي رهيو.

اهڙي قسم جون ناخوشگوار ڳالهيون جڏهن زندگيءَ ۾ پيش اچن ٿيون ته انسان جي انا يا Ego سجاڳ ٿي پوندي آهي ۽ اهڙن موقعن تي پنهنجو پاڻ کي ڪنٽرول ڪري، عاجزي ۽ انڪساريءَ جي



Marfat.com

دائري ۾ محدود رکڻ، جيل وڃڻ ۽ ڦاهيءَ چڙهڻ کان به ڏکيو آهي - ان امتحان ۾ صرف اهي انسان ئي ڪامياب ٿي سهگهن ٿا جيڪي پنهنجي ذات ۽ نفي ڪري خدا جي بندگيءَ ۾ داخل ٿي ويا هجن -

(۴) فراست ۽ هوشياري:

هڪ حديث آهي ته: " اتقوا فراست المومن فانه ينظر بنور الله" - "مومن جي هوشياري ۽ فراست کان ڊڄو ڇو جو هو الله جي نور سان ڏسندو آهي." ان مان معلوم ٿيو ته ايمان سان انسان جي نگاهِ بصيرت ايتري ته تيز ٿي ويندي آهي جو مٿس آخرت جي حقيقتن جي انڪشاف سان گڏ موجوده دنيا جون حقيقتون به کلن ٿيون ۽ هو دنياوي معاملن ۾ نهايت عاقلانه فيصلا ڪندو آهي جن ۾ خير ئي خير هوندو آهي. عمر رضه جو قول آهي ته:

"ليس العاقل الذي يعرف الخير من الشر ولـكنه الذي يعرف خيرالشرين" . (العبقريات الاسلاميه - ص - ۵۰۵)

" عقلمند اهو ڪونهي جنهن کي خير ۽ شر جي خبر هجي پر عقلمند اهو آهي جنهن کي اها ڄاڻ هجي ته ٻن خرابين مان گهٽ خرابي ڪهڙي آهي."هن ۾ ردِ عمل جي نفسيات کان بچڻ جي تعليم آهي- جنگِ صفين جي ميدان ۾ تحڪيم جي مسئلي تي حضرت علي ڪرم الله وجه جا ڏهه هزار ساٿي الڳ ٿي ويا جن کي تاريخ ۾ خارجي/خوارج سڏجي ٿو- اهي خوارج نه صرف حضرت علي رضه جي شان ۾ گستاخي ڪندا هئا بلڪه ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ هڪ خارجي عبدالرحمن ابن ملجم کي به مقرر ڪيائون. جنهن حضرت علي رضه جن تي نماز فجر ۾ حملو ڪيو جنهن ۾ پاڻ شديد زخمي ٿي پيا ۽ نيٺ ٻن يا ٽن ڏينهن کان پوءِ شهيد ٿي ويا-

اهڙن ظالمن خلاف، حضرت علي رضه جي ساٿين ڪيس مشورو ڏنو ته ان کان اڳ جو هو اسان تي حملو ڪن، اسانکي هنن



Marfat.com

تي حملو ڪري انهن جو خاتمو ڪرڻ گهرجي ته علي رضہ جواب ۾ فرمايو:

"لا اقاتلهم حتي يقاتلوني، وسيفعلون" - "

"آءُ انهن سان نہ وڙهندس جيستائين هو اڳرائي ڪري مونسان نہ وڙهن ۽ هو جلد ئي ايئن ڪندا."

(العبقريات الاسلاميہ - ص - ٦٦٤)

جيڪڏهن حضرت علي رضہ بہ خارجين وانگر جذبات جي وهڪري ۾ وهي منفي نفسيات ۾ مبتلا ٿئي ها تہ سندس واتان ڪڏهن بہ اهڙو جملو نہ نڪري ها-حضرت علي رضہ هڪ غير متاثر ذهن سان پوري واقعي کي ڏسي رهيا هئا - اهوئي سبب آهي جو ڪين خبر پئجي وئي تہ خارجي جذباتي ۽ جاهل آهن ۽ انهن کي ڪاوڙ ۽ نفرت اسان ڪان جدا ڪيو آهي ۽ اهڙا جذباتي ماڻهو گهڻي دير ضبط نہ ڪري سگهندا ۽ انهن جي بي صبري ڪين مجبور ڪندي تہ هو اسان تي حملو ڪن- پوءِ ايئن ئي ٿيو جو خارجين نهروان جي جاءِ تي حضرت علي رضہ جي لشڪر تي حملو ڪيو ۽ شڪست کائي جبلن ۾ لڪي ويا ۽ ڪي روپوش ٿي ويا-

## (٥) قابلِ پيشنگوئي ڪردار: (Predictable Character)

هيءَ سموري ڪائنات الله تعاليٰ جي قائم ڪيل فطرت جي قانونن مطابق هلي رهي آهي تنهن ڪري هن ۾ هڪ نظم ۽ ضبط آهي-موسمن جي باري ۾ اڳواٽ ٻڌائي سگهجي ٿو تہ سياري ڪانپوءِ بهار ۽ پوءِ سرءُ ۽ اونهارو ايندو-ڏينهن ڪان پوءِ رات ٿيندي-پاڻي جو مرڪب هميشہ ١١٠١ سيڪڙو هائيڊروجن ۽ ٨٨.٩ سيڪڙو آڪسيجن تي مشتمل رهندو ۽ پاڻيءَ جو درجہ حرارت ١٠٠ درجہ سينٽي گريڊ آهي ۽ رهندو ۽ جيڪڏهن فلاڻي حالت واقع ٿئي تہ ان جو



Marfat.com

نتيجو ھي نڪرندو-طبعي سائنس جو سمورو ڍانچو ۽ بنياد نئي ان اصول تي ٻڌل آھي. جيڪڏھن ايئن نہ ھجي تہ سائنس جا سيئي اصول ۽ نتيجا بيڪار ٿي وڃن-ساڳي طرح الله تعاليٰ جا موڪليل نبي ۽ سندس اصحابي الله جي مقرر ڪيل شريعت ۽ قانونن جي پيروي ڪندي ان حيثيت جا حامل ٿيو وڃن جو انھن جي باري ۾ ڪو بہ اڳواٽ چئي سگھي ٿو تہ اھي جيڪڏھن وعدو ڪندا تہ نڀائيندا-اختلاف ھوندي بہ عدل کي ھٿان نہ ڇڏيندا-جيڪڏھن ڪنھن ملڪ کي فتح ڪندا تہ ظلم نہ ڪندا، فساد نہ ڦھلائيندا-پنھنجي غلطيءَ جي واضح ٿيڻ تي بھانا بنائڻ جي بجاءِ پنھنجي خطا کي تسليم ڪندا-انھن کي ڪا ڳالھہ طاقت سان نہ پر ھڪ لفظي دليل سان ميرائي سگھبي-جيڪڏھن ڪين ڪنھن ڳالھہ جي خبر نہ ھوندي تہ ان کي لڪائڻ جي بجاءِ صاف لاعلميءَ جو اقرار ڪندا-

اصحابِ رسول بہ پنھنجي مرضيءَ کي الله ۽ ان جي رسول صہ جي مرضيءَ جي سانچيءَ ۾ ڍاليو ھو.تنھن ڪري انھن جو ڪردار بہ قابل پيشنگوئي ھو سندن اھو ڪردار ئي ڪين دنيا ڪان مٿاھون ٿو ثابت ڪري. اصحاب رسول صہ جي باري ۾ اڳواٽ چئي سگھبو ھو تہ جيڪڏھن ڪين ھي معاملو پيش اچي تہ ڇا ڪندا ۽ سندن رويو ان مسئلي جي باري ۾ ڇا ھوندو-ھڪ دفعي بلال رضہ عمر رضہ سان ملڻ لاءِ سندس گھر ويو-خادم ٻڌايس تہ عمر رضہ ستو پيو آھي-بلال رضہ خادم کان پڇيو تہ عمر رضہ جو رويو توھان سان ڪيئن آھي؟ خادم چيو تہ عمر رضہ بھترين انسان آھي پر جڏھن ڪاوڙبو آھي تہ سندس ڪاوڙ ڏاڍي تيز ھوندي آھي- بلال رضہ خادم کي چيو تہ جيڪڏھن مان عمر رضہ کي ڪاوڙ اچڻ جي موقعي تي موجود ھجان تہ ان جي سامھون قرآن پڙھان ھا تہ ان ڪانپوءِ سندس غصو ۽ ڪاوڙ ختم ٿي وڃي ھا. (عبقريات الاسلاميہ ص - ۲۹۷)

" ذھب بلال الي عمر مستاذناً فقال له الخادم انه نائم - فسالہ



Marfat.com

كيف تجدون عمر - قال خيرالناس الا انه اذا غضب فهو امر عظيم - قال بلال لوكنت عنده اذا غضب قرات عليہ القران حتي يذهب غضبه".

قران كريم سڀني اصحابِ رسول صہ کي مؤمن قرار ڏنو آهي. حضور صہ جن جي زماني ۾ جيڪي منافق مسلمانن جي صفن ۾ گهڙي آيا هئا تن لاءِ سورة آل عمران جي آيت نمبر ١٧٨ مطابق انهن منافقن کي مسلمانن جي صفن مان ٻاهر ڪڍڻ ۽ ناپاڪ کي پاڪ کان الڳ ڪرڻ جو ذمو الله تعاليٰ پاڻ کنيو- "ماكان الله ليذر المؤمنين عَليٰ ما انتم عليہ حتيٰ يميزالخبيث من الطيب" - "الله اهو ناهي جو مسلمانن کي انهن جي موجوده حالت تي ڇڏي ڏئي بلڪہ هو ناپاڪ کي پاڪ کان جدا ضرور ڪندو." ان ڪري حضور صہ جن جي حياتي مبارڪ جي آخري ڏينهن ۾ منافق پڌرا ٿي مسلمانن کان الڳ ٿي چڪا هئا - لهذا قرآن ۾ سڀني اصحاب رسول صہ کي مومن قرار ڏنو ويو آهي - البتہ اعراب يعني ڪجهہ بدو قبيلن جي دلين ۾ ايمان داخل نہ ٿيڻ جو ذڪر سورة الحجرات جي آيت نمبر ١۴ ۾ آهي تہ: "قالت الاعراب آمنا - قل لم تؤمنوا ولكن قولوا اسلمنا ولما يدخل الايمان في قلوبكم" "اعراب چون ٿا تہ اسان ايمان آندو - چئو تہ توهان ايمان نہ آندو آهي بلڪہ ايئن چئو تہ اسان اسلام قبول ڪيو ۽ اڃا تائين ايمان توهانجي دلين ۾ داخل نہ ٿيو آهي." تنهن ڪري اعرابن کانسواءِ قرآن پاڪ سڀني اصحابِ رسول صہ کي سچو مومن قرار ڏنو آهي - ان ڪري اسانکي گهرجي تہ اسان سڀني اصحابِ رسول صہ جو نالو عزت ۽ احترام سان وٺون - جيڪڏهن ڪنهن تاريخي روايت ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نظر اچي جيڪا اصحابِ رسول صہ جي ڪردار ڪشي ڪندي هجي تہ اسانکي ان کي رد ڪرڻ گهرجي ڇو جو انساني لکيل تاريخن ۾ سهو ۽ خطا سان گڏ سازش جو بہ امڪان ٿي سگهي ٿو - اسان لاءِ دليل صرف قرآن ۽ حديث هئڻ گهرجي جيڪي صحابہ رضہ جي تعريف ڪن ٿا -قرآن ڪريم ۾



Marfat.com

سورة الانفال جي آخري ٻن آيتن ٧٥ - ٧٤ ۾ مڪي جي مهاجرن، مديني جي انصارين ۽ ٻين بعد ۾ ٿيندڙ مسلمانن لاءِ الله فرمايو آهي تہ انهن سڀني جي لاءِ الله وٽ مغفرت ۽ رزقِ ڪريم آهي ۽ اهي سڀ سچا مومن آهن-

" والذين آمنوا وَهاجروا وجاهدوا في سبيل الله والذين آوَوا وَ نصروا اولئک هم المؤمنون حقًا - لهم مغفرة و اجرکريم - والذين امنوا من بعد وهاجروا وجاهدوا معکم فاولئک منکم - وأولوا الارحام بعضهم اولي ببعض في کتب الله - ان الله بکل شيءٍ عليم."

" ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن انهن کي پناهہ ڏني ۽ انهن جي مدد ڪئي اهي ئي سچا مؤمن آهن - انهن لاءِ بخشش ۽ بهترين رزق آهي ۽ جن ماڻهن بعد ۾ ايمان آندو ۽ هجرت ڪِئي ۽ توهان سان گڏجي جهاد ڪيائون اهي بہ توهان مان آهن - ۽ رت جا رشتيدار هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن الله جي ڪتاب ۾ - بيشڪ الله هر شيءِ جي ڄاڻ رکي ٿو" سورة توبة جي آيت نمبر ١٠١ - ١٠٠ ۾ فرمايو تہ "والسابقون الارلون من المهاجرين والانصار والذين اتبعوهم باحسان رضي الله عنهم ورضواعنه واعدلهم جنت تجري تحتها الانهار خالدين فيها ابدا - ذالک الفوز العظيم وَممن حولکم من الاعراب منافقون و من اهل المدينة - مردواعلي النفاق - لاتعلمهم - نحن نعلمهم سنعذ بهم مَرتين ثم يردون الِي عذاب عليم" " ۽ مهاجرين ۽ انصار جهڙي سابق ۽ مقدم آهن ۽ جن سهڻيءَ طرح انهيءَ جي پيروي ڪئي الله انهن کان راضي ٿيو ۽ هو الله کان راضي ٿيا ۽ الله انهن لاءِ اهڙا باغ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان پاڻيءَ جون شاخون وهنديون هونديون ۽ هو انهن ۾ هميشہ رهندا ۽ اها وڏي ڪاميابي آهي ۽ توهان جي چوڌاري جيڪي ڳوٺاڻا آهن انهن ۾ منافق آهن ۽ مديني وارن ۾ بہ منافق آهن - اهي نفاق تي ڄمي ويا آهن - تون انهن کي نہ ٿو ڄاڻين - اسين انهن کي



Marfat.com

سجاڻون ٿا -اسين انهن کي ٻنو عذاب ڏيندا سين ۽ پوءِ هو عذاب عظيم ڏانهن ڌڪيا ويندا." هنن آيتن ۾ صحابہ رضہ جي سچي مومن هجڻ ۽ الله جو ڪائڻ راضي ٿيڻ ۽ بدلي ۾ جنت جي دائمي زندگيءَ جو عطا ٿيڻ ۽ ڪجهہ ڳوناڻن ۽ ڪجهہ مديني جي منافق ماڻهن جو ذڪر ۽ انهن کي دنياوي ۽ اخروي عذاب جو ذڪر آهي - اڳي بيان ٿي چڪو آهي تہ منافق حضور صہ جن جي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ پڌرا ٿي چڪا هئا - لهذا مهاجر صحابہ رضہ کي ڪجهہ جاهلن ۽ بد ذوق ماڻهن جو منافق سڏڻ وڏي جرات آهي ۽ سندن جهالت جي چٽي نشاني آهي - تنهن ڪري حضور صہ جن بہ اڳواٽ پيشنگوئي ڪندي منع ڪيو تہ:

"الله ڪان منهنجي صحابہ رضہ جي باري ۾ ڊڄو ۽ انهن کي ملامت جو نشانو نہ بڻائجو -جيڪو انهن سان محبت ٿو ڪري اهو منهنجي ڪري محبت ٿو رکي ۽ جيڪو انهن سان نفرت ۽ بغض رکندو اهو مون سان بغض جي ڪري بغض رکندو - جنهن انهن کي اذيت ڏني انهن مونکي اذيت ڏني، الله کي اذيت ڏني ۽ جيڪو الله کي اذيت ڏيندو تہ ستت ئي الله کيس وٺ ڪندو." ٻي روايت ۾ فرمايائون تہ "منهنجي صحابن کي گاريون نہ ڏجو جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص احد جبل جيترو سون بہ خرچ ڪندو تہ انهن جي معمولي خرچ ۽ ثواب برابر نہ ٿيندو". تنهن ڪري اسان اصحاب رسول صہ جي لاءِ نيڪ جذبات جو اظهار ڪريون ۽ انهن لاءِ قرآني حڪم موجب هيءَ دعا گهرون تہ:

"ربنا اغفرلنا ولاخواننا الذين سبقونا بالايمان ولا تجعل في قلوبنا غلاً للذين آمنوا ربنا انک رؤف رحيم" (سورة الحشر آيت نمبر ١٠)

"اي اسانجا رب اسانکي بخش ڪر ۽ اسانجي انهن ڀائرن کي بہ بخش ڪر جن اسان کان اڳ ايمان آندو ۽ اسانجي دلين ۾ ايمان وارن لاءِ ڪينو نہ رک. اي اسانجي رب تون وڏو رؤف ۽ رحيم آهين".



Marfat.com

کيپٽن شفقت حسين پيلار

صلي الله عليہ وسلم

# حضور اڪرم جن جا معجزا

انبياء عليهم السلام هن مادي دنيا ۾ رهندي، عالمِ آخرت جون اهي حقيقتون بيان ڪندا آهن جيڪي غير مرئي ۽ غير محسوس هونديون آهن- ان سان گڏ نبين تي جيڪا وحي نازل ٿيندي آهي ان جو سرچشمو به عالمِ ماديت کان بالا ۽ مافوق الفطرت هستيءَ جي طرفان هوندو آهي جنهن جو ادراڪ عام انسان نہ ٿو ڪري سگهي- ان سان گڏ غيب جون خبرون مثلا جنت ۽ جهنم، عالمِ امثال، عالمِ برزخ وغيره جون خبرون بيان ڪري انسان کي ان هستيءَ ڏانهن رجوع ڪرائيندا آهن جيڪا هن ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ آهي- ان سلسلي ۾ عقلي تعليم ۽ دلائل سان گڏ نبين کي الله جي طرفان اهي نشانيون پڻ ملنديون آهن جن کي ڏسي غافل انسانن کي قدرت الاهي کي نہ مڃڻ جو ڪو موقعو نہ ملي-انهن نشانين کي ئي اصطلاح ۾ معجزا سڏبو آهي-

معجزي جو مادو عجز آهي جنهن جي معني آهي اها ڳالهہ جيڪا ٻين کي عاجز ۽ مجبور ڪري ۽ مفهوم جي اعتبار کان اهي خارقِ عادات يا مافوق الفطرت (Metaphysical) ڳالهيون ياواقعا جيڪي نبين کان صادر ٿيندا آهن ۽ جيڪي عام ماڻهو ڪرڻ کان لاچار يا عاجز ٿي پون-

## (۱) معجزي جو مفهوم:

الله تعاليٰ هن دنيا جو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ هن ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو الله تعاليٰ جي خلقيل قانون فطرت ۽



Marfat.com

سنت الاهيءَ مطابق تي رهيو آهي-اهوئي سبب آهي جو هن ڪائنات ۾ نظم، ضبط ۽ ربط آهي- پر ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ پنهنجي قدرت ۽ مرضي مطابق جڏهن چاهيندو آهي ته پنهنجن مقرب ٻانهن لاءِ جن ۾ نبين کي اوليت ۽ خصوصيت حاصل آهي، انهن لاءِ انهن جي حق ۾ ۽ انهن جي مخالفن کي مجبور، لاچار، زير بار ۽ عاجز ڪرڻ لاءِ ته جيئن هو نبي جي صداقت کي تسليم ڪن، انهن جي هٿ تي جيڪي معجزا ظاهر ڪندو آهي اهي عام قوانين فطرت کان هٽيل هوندا آهن. مثلا باهه جي خاصيت قانون فطرت مطابق ساڙڻ آهي پر اها باهه حضرت ابراهيم عليہ السلام لاءِ الله جي حڪم سان گلزار تي پئي- اهڙين نشانين ۽ معجزن کي علامات نبوت، آيات نبوي، آيات ۽ براهين سڏبو آهي جيڪي نبوت جون دليل هونديون آهن-ان ڪري معجزن تي جيڪي ڪتاب لکيا ويا آهن عام طور تي انهن جا نالا "دلائلِ نبوت" رکيا آهن-

جهڙيءَ طرح نبوت جو صحيح فهم، الله جي وجود کي مڃڻ سان حاصل ٿئي ٿو اهڙيءَ طرح نبوت کي تسليم ڪرڻ سان معجزن تي ايمان آڻڻ آسان ٿيو پوي- جيڪو شخص الله جي وجود جو منڪر آهي اهو نبي کي نه مڃيندو ۽ جيڪي نبي کي نه مڃيندا آهي سندس معجزن جا منڪر هوندا-

## (٢) معجزو الله جي اختيار ۾ آهي:

معجزو الله جي ارادي ۽ ان جي مرضي مطابق الله جو فعل هوندو آهي، ان ۾ نبين کي ڪو اختيار نه هوندو آهي-جيئن جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي الله جو حڪم ٿيو ته پنهنجي لٺ کي اڇلاءِ ته اها هڪدم هڪ وڏي بلا بڻجي فرعون جي درٻاري جادوگرن جي رسين مان ٺهيل بلائن کي ڳڙڪائي وئي ۽ وري لٺ ٿي پئي-جنهن کي ڏسي حضرت موسيٰ عليہ السلام خود ششدر ۽ حيران



Marfat.com

ٿيو هو-جيڪو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ معجزا مڪمل طور تي الله جو فعل هوندا آهن-

جيڪڏهن معجزا نبين جي پنهنجي خواهش ۽ مرضيءَ مطابق رونما ٿين ها تہ غزوه احد ۾ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جا ڏند مبارڪ شهيد نہ ٿين ها ۽ مسلمانن کي شڪست نہ ٿئي ها- ڇو جو معجزي لاءِ هڪ لازمي شرط اهو بہ آهي تہ اهي بنان ظاهري واسطي ۽ سبب جي ظاهر ٿيندا آهن.

## (٣) معجزن جا قسم:

حافظ ابن ڪثير پنهنجي مشهور تاريخي ڪتاب "البداية والنهاية" ۾ معجزن جا ٻہ قسم بيان ڪيا آهن:

(١) معنوي معجزا-نبيءَ جو پيدائشي طور حسين صورت ۽ حسين سيرت هجڻ يعني سندس سموري حياتي پاڪ ۽ صاف ۽ هر قسم جي الزامن کان پاڪ هجي ۽ مڙني خوبين جو اعليٰ مظهر هجي- جيئن حضور صہ جن کي مڪي جا ماڻهو نبوت ملڻ کان اڳ بہ "الصادق" ۽ "الامين" سڏيندا هئا.

(٢) حسي معجزا- الله تعاليٰ جا پنهجن نبين جي هٿان مختلف عاجز ڪندڙ ۽ حيران ڪندڙ اهڙا ڪرشما ڏيکارڻ جيڪي عام ماڻهو پنهنجي حواسن سان پروڙي نہ سگهن تہ اهي ڪهڙي قانون فطرت تحت رونما ٿيا ۽ انهن کي مڃڻ ۾ ڪا وڏيڪ عقلي تڪليف نہ ڪرڻي پوي ۽ هر عقلمند ماڻهو انهن کي معجزو مڃي.

## (٤) معجزي ۽ جادوءَ ۾ فرق:

(١) معجزو الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلمن جو نتيجو هوندو آهي جڏهن تہ جادو ۽ سحر مشرڪانہ الفاظ ۽ وظيفن، سفلي علمن، نفسي توجہ ۽ خبيث ۽ ناپاڪ روحن جي مدد جو نتيجو هوندو آهي-



Marfat.com

(۲) معجزو الله جو اختياري فعل هوندو آهي جيڪو نبيءَ جي سچائي لاءِ هڪ نشاني بنبو آهي جڏهن تہ جادو ۽ سحر جادوگر جو پنهنجو بنايل ڪتراڳ هوندو آهي۔

(۳) صاحبِ معجزہ قدسي صفات ۽ پاڪيزہ انسان هوندو آهي ۽ جادوگر ۽ ساحر خبيث النفس۔

(۴) معجزي جو مقصد اهو هوندو آهي تہ انسان کي الله جي معرفت ۽ آخرت ۾ نجات حاصل ٿئي ۽ ساحر جو مقصد دنياوي متاع ۽ ملڪيت۔

(۵) صاحبِ معجزہ جو انجام فوز ۽ فلاح هوندو آهي ۽ جادوگر جو انجام ناڪامي ۽ بربادي۔

(٦) معجزو نبيءَ جي ارادي جو تابع نہ هوندو آهي جو هو جڏهن چاهي ڏيکاري سگهي، بلڪ الله جي اختيار ۾ هوندو آهي تہ جڏهن هو چاهي تڏهن ظاهر ٿئي. جڏهن تہ جادو جادوگر جي هٿ وس هوندو آهي تہ جڏهن چاهي جادوءَ جو مظاهرو ڪري۔

(۷) جادو ۽ سحر هر انسان ڪوشش سان سکي سگهي ٿو جڏهن تہ معجزو وهبي ۽ الله جي عطا هوندو آهي۔

(۸) معجزي جو تعلق آخرت، توحيد الاهي ۽ قدرت جي طاقت سان هوندو آهي جڏهن تہ جادو جو تعلق دنياوي تسخير ۽ تصرف جي معاملن سان هوندو آهي۔

**(۵) قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيل ڪن نبين جا معجزا:**

(۱) حضرت ابراهيم عليہ السلام جا معجزا:

**(الف) مردن کي زندہ ڪرڻ:**

"جڏهن ابراهيم چيو تہ اي منهنجا رب! مونکي ڏيکار تہ تون



Marfat.com

مردن کي ڪيئن زنده ڪندين؟ الله فرمايو تہ ڇا توکي يقين نہ آهي؟ ابراهيم چيو تہ يقين ڇونہ آهي پر چاهيان ٿو تہ منهنجي دل کي قرار اچي. پوءِ الله چيس تہ چار پکي وٺي پاڻ سان مانوس ڪر. پوءِ انهن جو هڪ هڪ ٽڪر الڳ الڳ پهاڙ تي رک ۽ پوءِ انهن کي سڏ تہ اهي تو وٽ ڊڪندا ايندا. (سورة بقرة-آيت نمبر ٢٦٠)

(ب)پيرسنيءَ ۾ ابراهيم کي اسحاق ڄمڻ:

"۽ ابراهيم جي زال بيٺي هئي تہ کلڻ لڳي. پوءِ اسان ان کي اسحاق جي خوشخبري ڏني ۽ اسحاق جي پٺيان يعقوب جي - (اهو ٻڌي) هوءِ چوڻ لڳي تہ هاءِ ويل، مان ٻار ڄڻينديس جڏهن تہ مان پوڙهي آهيان ۽ منهنجو مڙس بہ پوڙهو آهي- اها تہ عجيب ڳالهہ آهي، ملائڪن چيو تہ ڇا تون الله جي حڪم تي تعجب ٿي ڪرين." (سورت هود آيت نمبر ٧٢ - ٧١ )

(ج) ابراهيم تي باهہ جو گلزار بنجڻ:

"اسان فرمايو تہ اي باهہ ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي وڃ" (الانبياء آيت نمبر ٧٠)

(٢) حضرت موسيٰ عليہ السلام جا معجزا:

" ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي نو روشن نشانيون ڏنيون" (بني اسرائيل نمبر ١٠١)

(الف) سمنڊ جو ٻن حصن ۾ ڦاٽڻ:

" پوءِ اسان موسيٰ ڏانهن وحي ڪئي تہ پنهنجي لٺ سمنڊ تي هڻ-پوءِ اهو ڦاٽي پيو ۽ هر حصو اهڙو ٿي پيو جهڙو پهاڙ" (سورة الشعراء آيت نمبر ٦٣ - ٦٢)



Marfat.com

(ب) جبل مان ٻارنهن چشمن جو ڦٽڻ:

"۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو ته اسان چيو ته پنهنجي عصا (لٺ) پٿر تي هڻ ته ان مان ڦٽي نڪتا ٻارنهن چشما"

(سورة البقرة آيت نمبر ٦٠)

(ج) لٺ جو بلا بڻجڻ ۽ هٿ جو چمڪڻ:

"تڏهن موسيٰ پنهنجي لٺ اڇلي ته أها ارڙ بلا بڻجي وئي ۽ پنهنجو هٿ ڪڍيو ته اهو اوچتو ڏسڻ وارن جي اڳيان چمڪي رهيو هو" (سورت الاعراف ايت نمبر ١٠٨ - ١٠٧)

(د) فرعون ۽ سندس ملڪ تي مصيبتون:

"۽ پوءِ انهن تي اسان موڪليو طوفان ماڪڙ، جون، ڏيڏر ۽ رت" (الاعراف - ١٣٣ نمبر) ".

(ه) موسيٰ عليه السلام جي زبان مان هٿڪ جو ختم ٿيڻ:

موسيٰ دعا گهري ته "اي منهنجا رب، منهنجو سينو ڪشادو ڪر ۽ منهنجو ڪم سولو ڪر ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ (هٿڪ) کول جيئن اهي منهنجي ڳالهه سمجهن ۽ منهنجي گهر وارن مان منهنجي ڀاءُ هارون کي منهنجو وزير ڪر" - الله تعاليٰ فرمايو ته "اي موسيٰ تنهنجا سوال توکي عطا ٿيا" (سورة طـٰـه آيت نمبر ٣٦ - ٢٥)

(٣) حضرت عيسيٰ عليه السلام جا معجزا:

حضرت عيسيٰ عليه السلام ، الله جي قدرت سان بنان ٻيءُ جي معجزاتي طور تي پيدا ٿيو هو - سندس هيٺيان معجزا قرآن بيان ڪيا آهن-

" ۽ جڏهن الله چوندو ته اي عيسيٰ ابن مريم ياد ڪر اهي نعمتون جيڪي مون توتي ۽ تنهنجي ماءُ تي ڪيون هيون - جڏهن



Marfat.com

مون روح القدس سان تنهنجي مدد ڪئي - تون هندوري ۾ ۽ وڏي عمر ۾ ماڻهن سان ڪلام ڪندو هئين ۽ جڏهن مون توکي ڪتابن ۽ حڪمت ۽ توريت ۽ انجيل جي تعليم ڏني ۽ جڏهن تون مٽيءَ مان پکي ناهي پوءِ ان ۾ ڦوڪ هڻندو هئين تہ اهو منهنجي حڪم سان اڏامڻ لڳندو هو ۽ تون انڌي ۽ ڪوڙهيءَ کي شفاياب ڪندو هئين ۽ جڏهن تون مردن کي منهنجي حڪم سان (قبر مان) ڪڍي کڙو ڪندو هئين" (سورت المائت نمبر ١١٠) ۽ آل عمران آيت نمبر ۴٩ )

"۽ جيڪي هو ڪائينداءِ جمع ڪندا هئا اهي بہ ٻڌائيندو هو."

**(۴) حضرت يحيٰ عليہ السلام جي معجزاتي پيدائش؛**

سورة آلِ عمران جي آيت نمبر ٣٨ کان آيت نمبر ۴١ ۾ زڪريا عليہ السلام کي پيرسنيءَ ۾ جڏهن تہ سندس زال سنڍ هئي حضرت يحيٰ عليہ السلام جي پيدائش جي بشارت ڏني وئي ۽ ان جو ذڪر سورة مريم جي آيت نمبر ٩ - ٧ ۾ بہ آهي-

(۵) يوسف عليہ السلام جي قميص جو سندس پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام جي منهن تي وجهڻ سان اکين ۾ نور جو واپس اچڻ.

مٿيون معجزو سورة يوسف جي آيت نمبر ٩٦ ۾ مذڪور آهي.

**(٦) دائود عليہ السلام جي هٿن ۾ لوهہ نرم ٿيڻ ۽ سائس گڏ جبلن ۽ پکين جو تسبيح پڙهڻ؛**

داؤد عيلہ السلام جا اهي معجزا سورة انبياء جي آيت نمبر ٨٠ - ٧٩ ۾ بيان ٿيل آهن-

**(٧) حضرت سليمان عليہ السلام جي تابع جن ۽ هوا جو معجزو ۽ پکين جي ٻولين سمجهڻ جو معجزو؛**

هوا ۽ جنن جي تابع ٿيڻ جو ذڪر سورة الانبياء جي آيت نمبر ٨٢ - ٨١ ۾ آهي ۽ پکين جي ٻولين ڄاڻن جو ذڪر سورة



Marfat.com

النمل جي آيت نمبر ١٦ ۾ آهي-

مٿي جيڪي معجزا بيان ڪيا ويا آهن - اهي انهن نبين جا خاص خاص معجزا هئا. ان مان اهو مطلب نہ ورتو گهرجي تہ انهن نبين کي ڪو وڏيڪ معجزا عطا نہ ٿيا-نبيءَ کي نبوت ملڻ کان اڳ جيڪي معجزا ظاهر ٿين انهن کي معجزو نہ بلڪہ "ارهاص" چئبو آهي-

## حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جا اهي معجزا جيڪي قرآن ۾ مذڪور آهن:

صحيح بخاريءَ جي هڪ حديث جنهن جو راوي حضرت ابو هريره رضہ آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "نبين مان ڪو بہ اهڙو نبي ناهي گذريو جنهن کي خاص خاص معجزا ۽ نشانيون عطا نہ ڪيون ويون هجن جن کي ڏسي ماڻهن انهن تي ايمان آندو پر مونکي جيڪو خاص معجزو عطا ٿيو آهي اها وحي آهي جيڪا الله تعاليٰ مون ڏانهن موڪلي آهي- مونکي اميد آهي تہ قيامت ڏينهن منهنجي امت جو تعداد سڀني کان وڏيڪ هوندو." هن حديث مطابق تہ همہ قرآن ئي حضور صہ جن جو معجزو آهي- پر اهي خاص آيتون بيان ڪجن ٿيون جن ۾ حضور صہ جن جا ڪي معجزا مذڪور آهن:

### (١) شق القمر يعني چنڊ جي چيرجڻ جو معجزو:

"۽ قيامت قريب اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو" (سورة القمر نمبر ١)

اهو حضور صہ جن جو مشهور معجزو آهي جيڪو هجرت کان اڳ مڪي ۾ منا جي مقام تي حضور صہ جن ڪافرن ۽ مشرڪن جي استدعا تي، الله کان دعا گهري تہ معجزو رونما ٿيو-بخاريءَ ۾ حضرت انس رضہ حضرت عبدالله بن مسعود رضہ، حضرت جبير بن مطعم رضہ ۽ حضرت عبدالله بن عباس رضہ کان مروي آهي-هيءَ حديث متواتر آهي ۽ متفق عليہ آهي ۽ سواءِ جاهلن جي ٻئي ڪنهن بہ هن معجزي جي ڪا بي تاويل ۽ تعبير نہ ڪئي آهي-روايت ۾ اچي ٿو



Marfat.com

تہ مکي وارن حضور جن کي چيو تہ جيکڏهن توهان سچا آهيو تہ چنڊ کي اهڙي طرح ٻہ ٽکر ڪري ڏيکاريو جو ان جو هڪ حصو جبل ابي قبيس ۽ ٻيو حصو سويدا جي جبل قعيقعان تي نظر اچي- اُها چوڏهين جي رات هئي-حضور صہ جن الله کان دعا گهري ۽ چنڊ ٻہ اڌ ٿي پيو جيڪو ايترو وقت رهيو جيترو عصر ۽ عشا جي وچ ۾ وقفو هوندو آهي ۽ پوءِ غائب ٿيو."

(خصائص الڪبريٰ في المعجزات خيرا لوريٰ صہ ٢٣٧ - ٢٣٥ ) اردو ترجمو-

اهو معجزو سڄي دنيا وارن ڏٺو جنهن جو مختلف قومن ۽ ملڪن جي تاريخن ۾ ذڪر اچي ٿو- انهن ملڪن ۾ جن وقتن تي چنڊ جو چيرجڻ نظر آيو، اهي سڀ وقت علامہ قاضي سليمان منصورپوريءَ پنهنجي ڪتاب "رحمة للعالمين" جي جلد ٽئين جي صفحي ١٩٠ تي ڏنا آهن-

(٢) معراج جو معجزو:

"پاڪ آهي اُها ذات جنهن پنهنجي ٻانهي کي رات جي هڪ حصي ۾ مسجد حرام (مکي) کان مسجد اقصيٰ (يروشلم) تائين سير ڪرايو" (سورة بني اسرائيل نمبر ١) کان نمبر ١٨ ۾ بہ آهي- حديث جي ڪتابن ۾ حضرت صعصعہ رضہ جي طويل روايت ۾ ان جو تفصيل سان ذڪر آهي- مکي کان يروشلم چاليهہ منزلون يعني سوا مهيني جو پنڌ آهي پر الله تعاليٰ حضور رضہ جن کي رات جي هڪ قليل حصي ۾ مکي کان يروشلم، اتان ستن آسمانن جو سير ۽ جنت و جهنم جو مشاهدو ۽ سرچشمہ ۽ وحي الاهي، سدرة المنتهيٰ تائين وڃڻ ۽ واپسي هڪ اهڙو معجزو آهي جنهن جو ذڪر ڪتابن ۾ تفصيل سان ملي ٿو- صرف امام جلال الدين سيوطي رح پنهنجي ڪتاب "خصائص الڪبريٰ في المعجزات خيرالوريٰ" ۾ ٿي واقعہ ۽ معراج



Marfat.com

تي ٦٠ صفحن جو هڪ باب لکيو آهي جنهن ۾ صرف حديثون ۽ صحابہ جون روايتون بيان ڪيون اٿس-

## (٣) جنگين ۾ ملائڪن جي مدد:

سن ٢ هجريءَ ۾ غزوهء بدر ۾ الله تعاليٰ مسلمانن جي پنج هزار ملائڪن سان مدد ڪئي- جنهن جو ذڪر سورة آل عمران آيت نمبر ١٢٥ - ١٢٤ ۾ آهي ۽ سورة الانفال آيت نمبر ١٧٠ - ٩ ۾ آهي-

مٿي مذڪور قرآني معجزن جي ڳڻتائي جو مقصد اهو ڪونهي تہ ڪو حضور صہ جن جا معجزا هئا ئي ايترا بلڪہ بقول علامہ ابن تيميہ رح جي تہ "حضور صہ جن جا معجزا سندن بعثت کان اڳ ۽ بعثت دوران ۽ سندن پوري زندگي بلڪہ سندن وفات کان بعد قيامت تائين جاري رهندا." (الجواب الصحيح جلد نمبر ٤ ص نمبر ٢٦٤)

حضور صہ جن جي معجزن تي جيڪي بہ ڪتاب لکيا ويا ۽ جيڪي بہ روايتون ۽ حديثون جمع ڪيون ويو، انهن سڀني کي علامہ جلال الدين عبدالرحمٰن بن ابي بکر الشافعي رح (٩١١ هجري - ٨٤٩ هجري) پنهنجي مشهور و معروف ۽ هڪ هزار کان بہ وڌيڪ وڏن صفحن تي مشتمل ڪتاب "ڪفاية الطالب اللبيب في خصائص الحبيب صہ" ۾ جمع ڪيو- هيءُ ڪتاب جيڪو خصائص الڪبري جي نالي سان مشهورآهي، تنهن کي حيدرآباد دکن مان ١٣١٩ هجريءَ ۾ ٻن جلدن ۾ شايع ڪيو ويو ۽ قاهره مصر مان ڊاڪٽر محمد خليل هراس جي تحقيق سان ٽن جلدن ۾ شايع ٿيو- ان ڪتاب جو اردو ترجمو راجہ رشيد محمود ايم اي ۽ سيد حامد لطيف ڪيو- ان جي نظرثاني ۽ تهذيب محمد عالم مختار حق ڪئي ۽ اهو ڪتاب ٻن پنجن پنجن سؤ کان وڌيڪ وڏي سائز جي صفحن تي مشتمل فريد بڪ اسٽال لاهور وارن ڊسمبر ١٩٨٩ع ۾ شايع ڪيو آهي ۽ ڪيڏ ٿ



Marfat.com

ڪاليج لاڙڪاڻي جي لائبريريءَ ۾ اڪسيشن نمبر ٦٦٦ ۽ ٦٦٧ تي رکيل آهي- ان ڪتاب ۾ حضور صہ جن جا هزار کان به وڌيک معجزا ڏنل آهن- پر اختصار کان ڪم وٺندي اسين ڪجھ معجزا بيان ڪنداسين-

## ١. حضور صہ جن جي لعابِ دهن مبارک جو معجزو:

"حضرت وائل رضہ بن حجر چوي ٿو ته هڪ دفعي حضور صہ جن کي پيئڻ لاءِ ڏول ۾ پاڻي پيش ڪيو ويو- پاڻ ڪريمن ان مان ڪجھ ڍڪ پريا-باقي پاڻي واپس کوھ ۾ اڇليو ويو ته کوھ مان هميشه مشک جھڙي خوشبو ايندي رهي."

(الخصائص الڪبريٰ جلد اول ص نمبر ١٢٠)

## ٢. حضور صہ جن جي پگھر مبارک جو ذکر:

"حضرت انس رضہ بيان ٿو ڪري ته هڪ دفعي حضور صہ جن اسان جي گھر ۾ منجھند جو ڪجھ وقت لاءِ آرامي ٿيا-گرمي هئي تنهن ڪري جسم مبارک مان پگھر وهڻ لڳو ته ان پگھر جي قطرن کي منهنجي والده هڪ شيشيءَ ۾ جمع ڪرڻ لڳي، جنهن تي حضور صہ جن جي اک کلي پئي. پڇائونس ته "اي امِ سليم ڇا ٿي ڪرين؟" جواب ڏنائين ته "توهانجو پگھر مبارک مشک کان به وڌيک خوشبودار آهي ان ڪري اسان ان کي خوشبوءَ طور استعمال ڪندا آهيون." (الخصائص الڪبري جلد اول ص نمبر ١٢١)

## ٣. حضور صہ جن جي جسم مبارک جو پاڇو نه هو:

"حضرت ذڪوان رضہ چوي ٿو ته سج جي اس ۾ ۽ چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ حضور صہ جن جو پاڇو نظر نه ايندو هو."

(الخصائص الڪبري جلد اول ص نمبر ١٢٢)



Marfat.com

## ۴. حضور صہ جن جي آڱرين مان پاڻيءَ جو وهڻ:

جابر رضہ بن عبدالله روايت ٿو ڪري تہ هڪ دفعي نماز عصر جي وضو ڪرڻ لاءِ اسان وٽ پاڻي صفا تورو هو- اهو ٿورو پاڻي هڪ ٿانو ۾ وجهي اسان حضور صہ جن کي پيش ڪيو- حضور صہ جن پنهنجو هٿ مبارڪ پاڻيءَ ۾ وجهي آڱريون کولي ڇڏيون ۽ فرمايائون تہ "توهين وضو ڪريو الله تعاليٰ برڪت ڏيندو." مون ڏٺو تہ سندن آڱرين مان پاڻي جاري ٿي رهيو هو- اسين چوڏهن سو ڄڻا هئاسين- ۽ سڀني وضو ڪيو. (الخصائص الڪبريٰ جلد دوم ص نمبر ٦٧)

## ۵. حضور صہ جن جي بول ۽ براز جو معجزو:

"حضرت عائشة صديقة رضہ جن کان روايت ڪئي وئي آهي تہ حضور صہ جن جي پيشاب ۽ پاخاني جو ڪو بہ نشان نہ هوندو هو-جڏهن هڪ دفعي ڪائنڻ پڇيم تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "اسان (نبين) جي جسم جي نشو و نما جنتي روح جي طور تي ٿيندي آهي تنهن ڪري جيڪا شيءِ اسان جي جسمن مان خارج ٿيندي آهي تہ زمين ان کي ڳهي ويندي آهي." (الخصائص الڪبري جلد اول ص نمبر ١٣٧)

## ۴. حضور صہ جن جي بصارت جو معجزو:

"حضرت انس رضہ ۽ حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضور صہ جن فرمايو تہ "ڇا توهان سمجهو ٿا تہ منهنجي پٺ توهان ڏانهن آهي-خدا جو قسم تہ توهان جا سجدا ۽ رڪوع مونکان ڳجها نہ آهن- ان ڪري مونکان اڳ رڪوع ۽ سجدي ۾ نہ وڃڻ ڪريو ڇو جو آءُ پنهنجي پٺ سان بہ ايئن ئي ڏسندو آهيان جيئن پنهنجين اکين سان اڳيان ڏسندو آهيان."

(الخصائص الڪبريٰ جلد اول ص نمبر ١٢٠ - ١١٩)



Marfat.com

### ٧. حضور صہ جن جي هٿن ۾ پٿرين جو ذڪر ڪرڻ؛

حضرت سويد رضہ بن زيد ابوذر غفاري رضہ کان روايت ٿو ڪري تہ هڪ دفعي حضرت ابوبڪر رضہ عمر رضہ عثمان رضہ ۽ مان حضور صہ جن وٽ ويٺا هئاسين تہ حضور صہ جن پنهنجي هٿ ۾ ست يا نو پٿريون ڪنيون تہ اُهي حضور صہ جن جي هٿن مبارڪ ۾ تسبيح پڙهڻ لڳيون ايستائين جو مون انهن جو آواز ٻڌو جيڪو ماکيءَ جي مکين جي ڀڻ ڀڻ وانگر هو."

(ترجمان السنة - جلد نمبر ۴ ص نمبر ۱۲۸ - ۱۲۶)

### ٨. حضور صہ جن جي دست شفا جو معجزو؛

حضرت سعد رضہ بن وقاص چئي ٿو تہ هڪ دفعي آءٌ بيمار ٿي پيس تہ حضور صہ جن منهنجي عيادت لاءِ آيا- حضور صہ جن پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي پيشاني، سيني ۽ پيٽ تي ڦيريو تہ اڄ تائين مونکي ايئن لڳندو آهي تہ ڄڻ حضور صہ جن جي هٿ مبارڪ جي ٿڌاڻ جو اثر منهنجي قلب ۽ جگر ۾ آهي."

(ترجمان السنة جلد نمبر ۴ ص نمبر ۱۲۵)

### ٩. حضور صہ جن جي دعا سان غروب ٿيل سج جو وري طلوع ٿيڻ؛

حضرت اسماء رضہ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضور صہ جن هڪ جڳهہ "صهبا" ۾ ظهر ۽ عصر جي نماز پڙهي- پوءِ حضرت علي رضہ کي سڏايون جنهن اڃان عصر جي نماز نہ پڙهي هئي- جڏهن حضرت علي رضہ آيو تہ حضور صہ جن سندس جهوليءَ ۾ ڪنڌ مبارڪ رکي سمهي پيا- حضرت علي رضہ حضور صہ جن کي بيدار ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ ايستائين جو سج غروب ٿيڻ وارو هو ۽ حضرت علي رضہ جي عصر نماز جو وقت نڪري ويو- جڏهن حضور



Marfat.com

صہ جن بيدار ٿيا ۽ خبر پيئن تہ علي رضہ عصر نماز نڪري چڪي آهي تہ حضور صہ جن دعا ڪئي:

"اللهُمَّ اِنَّ عَبدکَ عَلِيّاً اِ حتَبسَ بِنَفسِهِ عَلَيٰ نَبِيکِ فتَرُدَّ عَلَيهِ شَرقَهَا"

"اي الله! تنهنجو ٻانهو علي رضہ تنهنجي نبيءَ جي خدمت ۾ هو- پوءِ تون سج کي وري مشرق ڏانهن موٽاءِ." ان ڪانپوءِ سج واپس وريو ۽ حضرت علي رضہ نماز عصر ادا ڪئي.

(ترجمان السنة - جلد نمبر ۴ ص نمبر ۵۴ - ۱۵۳ )

## ۱۰. کجيءَ جي ٿڙ جو حضور صہ جن جي فراق ۾ روئڻ:

حضرت جابر رضہ روايت ٿو ڪري تہ مسجد نبوي ۾ حضور صہ جن هڪ کجيءَ جي سڪل ۽ ڪتيل ٿڙ تي ويهي جمعي جو خطبو ڏيندا هئا- مديني جي هڪ انصاري خاتون کجيءَ جي ان ٿڙ جنهن کي "اسطوانہ حنانہ" چوندا هئا جي جاءِ تي ڪنهن واڍي کان هڪ ڪاٺيءَ جو سهڻو منبر تيار ڪرائي مسجد نبويءَ ۾ رکيو- جڏهن حضور صہ جن جمعي جو خطبو ڏيڻ لاءِ ڪاٺ جي نئين منبر تي ويٺا تہ ٻرسان ٻري ڪري رکيل اُن کجي جي ٿڙ اوڇنگارون ڏئي روئڻ شروع ڪيو- حضور صہ جن ڪاٺ جي منبر تان لهي وڃي ان کجيءَ جي ٿڙ کي ڀاڪر پاتو تہ هو سڏڪا ڀرڻ لڳو- پاڻ ڪريمن ان کي ٿپڪيون ڏئي ماٺ ڪرايو.

ترجمان السنة - جلد نمبر ۴ ص نمبر ۱۸۵ - ۱۸۴ -

## ۱۱. حضور صہ جن جي ڪاڏي جي برڪت:

حضرت ابوعبيد رضہ چوي ٿو تہ هڪ دفعي مون حضور صہ جن لاءِ گوشت جو ٻوڙ تيار ڪيو- ڪين دستيءَ جو گوشت ڏاڍو وڻندو هو تنهن ڪري مون ٻهرين دستي حضور صہ جن کي پيش ڪئي - پاڻ ڪريمن ٻي دستيءَ جي فرمائش ڪئي مون پيش ڪئي -



Marfat.com

پاڻ ڪريمن جڏهن ٽين دستيءَ جي فرمائش ڪئي ته مون ڪين عرض ڪيو ته "يارسول الله ٻڪريءَ ۾ گهڻيون دستيون ٿينديون آهن؟ جنهن تي پاڻ ڪريمن وراڻيو ته: "قسم آ مونکي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي ته جيڪڏهن تون خاموشيءَ سان مونکي دستي ڏيندو رهين ها ته دستيون اينديون رهن ها." (ترجمان السنة - جلد نمبر ۴ ص ۱۸۷ - ۱۸٦ )

طوالت جي ڪري انهن تي اڪتفا ڪجي ٿي نه ته حضور صه جن جا هزارين معجزا آهن-



Marfat.com

# درود شريف جون برڪتون

قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب "شهاب نامہ" ۾ صفحي نمبر ١١٥٢ کان ١١٥٥ ۾ لکي ٿو تہ سڄي ڪائنات ۾ صرف هڪ عمل اهڙو آهي جيڪو الله تعاليٰ، ملائڪن ۽ انسانن ۾ مشترڪ آهي- قرآنِ ڪريم جي ٻاويهين سيپاري جي سورة الاحزاب جي آيت نمبر ٥٦ جي لفظن ۾ اهو عمل هي آهي تہ:

"بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ نبيءَ تي درود موڪلين ٿا-اي ايمان وارؤ! توهان بہ اُن تي درود ۽ سلام موڪليندا ڪريو".

هونئن تہ الله تعاليٰ قرآنِ پاڪ ۾ ڪيترائي احڪام نازل فرمايا آهن جن تي عمل ڪرڻ هر مؤمن تي لازم آهي-گهڻن ئي انبياء عليهم السلام جي تعريف بہ ڪئي آهي ۽ انهن جا ڪيترائي اعزاز ۽ اڪرام بہ بيان فرمايا آهن پر ڪنهن بہ حڪم يا اعزاز ۽ اڪرام ۾ اهو نہ فرمايو تہ مان بہ هيءُ ڪم ڪريان ٿو، توهين بہ ڪريو. اهو اعزاز صرف اسانجي رسول مقبول صلي الله عليہ وآله وسلم جن لاءِ آهي جو الله تعاليٰ درود جي نسبت پهرين پاڻ ڏانهن ۽ پوءِ فرشتن ڏانهن ڪري مؤمنن کي حڪم ڪيو تہ الله ۽ ان جا فرشتا درود موڪلن ٿا اي مؤمنو توهين بہ درود موڪليو-اهوئي هڪ واحد حڪم آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ حڪم ڏئي نہ صرف تعميل جو مطالبو ڪيو بلڪہ پنهنجي هڪ عمل جو مثال ڏئي ان جي پيروي ڪرڻ جي فرمائش بہ ڪئي آهي. هڪ ٻانهي جي فضيلت جو هن کان وڌيڪ تصور نہ ٿو ڪري سگهجي.



Marfat.com

درود شريف ۾ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي اعزاز سان گڏ درود پڙهڻ واري جي سعادت ۽ اڪرام بہ آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اها آهي جو اسين درود شريف پڙهي حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي انهن عظيم الشان احسانن کي ڳائڻ جي ٿوري ڪوشش ڪريون ٿا جيڪي ان محسن اعظم صہ جا پنهنجي امت جي هرهڪ فرد تي آهن- ٻي ڳالهہ تہ درود شريف پڙهڻ واري تي سندس وسعت ۽ خلوص آهر حضور صلي الله عليہ واله وسلم جن جي توجہ جو شرف بہ ضرور حاصل ٿئي ٿو-خاص طور تي انهن ٻن صفتن جي توجهہ جن کي قران ڪريم ۾ رؤف الرَحِيم ۽ رحمة للعالمين جي خطابن سان نوازيو ويو آهي-پوءِ ڀلي هڪ ئي وقت ۾ مختلف جاين تي هزارين ماڻهو درود شريف پڙهندا هجن-انهن سڀني درود شريف پڙهندڙن تي حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو توجہ ڪرڻ ڪا مشڪل ۽ عجيب ڳالهہ ڪونهي، ڇو جو سج جا ڪرڻا هڪ ئي وقت ۾ هر جاءِ تي پوندا آهن صرف شرط اهو آهي تہ رخ سج ڏانهن هجي-جديد اصطلاح ۾ اها سڄي ڳالهہ (Frequency) يعني برقي لهرن جي ارتعاش جو معاملو آهي-جيڪڏهن انسان صحيح Wave Length (لاسلڪي شعاعن جي طول) سان Tune-up (هم آهنگ) ٿي وڃي تہ ڪنهن جي دل تار گهر ۾ استعمال ٿيندڙ Morse Key بنجي ويندي آهي تہ ڪنهن جي دل وڏي طاقت وارو شارٽ ويو (Short Wave) ريڊيو سيٽ بنجي ويندو آهي تہ ڪنهن جي دل ٽيلي وزن ۽ ڪنهن جي رنگين ٽيلي وزن بنجي ويندي آهي.

Wave Length جي هم آهنگي عمل ۽ اطاعت سان ٿيندي آهي ۽ ٽرانسمٽر سان صحيح مرڪز جو ڪنڪشن صرف درود شريف جي ذريعي قائم ٿيندو آهي.

ڪي ماڻهو پڇندا آهن تہ الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ وقت دعا



Marfat.com

جي شروع ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهڻ جو ضروري آهي؟ اصل ايئن ڪرڻ فرض ته ڪونهي پر فائديمند ضرور آهي-الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ ڪيئن به پڪار جي، انسان جي پڪار پهچندي ته ضرور آهي پر دنياوي اصطلاح ۾ درود شريف جو مثال شاهي ڊسپيچ باڪس (Despatch Box) وانگر آهي-جيڪا دُعا ان ڊسپيچ باڪس ۾ بند ٿي رب العزت جي بارگاهه ۾ پهچندي، ان ڏانهن خاص ۽ فوراً توجهه جو ٿيڻ وڌيڪ يقيني آهي ڇو جو حضور صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته "دعا ڪرڻ کان اڳ الله جي تعريف بيان ڪريو ان کان پوءِ مونتي درود پڙهو ۽ پوءِ دعا گهرو."

(مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي - حديث نمبر ١٢)

درود شريف جي فضيلت جو بيان احاديث جي ڪتابن ۾ موجود آهي. جن مان ڪجهه حديثون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

(١) درود جي فضيلت ۽ برڪت:

حضرت انس رضه کان روايت آهي ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته "جيڪو مونتي هڪ دفعو درود پڙهي ٿو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائي ٿو، اَن جون ڏهه خطائون معاف ڪري ٿو ۽ سندس ڏهه درجات بلند ڪري ٿو." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي - حديث نمبر ۴)

(٢) قيامت ڏينهن حضور صه جن جو سات ملڻ:

حضرت عبدالله بن مسعود رضه چئي ٿو ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته "جيڪو مونتي ڪثرت سان درود پڑهندو اهو قيامت جي ڏينهن مونکي سڀني کان وڌيڪ نزديڪ هوندو." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ۵)



Marfat.com

### (۳) ملائڪن جو درود جي ڳولا ۾ ڦرڻ:

حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان ئي روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "ملائڪ زمين تي گهمندا رهندا آهن تہ جيئن منهنجي امتين جا سلام مون تائين پهچائين." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ٦ )

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ " منهنجي قبر وٽ جيڪو درود پڙهندو آهي تہ مان اهو ٻڌندو آهيان ۽ جيڪو پري کان پڙهندو آهي تہ اهو مون تائين پهچايو ويندو آهي." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ١٦)

### (۴) درود کانسواءِ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ موقوف رهي ٿي:

" حضرت عمر رضہ بن الخطاب کان روايت آهي تہ "جيستائين حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن تي درود شرريف نہ پڙهيو وڃي تيستائين اُها دُعا آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ موقوف رهندي آهي ۽ مٿي نہ ويندي آهي". (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ٢٠)

### (۵) هر وقت درود پڙهڻ:

حضرت ابي رضہ بن ڪعب چئي ٿو تہ "مون حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ آءُ ڪثرت سان توهان تي درود پڙهندو آهيان ڀلا ٻڌايو تہ آءُ توهان تي درود پڙهڻ لاءِ ڪيترو وقت مقرر ڪريان؟ حضور صہ جن فرمايو تہ "جيڪو تون چاهين" مون چيو تہ (ڏينهن رات جي) چوٿائي-پاڻ صہ فرمايائون تہ " جيترو تون چاهين. ۽ جيڪڏهن ان کي وڌائين تہ اهو تنهنجي لاءِ چڱو آهي" مون چيو تہ (ڀلا) "اڌ" -حضور صہ جن چيو تہ ڀلي تنهنجي مرضي پر ان ۾ اجان بہ ڪجهہ وڌائين تہ اهو تولاءِ بهتر آهي." مون چيو تہ



Marfat.com

ڀلا "ٽي حصا." حضور صہ جن فرمايو تہ "تنهنجي مرضي پر جيڪڏهن ان ۾ ايجان بہ اضافو ڪرين تہ اهو تولاءِ بهتر آهي." مون چيو تہ "آءُ سمورو وقت توهان تي درود شريف پڙهندو رهندس." اهو ٻڌي پاڻ ڪريمن صہ جن فرمايو تہ "اهو توکي غمن کان آزاد ۽ تنهن جي گناهن کي معاف ڪرائيندو." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ١١)

## (۴) درود شريف نہ پڙهندڙن لاءِ تنبيهہ:

"حصرت ابوهريره رضہ چوي ٿو تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ "ان شخص جو نڪ خاڪ ۾ ملي جو جڏهن ان جي سامهون منهنجو نالو ورتو وڃي ۽ هو مون تي درود نہ پڙهي." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ٩)

"حضرت علي رضہ جن کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ "بخيل آهي اهو انسان جو جڏهن هن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿئي ۽ هو مون تي درود نہ پڙهي." (مشڪواة - باب الصلواة علي النّبي حديث نمبر ١٥)

## (٧) نالي سان صلي الله عليہ وآله وسلم لکڻ:

ابوْ عبدالله سيد محمد بن سليمان جَزُولِي رح جي درود شريفن جي ڪتاب "دلائل الخيرات" جي سنڌي ترجمي، مترجمہ علامہ عبدالوحيد جان سرهندي فاروقي جي صفحي نمبر ٣١ - ٣٠ تي آهي تہ "پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو ماڻهو منهنجي لاءِ ڪتاب ۾ صلواة لکي ٿو تہ هميشہ ملائڪ ان تي صلواة موڪلين ٿا - جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ موجود آهي."



Marfat.com

## (٨) دعا ۾ اول آخر درود پڙهڻ:

هڪ ڪامل بزرگ حضرت ابو سليمان داراني رح ارشاد فرمايو آهي تہ جيڪو ماڻهو چاهي تہ الله تعاليٰ کان پنهنجي حاجت طلب ڪري ان کي گهرجي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وآله وسلم جن تي گهڻي صلواة پڙهي پوءِ الله کان پنهنجي حاجت طلب ڪري ۽ دعا جو اختتام بہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن تي صلواة پڙهڻ سان ڪري.

## (٩) جمع ڏينهن ڪثرت سان درود پڙهڻ:

ساڳي ڪتاب "دلائل الخيرات" جي صفحي نمبر ٤٢ - ٣٩ تي آهي تہ اميرالمؤمنين حضرت علي رضہ ابن ابي طالب کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ " جنهن ماڻهوءَ مونتي جمع جي ڏينهن هڪ سؤ دفعا صلواة پڙهي. اهو قيامت جي ڏينهن ايندو ۽ ان سان گڏ نور هوندو جو جيڪڏهن اهو نور سموري مخلوق ۾ ورهايو وڃي تہ سڀني کي پورو پئجي ويندو." اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين کان روايت آهي تہ هر اها مجلس جنهن ۾ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن تي صلواة پڙهي وڃي ٿي تہ ان مجلس مان هڪ خوشبودار هوا پيدا ٿئي ٿي جيڪا آسمانن جي ڪنارن تائين پهچي ٿي - پوءِ ملائڪ اعلان ڪن ٿا تہ هيءَ خوشبو ان مجلس جي آهي جنهن ۾ رسول عربي صلي الله عليہ وسلم تي صلواة پڙهي وئي آهي".

## (١٠) هر درد جي دوا صلواة پڙهڻ:

پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "جنهن مؤمن کي ڪا تڪليف پهچي تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ منهنجي مٿان گهڻي صلاة پڙهي- پوءِ بيشڪ اها صلواة سندس ڏک ۽ غم ۽ تڪليفون لاهي ڇڏيندي ۽ رزق ۾ برڪت ڏيندي ۽ ان جون



Marfat.com

ضرورتون پوريون ٿينديون".

## (١١) درود گهڻو پڙهڻ گهرجي:

بزرگن جو چوڻ آهي تہ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ گهرجي ۽ ڪثرت جو اطلاق ٽي سو دفعن تي ٿئي ٿو ۽ ان کان مٿي، نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ فجر ۽ مغرب جي نمازن کانپوءِ هڪ سؤ دفعا ضرور پڙهڻ گهرجي-ان سان زندگيءَ ۾ آساني پيدا ٿئي ٿي. حُبِ رسول صلي الله عليہ وسلم جي بہ اها تقاضا آهي- ڇو جو حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "تيستائين ڪوبہ ماڻهو مؤمن ناهي جيسين آءُ ان کي سندس جان، مال، اولاد، پيءُ ۽ ماءُ ۽ سيني کان وڌيڪ محبوب ناهيان." تنهن ڪري ڪثرت سان درود صلواة پڙهڻ کي روز جو معمول بنائڻ گهرجي-

درود شريف ڪيترائي رائج آهن، پڙهندڙ کي اختيار آهي تہ جيڪي چاهي پڙهي سيئي باعث برڪت آهن-پر دعا ۾ جيڪڏهن اهي بہ درود شريف پڙهي جيڪي نماز ۾ پڙهبا آهن ۽ جن کي درود ابراهيمي چئبو آهي تہ ڪافي ٿيندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح جو "برڪات الصلوات"، "دلائل الخيرات" سنڌي ترجمو علامہ عبدالوحيد جان سرهندي جو، "جمالِ حبيب" محمد اسماعيل ڪنير ٺٽوي رح جو، "صلاة سڳوري ۽ سندس برڪتون" مولانا وفائيءَ جو، "فضائلِ درود شريف" مولانا محمد زڪريا رح جو، "قصيده برده شريف" سنڌيءَ ۾ احمد علي انصاري جو، درود ۽ صلواة جا مشهور ڪتاب آهن-



Marfat.com

صلي الله عليہ وآله وسلم
# حضور کي خواب ۾ ڏسڻ

خواب لاءِ قرآنِ ڪريم ۾ رؤيا جو لفظ آيو آهي ۽ ڪجهہ نبين ۽ ٻين ماڻهن جا خواب ۽ انهن جي تعبير جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(١) حضّرت ابراهيم عليہ السلام جو خواب:

سورة الصافات جي آيت نمبر ١٠٢ کان ١٠٥ ۾ اچي ٿو تہ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي چيو تہ: اي پٽ! ”مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ توکي ذبح ڪري رهيو آهيان ۽ پوءِ ٻڌاءِ تہ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ ان چيو تہ اي منهنجا ٻيءَ! توهانکي جيڪو حڪم ڏنو ويو آهي ان تي عمل ڪريو- انشاء الله توهان مونکي صبر وارو لهندؤ. پوءِ جڏهن انهن ٻنهي اسانجي حڪم تي ڪنڌ جهڪايو ۽ ٻيءَ پٽ کي پيشانيءَ ڀر ليٽايو ۽ اسان ان کي آواز ڏنو تہ اي ابراهيم! بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو.“

تنهن ڪري حضرت اسماعيل عليہ السلام جي قربانيءَ جي ياد ۾ اسلام ۾ حج جي موقعي تي عيد الاضحيٰ تي سڄي عالمِ اسلام جا مسلمان قرباني ڪندا آهن-

٢. حضرت يوسف عليہ السلام جو خواب:

سورة يوسف جي آيت نمبر ۴ ۾ سندس خواب جو بيان هن ريت آهي: ”اي بابا! مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ يارنهن ستارا ۽ سج ۽



Marfat.com

چنڊ منهنجي اڳيان جهڪي رهيا آهن." هن خواب ۾ سج ۽ چنڊ مان مراد سندس والدين ۽ يارنهن ستارن مان مراد سندس ڀائر آهن-هن خواب ۾ اهل خوشخبري هئي ته يوسف کي پيغمبري ملندي ۽ کيس مصر ۾ جيڪو عروج ۽ اقتدار حاصل ٿيو ان ڏانهن به اشارو هو جنهن کان پوءِ سندس سمورو خاندان مجبور ٿيو ته سندس عظمت کي تسليم ڪري-ويهن سالن کانپوءِ اهو خواب سچو ٿيو جنهن جو ذکر سورة يوسف جي آيت نمبر ٩٩ - ١٠٠ ۾ هن ريت آهي ته:

"پوءِ جڏهن يوسف وٽ (مصر) پهتا ته هن پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي پاڻ وٽ ويهاريو ۽ کين چيائين ته مصر ۾ انشاء الله امن ۽ سک سان رهو ۽ سڀ ان لاءِ سجدي ۾ جهڪي پيا ۽ يوسف چيو ته اي منهنجا پيءُ! هيءَ آهي منهنجي خواب جي تعبير جيڪو مون ڏٺو هو-منهنجي رب ان کي سچو ڪري ڏيکاريو."

### ٣. حضور ﷺ جن جو مڪي ۾ عمرو ڪرڻ لاءِ خواب:

ذيقعد سن ٦هجريءَ ۾ مديني ۾ حضور ﷺ جن خواب ۾ ڏٺو ته پاڻ عمرو ڪري رهيا آهن-تنهن ڪري حضور ﷺ جن چوڏنهن يا پندرنهن سو اصحابن سان عمرو ڪرڻ لاءِ مڪي ڏانهن روانا ٿيا- پر مڪي کان ٻارنهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ حديبيه پهتا ته کين خبر پئي ته مڪي جا ڪافر ان کي حملو سمجهي وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. پاڻ سڳورن جنگ ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ۽ ڪافرن سان ناهه ڪري مديني واپس وريا-ان تي ڪجهه ماڻهن کي خيال ٿيو ته ڇا پيغمبر جو خواب سچو نه هو؟ پر اهو انهن جو صرف شڪ هو- ڇو جو خواب ۾ اها وضاحت نه هئي ته ڪو عمرو هن سال ٿيندو- تنهن ڪري صلح حديبيه جي ناهه مطابق اڳئين سال ذي قعد سن ٧ هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن ۽ سندن ساٿين مڪمل امن ۽ اطمينان سان عمرو ادا ڪيو-ان عمري کي اسلامي تاريخ ۾ "عمرة



Marfat.com

القضا" سڏيو ويو آهي-ان خواب جو ذڪر سورة الفتح جي آيت نمبر ٢٧ ۾ هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

"بيشڪ الله پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو جيڪو واقعي مطابق آهي-بيشڪ جيڪڏهن الله چاهيو ته توهين مسجد حرام ۾ ضرور داخل ٿيندؤ امن ۽ امان سان پنهنجي مٿي جا وار ڪوڙائيندي يا ڪتائيندي توهانکي ڪو به خوف نه هوندو." لهذا اهو خواب سن ٧ هجري ۾ سچو ٿيو-

### ۴. قيد خاني ۾ يوسف جي ساٿين جو خواب:

سورة يوسف جي آيت نمبر ٣٦ ۾ آهي ته:

"۽ قيد خاني ۾ (يوسف) سان گڏ ٻه ٻيا نوجوان به داخل ٿيا-انهن مان هڪ ڏينهن هڪ چيو ته مون خواب ڏٺو آهي ته (شراب ناهڻ لاءِ) انگور نپوڙي رهيو آهيان ۽ ٻئي چيو ته مون خواب ڏٺو آهي ته منهنجي مٿي تي مانيءَ جو ٽوڪرو آهي ۽ ان مان پکي کائي رهيا آهن." پوءِ انهن خوابن جو تعبير سورة يوسف ۾ ئي آيت نمبر ۴١ ۾ ڪين يوسف ٻڌايو ته "توهان مان هڪڙو آزاد ٿي پنهنجي آقا جو ساقي ٿيندو ۽ ٻئي کي سوليءَ تي چاڙهيو ويندو جتي پکي ان جو گوشت پٽي کائيندا." اهي خواب سچا ٿيا اهي ٻئي نوجوان قيدي مصر جي بادشاهه ريان بن الوليد جا ساقي ۽ نانبائي هئا-ٻنهي تي الزام هو ته انهن بادشاهه جي کاڌي ۾ زهر ملائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي-انهن مان جيڪو ساقي هو ان کي تحقيق کان پوءِ الزام کان آجو ڪري آزاد ڪيو ويو ۽ وري بادشاهه جو ساقي مقرر ٿيو-نانبائيءَ تي الزام ثابت ٿيو تنهن ڪري ان کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو-

### ۵. مصر جي بادشاهه جو خواب:

سورة يوسف ۾ ئي آيت نمبر ۴٣ ۾ آهي ته:

"۽ بادشاهه چيو ته مون خواب ڏٺو آهي ته ستن متارين ڍڳين



Marfat.com

ڪي ست ڏٻريون ڏڳيون ڳهي رهيون آهن ۽ ست ساوا سنگ آهن ۽ ست سڪل آهن" يوسف جيڪا تعبير ٻڌائي ان جو ذڪر سورة يوسف ۾ ٿي آيت نمبر ۴۹ - ۴۷ ۾ آهي تہ "توهان لڳاتار ست سال پوک ڪندؤ ۽ جڏهن فصل لٺو تہ سواءِ اوتري اناج جي جيڪو توهانجي کائڻ لائق هجي باقي اناج سنگن ۾ ئي رهڻ ڏجو - ان کانپوءِ ست سال سخت ڏڪر جا ايندا جنهن ۾ توهان بچايل اناج کائيندؤ-۽ (ڏڪر جي ستن سالن کانپوءِ) پوءِ جيڪو سال ايندو ان ۾ خوب مينهن وسندو (جنهن ڪري اناج بہ گهڻو پيدا ٿيندو ۽ انگور بہ) جن جو رس ماڻهو نپوڙيندا." پوءِ اهو خواب سچو ٿيو.

قرآن ۾ آيل مٿين پنجن خوابن جو ان ڪري تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو تہ جيئن ظاهر ٿئي تہ خواب چاهي خراب هجن يا سٺا اهي حقيقت ۾ وجود رکن ٿا ۽ ايئن ڪونهي جيئن سگمنڊ فرائيڊ چيو هو تہ خواب ذهني بيماري، پريشاني، بد هضمي ۽ ٻين نفس-جسمي بيمارين جو نتيجو هوندا آهن جيڪي ننڊ جي حالت ۾ تحت الشعور مان ابري لاشعور ۾ ايندا آهن. سگمنڊ فرائڊ جي نفسياتي يا جسماني تحليل جي نتيجن کي سندس ئي شاگرد ۽ رفيق ڪار سي.جي.ينگ رد ڪيو ۽ چيو تہ خواب، انسان لاءِ الله جي طرفان علامتن ۽ اشارن تي مشتمل، مستقبل جو پيغام هوندا آهن-

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "نبوت مان بشارتون باقي رهنديون." ڪائڻ پڇيو ويو تہ "بشارتون ڇا آهن؟" فرمايائون تہ "چڱا خواب." (مشڪواة-ڪتابُ الرُؤياَ حديث نمبر ۱)-

"حضرت سَمُرَة رضہ بن جُندُب کان روايت آهي تہ حضور صہ جن جڏهن (فجر جي) نماز پڙهي وٺندا هئا تہ اسان ڏي منهن ڪري ويهندا هئا ۽ پڇندا هئا تہ توهان مان رات ڪنهن خواب ڏٺو آهي تہ



Marfat.com

ٻڌائي" - پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻڌائيندو هو تہ ان جي تعبير بيان ڪندا هئا." (مشڪواة-ڪتاب الرويا حديث نمبر ١۴)

حضرت عبدالله بن عمر رضہ ڪان روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "سڀ ڪان وڏو بهتان اهو آهي جو ماڻهو (خواب ۾) ڪا شيءِ ڏسڻ جي دعويٰ ڪري ۽ ان نہ ڏٺي هجي." (مشڪواة - ڪتاب الرؤيا-حديث نمبر ١٩) يعني ڪوڙو خواب بيان نہ ڪري.

حضرت ابوسعيد خدري رضہ ڪان روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو "سچو خواب سحري (اسر) جي وقت جو هوندو آهي." (مشڪواة - ڪتاب الرويا حديث نمبر ٢٠)

حضرت ابو قتاده رضہ ۽ حضرت جابر رضہ ڪان روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ چڱو خواب الله جي طرفان هوندو آهي ۽ پريشان خواب شيطان جي طرفان-پوءِ توهان جيڪڏهن ڪو چڱو خواب ڏسو تہ پنهنجي محبوب ماڻهوءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو ۽ جيڪڏهن ڪو خراب خواب ڏسو تہ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو ۽ ٽي دفعا اعوذ باالله پڙهي ٽي دفعا کٻي پاس تڪ اڇلائي ۽ پاسو مٽائي سمهي پئو تہ ڪو بہ نقصان نہ رسندو." (مشڪواة - ڪتاب الرويا حديث نمبر ٧ ۽ ٦ )

حضرت ابو رزين قميلي رضہ ڪان روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "مؤمن جو خواب نبوت جي ڇائيتاليهين حصي مان هڪ آهي - خواب پکيءَ جي پير تي آهي جيستائين ان کي بيان نہ ڪجي ۽ جڏهن بيان ڪبو تہ هي اوئن ئي ٽي پوندو آهي" ۽ منهنجي خيال ۾ تہ پاڻ فرمايائون تہ خواب پنهنجي دوست سان بيان ڪجي يا ڪنهن ڏاهي ۽ عقلمند انسان سان."

(مشڪواة - ڪتاب الرويا حديث نمبر ١٥)



Marfat.com

حضرت ابو هُريرة رضہ کان روايت آهي تہ حضور صہ جن فرمايو تہ " جنهن مونکي خواب ۾ ڏٺو ان مونکي ئي ڏٺو ڇو جو شيطان منهنجي صورت اختيار نہ ٿو ڪري سگهي." (مشڪواة - ڪتاب الرويا حديث نمبر ٣)

حضرت ابو قتادة رضہ چوي ٿو تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "جنهن مونکي ڏٺو ان واقعي مونکي ڏٺو." (مشڪواة - ڪتاب الرويا حديث نمبر ۴)

حضرت ابوهُريرة رضہ چوي ٿو تہ حضور صہ جن فرمايو تہ "جنهن مونکي خواب ۾ ڏٺو تہ عنقريب هو مونکي بيداريءَ ۾ ڏسندو ۽ شيطان منهنجي صورت اختيار نہ ٿو ڪري سگهي" (مشڪواة - ڪتاب الرويا حديث نمبر ۵)

اسلامي تاريخ ۾ خوابن ۽ انهن جي تعبير تي سڀ کان پهرين جامع ڪتاب محمد بن سيرين "تعبير الرؤيا" لکيو. جيڪو دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي - ان جو سنڌي ترجمو پروفيسر غلام حسين جلباڻي رحہ "خواب نامو" جي عنوان سان ڪيو هو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي شايع ڪيو هو - ان ڪتاب ۾ محمد بن سيرين ٿو چئي تہ خوابن جا ٽي قسم ٿيندا آهن:

(١) حَدِيثُ النَفسِ يعني نفساني يا دلي خيال ۽ ڳالهيون.

(٢) تخويف الشيطان: يعني شيطان جا ڊيڄارا

(٣) بُشريٰ مِنَ الله: يعني الله جي طرفان خوشخبريون.

تنهن ڪري خواب ڏسڻ واري جي عمر، مذهب، ڌنڌو، دوست ۽ يار، عادتون، جنس، وقت، عهدو ۽ دنياوي مرتبو ۽ حيثيت ، موسم، نالو، شڪل صورت، رات جو ڪاڏو، بيماريون، پاڪي ۽ ناپاڪي جي حالت غم ۽ خوشيءَ جي ڪيفيت جو ان جي خواب تي



Marfat.com

اثر ضرور هوندو آهي. تنهن ڪري خواب جي تعبير ٻڌائڻ واري کي خواب ڏسندڙ جي انهن مٿي بيان ڪيل ڳالهين کي ضرور معلوم ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح خواب جي تعبير ٻڌائڻ واري لاءِ لازمي آهي ته هو داناءُ، صاحبِ علم ۽ دينداري ۽ خدا ترس هجي. بي دين، بدصورت، دشمن، جاهل ۽ عورت کان خواب جو تعبير نه پڇجي.

محمد ابن سيرين جو چوڻ آهي ته ڪنهن به شخص جي خواب ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن اچي سگهن ٿا پوءِ اهو مسلمان هجي يا ڪافر، دينداري هجي يا فاسق. اصل ڳالهه اها آهي ته خواب ڏسندڙ کان حضور ﷺ جن جو حليو مبارڪ جيڪو حديثن ۾ بيان ڪيل آهي اهو پڇڻ گهرجي. جيڪڏهن خواب ۾ ڏٺل شخص جو حليو حضور ﷺ جن سان ملي ته تصديق ڪجي ۽ ان جي تعبير بيان ڪجي ۽ اهو پڻ ڏسبو ته خواب ڏسندڙ، حضور ﷺ جن کي خواب ۾ ڪهڙي ڪيفيت يا حالت ۾ ڏٺو آهي. ان مطابق ان جي تعبير بيان ڪجي.

محمد ابن سيرين "ڪتاب تعبير الرويا" باب ٽئين ۾ چوي ٿو ته حضور ﷺ جن کي صحيح ۽ سالم ۽ خوشيءَ جي حالت ۾ ڏسڻ مبارڪ ۽ دين ۽ دنيا جي ڪاميابيءَ جي ضمانت آهي- پر جيڪڏهن حضور ﷺ جن کي هيٺين حالتن ۾ ڏٺو ويو ته انهن جو تعبير هيءَ ٿيندو:

١. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي خواب ۾ ڪنهن بلند زمين تي ڏٺو ته اها زمين برڪت ۽ فراخيءَ واري ٿيندي.

٢. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي غم زده ڏٺو ته ان کي ڪشادگي ۽ فراواني حاصل ٿيندي.

٣. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي ڪنهن جي گهر جي صحن ۾ ڏٺو ته ان گهر ۾ باهه لڳندي ۽ نقصان ٿيندو ۽ هلاڪت



Marfat.com

ٿيندي.

۴. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي بيماري، يا ڪو عضوو نہ هجڻ يا ميت جي حالت ۾ ڏٺو تہ ان لاءِ تباهي، نقصان ۽ ديني ڪمزوري جو باعث هوندو.

۵. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي سهڻي لباس ۾ ڏٺو تہ دين ۽ دنيا جي ڀلائي جو دليل آهي.

٦. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي هلندڙ حالت ۾ ڏٺو تہ امت کان جهاد جي تقاضا ۽ خواب ڏسندڙ جي ڪمزور ديني حالت جو دليل آهي.

۷. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي حج ڪندي ڏٺو تہ ڪيس بہ حج جي سعادت نصيب ٿيندي.

۸. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي تقرير ڪندي ڏٺو تہ امت ۽ ڏسندڙ کي نصيحت آهي.

۹. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي آئينو ڏسندي ڏٺو تہ امانت ادا ڪرڻ جي تقاضا سمجهڻ گهرجي.

۱۰. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي ڪجهہ پيئندي ڏٺو تہ امت کان زڪواة جي ادائيگيءَ جي تقاضا آهي.

۱۱. جيڪڏهن ڪنهن حضور ﷺ جن کي ڪا شيءِ کائيندي ڏٺو تہ صدقو، خيرات ۽ زڪواة جي ادائيگيءَ جي تقاضا آهي ۽ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي گهر.

۱۲. جيڪڏهن حضور ﷺ جن خواب ۾ ڪنهن کي پنهنجي لباس مان ڪو حصو پائڻ لاءِ ڏين تہ اهو بادشاهہ ٿيندو-منڊي ڏين تہ اسلام جو وڏو فقيهہ ٿيندو-تلوار عطا ڪن تہ وڏو مجاهد ٿيندو يا ٻي ڪا شيءِ ڏين تہ ان مطابق ڪيس مان ۽ مرتبو عطا ٿيندو.



Marfat.com

۱۳. جيڪڏهن ڪو شخص حضور ﷺ جن کي غصي جي حالت ۾ ڏسي ته ملڪ ۾ بدعتن جو ڦهلاءُ ۽ بي ديني جو وڌڻ آهي- ان ڪري توبهه تائب ٿجي.

۱۴. حضور ﷺ جن جيڪڏهن ڪنهن جڳهه تي ٻيهي سڏ يا آواز ڏين ته اها جاءِ آباد ٿيندي.

۱۵. جيڪڏهن ڪو حضور ﷺ جن کي مصيبت واري جاءِ تي ڏسي ته ڪيس ڏکن ۽ غمن کان آزادي ملندي.

۱٦. جيڪڏهن حضور ﷺ جن ڪنهن کي خشڪ يا تر ميوو ڏين ته ان جي دين ۽ دنيا موچاري ٿيندي ۽ اهو وڏو عابد، زاهد ۽ پارسا ٿيندو.

۱۸. ڪنهن بدڪار ۽ گناهگار جي خواب ۾ حضور ﷺ جن جو اچڻ ان لاءِ رحمت جو دليل آهي ۽ ان کي نيڪ راهه تي هلڻ جي تنبيهه آهي.

۱۸. حضور ﷺ جن جو جنازو خواب ۾ ڏسڻ. خواب ڏسندڙ ۽ ان جي قوم ۽ ملڪ لاءِ تباهيءَ جي علامت آهي-

۱۹. جيڪڏهن ڪو شخص ڏسي ته هو حضور ﷺ جن جي پويان هلي رهيو آهي ته ان جي بدعتي هجڻ جو دليل آهي. جيڪڏهن ڪو ڪافر ساڳيو خواب ڏسي ته ان جي مسلمان ٿيڻ جو امڪان آهي.

۲۰. جيڪڏهن ڪو حضور ﷺ جن کي سياهه رنگ ۾ ڏسي ته ان جي دين ۾ خلل ۽ تباهي جي نشاني آهي.

۲۱. جيڪڏهن ڪو حضور ﷺ جن کي منهن افسوس ڪندي ڏسي ته ان جي مرتد ٿيڻ جي خبر آهي.

۲۲. جيڪڏهن حضور ﷺ جن ڪنهن کي خواب ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪن ته خواب ڏسندڙ کي اهو ڏسڻ گهرجي ته



Marfat.com

اهو حڪم ڪتاب ۽ سنت جي خلاف تہ نہ آهي-جيڪڏهن اسلام خلاف ۽ شريعت سان متصادم ۽ ٽڪرائيندڙ ناهي تہ اهو حڪم مڃڻ گهرجي ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن اهو ڪتاب ۽ سنت خلاف آهي تہ ان تي عمل نہ ڪرڻ گهرجي-ڇو جو خواب ۾ انسان جي حالت هڪ جهڙي نہ ٿي رهي ۽ سجاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس پورو خواب ياد نہ رهيو هجي يا ڪو لفظ رهجي ويو هجي ۽ حڪم جي حيثيت دين خلاف ٿي وئي هجي-ان ڪري بہ تہ خواب تخميني ۽ اندازي تي آهي ۽ شريعت يقيني ۽ اٽل آهي-جيئن هڪ شخص ڪنهن بزرگ کي ٻڌايو تہ مونکي حضور صہ جن حڪم ڏنو آهي تہ "اشرب الخمر" يعني شراب پيءُ تہ تعبير ٻڌائيندڙ عالم چيو تہ ايئن نہ فرمايو هوندائون بلڪہ توکي چيو هوندائون "لاتشرب الخمر" يعني شراب نہ پيءُ - پر توکي "لا" جو لفظ وسري ويو آهي-ڇا تون شراب پيئندو آهين؟ تہ خواب ڏسندڙ اقرار ڪيو. تنهن تي تعبير ڪندڙ چيس تہ توبہ ڪر ۽ آئنده شراب نہ پيءُ-

خواب ۾ مليل حڪم کي، قرآن ۽ سنت مطابق هجي تہ مڃجي ۽ جيڪڏهن ان جي خلاف هجي تہ ان جي تاويل ڪري ان تي عمل پيرا ٿجي-

٢٣. جيڪڏهن ڪو خواب ۾ ڏسي تہ حضور صہ جن جي قبر مبارڪ کي کوٽي رهيو آهي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ اهو شخص حديث تي تحقيق ڪندو ۽ الله تعاليٰ ان کان احياء اسلام جو ڪم وٺندو-

مختلف بزرگن جو تجربو آهي تہ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ سان حضور صہ جن جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿيندي آهي.



Marfat.com

صلي الله عليہ وسلم

# حضور اڪرم
# جن جي ڪامياب زندگيءَ جا ست راز

**پهريون: هر حال ۾ سچ جو ساٿ ڏيڻ واري سندن جرئت:**

پنهنجي مشن جي شروعاتي تيرنهن سالن دوران، دشمن جي ظلم و ستم جو مقابلو ڪرڻ لاءِ وٽن ڪا به فوج ڪونہ هُئي. دشمن ڪين گاريون ڏيندا هئا، پاڻ صہ جن ۽ سندن ساٿين کي ايذائيندا هُئا- انهن اٽڪل ٽن سالن تائين سندن بائيڪاٽ ڪيو-دشمن مٿن پٿر وسايا جڏهن پاڻ ڪريم صہ جن طائف ويا ۽ باالآخر انهن ڪين قتل ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو پر پاڻ ڪريم صہ جن الله جي حڪم سان دشمن جي ڦندي مان بچي نڪتا. اهو معجزاتي طور ڪونہ ٿيو بلڪہ سندن ناقابل شڪست ارادي، ڏاهپ ۽ تدبر جي ڪري ٿيو. هر اهو طريقو جيڪو پاڻ ڪريم صہ جن پنهنجي ذات ۽ پنهنجي اصحابن جي حفاظت لاءِ اپنايو اهو حالتن سان ٺهڪندڙ هڪ فطري ۽ مناسب قدم هوندو هو-

**ٻيو: اسلام جي پرچار ۽ ٻوڙهن جي فلاح و بهبود جو خيال رکڻ لاءِ پاڻ ڪريم صہ جن جو پاڻ پتوڙڻ-**

پاڻ ڪريم صہ جن نہ بي خبر هُئا ۽ نہ ئي اڻ ڄاڻ يا غافل. سندن هر قدم پهريان کان سوچيل ۽ رٿيل هوندو هو ۽ اهو فطري لياقت، مهارت ۽ جفاڪشي ذريعي پايہ تڪميل تائين پهچايو ويندو هو-اهو "پيار جو پورهيو" هيو-اهو قدم صبر، همت ۽ سخاوت جي علامت ٻڌبو هو-اهو سڀ ڪجهہ انساني حيثيت سان سرجندو هو نہ ڪي الاهي يا معجزاتي طور.



Marfat.com

ٿيندو هو تہ ان جو الزام ڪنهن ٻئي تي نہ مڙهيندا هُئا- ۽ نہ ئي انهن لاءِ خدا ڪان بد دعا گهرندا هئا جيڪي انهن مشڪلاتن جا ذميوار هوندا هئا-پاڻ ڪريم ﷺ جن-ترت ئي نقصان جي تلافيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا ۽ اهو مسئلو حل ڪري صورتحال کي بهتر بنائي ڇڏيندا هئا-

## ستون: پاڻ ڪريم ﷺ جن لالچي نہ هُئا-

خزانہ سندن جهوليءَ ۾ اچي پوندا هئا پر پاڻ ﷺ جن اُهي ٻين ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ باقي نہ رکندا هُئا- پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي مرضي رضاء الاهي تي قربان ڪري ڇڏي هُئي-پاڻ ﷺ جن اهو چاهيندا هُئا جيڪا خدا جي رضا هوندي هئي- اهو ئي اسلام هو-پاڻ ڪريم ﷺ جن سڀني مسلمانن ۾ بهترين مسلمان هُئا-پاڻ انسان هئا نہ ڪي فرشتا يا ڪو الاهي وجود- جيڪڏهن اسين سندن نيڪين تي عمل ۽ پيروي ڪنداسين، اهي نيڪيون جيڪي قرآن شريف ۽ سنت ۾ بيان ڪيل آهن تہ اسين پڻ پنهنجن زندگين ۾ ڪاميابي ماڻينداسين.



Marfat.com

صلي الله عليہ وآلہ وسلم

# غزوات رسول الله

تاريخ اسلام ۾ اهي جنگيون جن ۾ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن خود شرڪت ڪئي انهن جنگين کي غزوات چئجي ٿو. ننڍين وڏين ڪل غزوات جو تعداد ٢٧ آهي. پهرين غزوه "ابوا" ۾ لڳي ۽ آخري غزوه "تبوڪ" آهي جيڪا رجب سن۹هہ ۾ وڙهي وئي.

سيني غزوات جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

١. غزوه ابواء يا غزواه وِدان:

ابواء ۽ ودان، وادي فرع ۾ واقع آهن. انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڇهن ميلن جو مفاصلو آهي. ڪجهہ راوين مطابق اها غزوه ودان جي جڳهہ تي لڳي هئي ۽ ٻين مطابق اها غزوه ابواء جي طرف لڳي هئي. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن هجرت جي ٻارهين مهيني، صفر سنہ ٢ هہ بمطابق جون ٦٢٣ع تي هن غزوه ۾ شرڪت ڪئي. تاريخ اسلام جو هيءُ پهريون غزوه آهي جنهن ۾ ٦٠ سواريون هيون. هن غزوه ۾ ڪو بہ انصاري شامل نہ هيو. پاڻ سڳورن وٽ جيڪو عَلَمَ هيو ان جو رنگ "اڇو" هيو. اهو عَلَم حضرت حمزه رضي الله تعاليٰ عنه جن ڪنيو هيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم هن موقعي تي حضرت سعد بن رضہ عباده کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم هن موقعي تي ١٥ ڏينهن مدينہ کان ٻاهر رهيا هئا.



Marfat.com

### ٢. غزوه بواط:

هيءَ غزوه هجرت جي تيريهين مهيني ربيع الاول سنہ ٢ ھہ بمطابق جولائي ٦٢٠ع ۾ ٿي. اڇي رنگ جو عَلَم سعد بن ابي وقاص رضہ کي ڏنو ويو. ان وقت مديني ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو جانشين سعد بن معاذ رضي الله تعاليٰ عنہ هيو. هن غزوه ۾ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم ٢٠٠ مهاجرن سان گڏ جهاد تي نڪري پيا، پر قريشي قافلو جنهن ۾ اميہ بن خلف جمعي شامل هيو نہ ملي سگهيو.

### ٣. غزوه سفوان:

ربيع الاول جي مهيني ۾ ئي هڪ ڏاڙيل نالي ڪرز بن جابر فهريءَ مديني جي مويشن کي جيڪي "جفا" جي مقام تي چري رهيا هيا، انهن کي چوري ڪاهي ويا ان تي پاڻ صلي الله عليہ وآله وسلم جن ڪرز جو بدر جي ماٿري سفوان تائين پيڇو ڪيو-مگر هو نہ مليو-هن واري عَلَم حضرت علي بن ابي طالب جي هٿن ۾ هيو ۽ مديني ۾ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو جانشين زيد بن حارث رضي الله تعاليٰ عنه هيو. هن غزوه ۾ ٧٠ مسلمانن شرڪت ڪئي، بعد ۾ ڪرز مسلمان ٿيو. هن جي ڪردار ۽ بهادريءَ جي بنياد تي حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن ڪيس اسلامي لشڪر جي هڪ دستي جو ڪمانڊر مقرر ڪيو-

### ٤. غزوه ذي العشيره:

هيءَ غزوه هجرت جي سورهين مهيني (آڪٽوبر سنہ ٦٢٣ ع) جمادي الاول يا جمادي الآخر ۾ لڳي. هن جو مقصد قريش جي هڪ قافلي کي روڪڻ هيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم جن سان ١٥٠ يا ٢٠٠ ماڻهن جو لشڪر هيو. انهن سان گڏ ٣٠ اٺ بہ هئا. جڏهن مسلمانن جو لشڪر عشيره جي مقام تي پهتو تہ قريش جو



Marfat.com

لشڪر اڳ ۾ ئي نڪري ويو هو. هن غزوه ۾ پاڻ سڳورن بنو مدلج وارن سان ناهه ڪيو. حضرت علي ڪرم الله وجه کي "ابوتراب" جو لقب به هن مقام تي مليو هو. مديني ۾ حضور صه جن حضرت ابو سلميٰ رضه عبدالاسد المخزومي کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو-

۵. غزوه بدر ڪُبريٰ:

هيءَ غزوه هجرت جي اٺويهين مهيني يعني ١٧ رمضان سنه ٢٠هه بروز جمعه بمطابق جنوري سنه ٦٢۴ع تي ٿيو هن غزوه جو مقصد عمرو حضري کي قتل ڪرڻو هيو ۽ ٻيو ته ابوسفيان بن حرب شام کان قريش جو هڪ وڏو تجارتي قافلو وٺي اچي رهيو هيو ان کي به روڪڻو هيو. هن جنگ ۾ قريش تقريباً ١٠٠٠ جي تعداد ۾ هئا. جن ۾ ۴٠٠ زره پوش هئا، ١٠٠ گهوڙا ۽ ست سؤ اٺ هين. ان جي مقابلي ۾ مسلمانن جو تعداد ٣١٣ هيو. ٻهريون ٻيرو انصارن هن جنگ ۾ شرڪت ڪئي. هن جنگ ۾ عَلَم حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه جي هٿ ۾ هيو. جڏهن ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي اڳيان به ڪارا جهنڊا هئا ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه کي عقاب نالي هڪ جهنڊو هيو. جنگ شروع ٿي ۽ مسلمان پنهنجي ايمان جي جذبي ۽ الله جي توڪل تي وڙهيا. ان جنگ ۾ ٧٠ ڪافر ماريا ويا ۽ ٧۴ گرفتار ٿيا. مسلمانن جي شهيدن جو تعداد ٢٢ هو جن ۾ ١۴ مهاجر ۽ ٨ انصار هئا-هن جنگ ۾ الله تعاليٰ ملائڪن ذريعي مسلمانن جي مدد ڪئي-

۴. غزوه بني سليم:

غزوه بدر کان پوءِ پاڻ سڳورا بنو سليم سان مقابلي لاءِ نڪتا پر بنو سليم پنهنجا ۵٠٠ اٺ ڇڏي ڀاڄي تي ڀڇي ويا- غنيمت جو مال پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن مجاهدن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. هن جنگ ۾ مجاهدن جو تعداد ٢٠٠ هو.



Marfat.com

### ۷. غزوه قينقاع:

هيءَ جنگ مديني جي هڪ قبيلي قينقاع خلاف وڙهي وئي. هن قبيلي خود حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي جنگ جو چئلينج ڪيو هيو ڇو ته نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن انهن ڏانهن اسلام جي دعوت موڪلي هئي. ۱۵ ڏينهن تائين پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن دشمن کي محاصري ۾ رکيو، آخر انهن مجبوراً اطاعت قبول ڪئي. انهن جو تعداد ۴۰۰۰ هو. پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪين معاف ڪري ڇڏيو ۽ وطن کان نيڪاليءَ جو حڪم ڏنو ۽ حضرت عباده بن صامت رضه کي انهن جو نگران مقرر ڪيو جيڪو انهن کي مديني جي هڪ جبل "وباب" تائين پهچائي آيو. اهي شام جي شهر "اذرعات" پهتا، جتي اهي سڀ هلاڪ ٿيا. هن جنگ دوران مسلمانن کي تمام گهڻو مال غنيمت هٿ آيو، جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم لاچارن، غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ پهريون دفعو حضور صه جن مال غنيمت مان خمس ورتو-

### ۸. غزوه سويق:

ابوسفيان بن حرب ذوالحج جي مهيني سنه ۲ هه بمطابق اپريل ۶۲۴ع تي مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ لشڪر وٺي آيو. هن اهو قسم کنيو هو ته جيستائين نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان جنگ نه ڪندو تيستائين غسل جنابت نه ڪندو-پوءِ هن ۲۰۰ ماڻهو وٺي عريض جي نخلستان کي باهه لڳرائي. احمد مجتبيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ۲۰۰ مجاهدن سان سندن پيڇو ڪيو ۽ قرقرة الڪدر تائين ويا. پر ابوسفيان فرار ٿي چڪو هو- البته ڪافرن غذائي ذخيرو گهڻو ڇڏيو هو، ان غذا ۾ "ستو" تمام گهڻا هئا. ان ڪري هن غزوه جو نالو غزوه سويق رکيو ويو، ڇو جو عربيءَ ۾ ستوءَ کي



Marfat.com

سويق چٽبو آهي.

### ٩. غزوه، غطفان يا ذي امر:

احمد مجتبيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن ذوالحج جا ڏينهن مديني ۾ گذاري پوءِ غطفان سان مقابلي جو ارادو ڪيو. دعثور بن حارث محاربيءَ، بنو ثعلبه ۽ محارب کي "ذي امر" جي جڳهه تي گڏ ڪيو ۽ مسلمانن خلاف وڙهڻ لاءِ تيار ڪيو. ان ڪري هن جنگ کي "غزوه ذي امر" به سڏيو وڃي ٿو. ڪافرن جي گڏ ٿيڻ جي خبر پڌي پاڻ سڳورن ٤٥٠ مجاهدن جو لشڪر تيار ڪيو پر هو جبلن ڏانهن ڀڄي ويا. انهن جي هڪ ماڻهوءَ جبار ثعلبيءَ اسلام قبوليو.

### ١٠. غزوه احد:

احد هڪ جبل جو نالو آهي، هي اهو جبل آهي جتي حضرت موسيٰ جو ڀاءُ حضرت هارون دفن آهي.

هيءَ جنگ ١٥ شوال سنه ٣٠ هه بمطابق جنوري ٦٢٥ع ۾ لڳي. هن جو سبب اهو هو ته قريش غزوه بدر ۾ مارجي ويل پنهنجن ماڻهن جو بدلو وٺڻ پيا چاهين. قريش جي لشڪر جو تعداد ٥٠٠٠ هو. حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه هن فوج جو اطلاع حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کي هڪ خفيه خط ذريعي پهچايو-پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم ٧٠٠ مجاهدن سان گڏ احد جي ميدان ۾ تشريف فرما ٿيا. جنگ شروع ٿي ڪافر مسلمانن تي قبضو نه ڪري سگهيا ۽ منتشر ٿي ويا. هن جنگ ۾ مسلمانن جو علامتي ڪلمو "امت"، "امت" هيو. جڏهن مسلمان ڏٺو ته ڪافر شڪست کائي رهيا آهن ته مسلمانن جو هڪ قافلو جيڪو هڪ جبل تي نگراني ڪري رهيو هو، اهو هيٺ لهي مال غنيمت ميڙڻ ۾ لڳي ويو. نبيءِ اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن انهن کي منع ڪيو هو ته جيستائين پاڻ سڳورا انهن کي هيٺ لهڻ جو حڪم نه ڪن تيستائين



Marfat.com

اهي هيٺ نہ اچن. پوءِ انهن تي ڪافرن پٺيان حملو ڪيو ۽ مسلمانن کي شڪست ٿي-ان جنگ ۾ ٧٠ مسلمان شهيد ٿيا ۽ ٢٣ ڪافر قتل ٿيا-هن جنگ ۾ ئي حضور صہ جن جا ڏند مبارڪ شهيد ٿيا هئا-

### ١١. غزوة حمراء الاسَد:

حمراءُ الاسد مديني کان اٺن ميلن جي مفاصلي تي هڪ جڳهہ آهي. هن غزوه ۾ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جابر بن عبدالله رضي الله تعاليٰ عنہ کانسواءِ ٻيا سڀ اهي مجاهد لشڪر ۾ ڪنيا جن جنگ احد ۾ حصو ورتو هو. پاڻ صہ سڳورن ٽن مسلمانن کي دشمن جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ موڪليو هو-انهن مان ٻن کي ڪافرن حمراءُ الاسد جي جڳهہ تي شهيد ڪيو.

### ١٢.غزوه بنو نضير:

هيءَ غزوه يهودين جي هڪ قبيلي بنو نضير جي خلاف لڳو- هي غزوه ربيع الاول سنہ ٤ هہ بمطابق جون سنہ ٦٢٥ تي وڙهيو ويو- پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآله وسلم مهاجرن ۽ انصارن سان گڏ قبيلہ بنو نضير وارن ڏانهن ويا پر انهن اڳ ۾ ئي بد عهدي ۽ غداريءَ جو ارادو ڪري ڇڏيو هيو. پاڻ سڳورن صلعم جن کي انهن جي ناپاڪ ارادن جو وحيءَ ذريعي پتو پئجي ويو ۽ پاڻ جلدي مديني واپس آيا ۽ بنو نضير وارن کي ڏهن ڏينهن جي مهلت ڏني تہ هو شهر مان نڪري وڃن پر انهن اهو حڪم نہ مڃيو. حضور صہ جن ١٥ ڏينهن تائين سندن قلعي جو گهيراءُ ڪيو. نيٺ يهودي ٤٠٠ اٺن تي پنهنجو سامان کڻي جلا وطن ٿيا. هن جنگ ۾ مسلمانن کي چڱو جنگي سامان هٿ آيو.

### ١٣. غزوه ذات الرّقاع:

نالي جو سبب اهو آهي تہ هڪ وڻ جو نالو ذات الرّقاع هو.



Marfat.com

هڪ قول مطابق مجاهدن جا پير ڦاٽي پيا ۽ انهن ان جنگ کي ذات الرقاع جو نالو ڏنو. هن جنگ جو سبب اهو هو تہ مختلف قبيلا جنگ لاءِ مسلمانن خلاف گڏ ٿي رهيا هيا. پوءِ پاڻ صلعم ۴۰۰ اصحابن سان گڏ جنگ لاءِ روانا ٿيا پر جنگ نہ ٿي. احمدِ مجتبيٰ صلي الله عليہ وسلم جن سڀ کان پهريائين نماز خوف هن جڳهہ تي ادا ڪئي.

### ۱۴. غزوه بدر أخريٰ:

هن غزوه کي غزوه بدر صغريٰ، بدر ثالثہ ۽ غزوه بدر موعد بہ چيو ويندو آهي. غزوه بدر موعد معنيٰ وعدي واري جڳهہ، اهو ان ڪري جو نبي اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو ايندڙ سال ابوسفيان سان مقابلي جو واعدو هن جاءِ تي ٿيو هو-نبي اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم ڏيڍ هزار مجاهدن سان بدر طرف روانہ ٿيا. هن جنگ ۾ علمبردار حضرت علي ڪرم الله وجہ هو. ٻئي طرف ابوسفيان ٻن هزارن جي لشڪر سان "مرالظهران" نالي جاءِ تائين پهتو ۽ پوءِ ڪنهن بهاني واپس هليو ويو ڇو تہ هو شروع کان ئي جنگ نہ چاهيندو هيو.

### ۱۵. غزوه دَوۡمَة الجندل:

دومة الجندل ملڪ شام جو هڪ شهر آهي جيڪو تبوڪ جي سامهون آهي. هن جنگ جو سبب اهو هيو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ واله وسلم جن کي خبر ملي تہ هتي هڪ وڏي جماعت آهي. جيڪا هتان گذرندڙن تي ظلم ڪندي آهي ۽ مديني ڏانهن وڌڻ چاهي ٿي. ملڪ شام جي سرزمين تي هي پهريون غزوه هيو. هي غزوه ربيع الاول سنہ ۵ هہ بمطابق جولاءِ سنہ ٦٢٦ع ۾ پيش آيو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم ۱۰۰۰ اصحابن سڳورن سان گڏ جهاد تي نڪتا. بنو عذرا جي شخص "مذڪور" رستو ٻڌائڻ ۾ رهنمائي ڪئي.



Marfat.com

جڏهن دومة الجندل وارن کي خبر پئي تہ انهن تي هيبت ڇانئجي وئي ۽ هو منتشر ٿي ويا ۽ مسلمانن انهن جا اٺ پڪڙي ورتا.

### ١٦. غزوه مريسيع:

"مريسيع" بنو خزاعہ جي کوهہ جو نالو هو. هي غزوه ٣ شوال سنہ ٥ هہ بمطابق ڊسمبر سنہ ٦٢٦ع ۾ ان ڪري ٿيو جو حارث بن ابي ضرار خزاعيءَ، پاڻ سڳورن سان جنگ وڙهڻ لاءِ هڪ لشڪر تيار ڪيو. ان اطلاع تي حضور صہ جن پاڻ سان ٣٠ گهوڙا جن مان ١٠ مهاجرن جا ۽ ٢٠ انصار جا هيا گڏ ڪنيا-مهاجرن جو عَلَم حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ انصارن جو عَلَم سعد بن عباده رضي الله تعاليٰ عنہ وٽ هيو. مسلمانن مشرڪن تي حملو ڪري ١٠ ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ ٧٠٠ ڄڻن کي گرفتار ڪيو. مسلمانن جو صرف هڪ مجاهد شهيد ٿيو. جيڪو غلطيءَ سان پنهنجي ئي مسلمان هٿان شهيد ٿيو.

### ١٧. غزوه خندق يا احزاب:

غزوه خندق شوال ذي القعد سنہ ٥ هہ بمطابق فيبروري سنہ ٦٢٧ع تي پيش آيو-هن غزوه جو سبب اهو هو تہ خيبر جا يهودي نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان بدلو وٺڻ جون تدبيرون سوچي رهيا هئا تنهن ڪري يهودين قريشن جي مشرڪن کي بہ پاڻ سان ملايوءِ قريشي ابوسفيان بن حرب جي اڳوائيءَ ۾ قبيلہ غطفان جي شاخ بني فزاره عيينيہ بن حصن بن حذيفہ جي قيادت ۾، قبيلہ بنو مره حارث بن عوف بن ابي حارثہ مريءَ جي قيادت ۾ ۽ قبيلہ اسجع مسعود بن رخيلہ بن نو ميره بن طريف جي سرڪردگيءَ ۾ جنگ لاءِ نڪري پيا.

ان تي حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنہ احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي ڪافرن سان خندقون کوٽي جنگ ڪرڻ



Marfat.com

جو مشورو ڏنو-هوڏانهن قريش جو لشڪر جنهن جو تعداد ١٠٠٠٠ هو، احد پهاڙ وٽ پهتو ۽ اتي ئي خيمہ کوڙيائون- جڏهن تہ ڪافرن جي مقابلي ۾ اسلامي لشڪر ٣٠٠٠ هو. هن موقعي تي قبيلي بنو قريظہ جو ڪعب بن اسعد امن جي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪافرن سان ملي ويو. مسلمان هڪ مهيني تائين محاصري ۾ رهيا ۽ دشمن سان آمهون سامهون نہ ٿيا. مسلمانن وٽ هڪ سال کان وڌيڪ غذا جو بندوبست هو. ڪافر مقابلي لاءِ خندق جي ويجهو آيا تہ حضرت علي ڪرم الله وجہ ۽ ان جي ساٿين انهن جي هن ڪوشش کي ناڪام ڪري ڇڏيو. عمرو بن عبدود جنهن جي عمر ٩٠ سال هئي ان کي حضرت علي ڪرم الله وجہ جهنم ۾ پهچايو. هن موقعي تي نعيم رضي الله تعاليٰ عنہ بن مسعود بن عامر بن رنيف بن ثعلبہ رضي الله تعاليٰ عنہ هڪ جنگي چال سان ڪافرن ۾ تفرقو پيدا ڪري ڇڏيو. رات جو سخت انڌاري ۽ طوفان لڳو جنهن سان ڪافرن جا خيمہ اڏامي ويا، ۽ جانور مري وين. ان تي حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن حضرت حذيفہ رضي الله تعاليٰ عنہ کي ڪافرن جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ پوءِ حضرت ابو سفيان رضي الله تعاليٰ عنہ کي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. هن جنگ ۾ مسلمانن جا ٦ مجاهد شهيد ٿيا. الله جي مدد سان مسلمانن ڪافرن جي هن ڪوشش کي بہ ناڪام ڪري ڇڏيو. هن جنگ کي احزاب بہ چوندا آهن يعني ڪافرن جي جماعتن گڏجي مسلمانن تي چڙهائي ڪئي هئي.

### ١٨. غزوه بني قريظہ:

غزوه خندق کانپوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان نبي اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن بنو قريظہ جي خلاف وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ مجاهدن کي حڪم ڪيائون تہ ٽيپهريءَ جي نماز بنو قريظہ ۾ وڃي پڙهن. اتي پهچي ڪري هن قبيلي کي مسلمانن ٢١ يا ٢٥



Marfat.com

ڏينهن تائين محاصري ۾ رکيو. مسلمانن وٽ کائڻ لاءِ صرف کجور هئا. جيڪي سعد بن عباده رضي الله تعاليٰ عنہ اسلامي لشڪر لاءِ موڪليندا هئا. هيءَ غزوه ذوالقعد جي مهيني سنہ ۵ هہ بمطابق اپريل سنہ ٦٢٧ ع ۾ لڳي.

آخر بنو قريظہ وارن پاڻ کي حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي حوالي ڪيو. ان کان پوءِ حضرت سعد بن معاذ رضي الله تعاليٰ عنہ جي فيصلي تي انهن جي جنگي جوانن کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان جنگ ۾ هن قبيلي جا ۵۰۰ يا ٦۰۰ جنگي ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪجهہ روايتن مطابق انهن جو تعداد ۸۰۰ کان ۹۰۰ تائين هو. جڏهن تہ بنو قريظہ وارن کي حضرت علي ڪرم الله وجہ ۽ زبير بن عوام رضي الله تعاليٰ عنہ قتل ڪيو. هن جنگ ۾ مسلمانن کي تمام گهڻو جنگي سامان هٿ آيو جنهن ۾ ۱۵۰۰ تلوارون، ۳۰۰ زرهون ۲۰۰۰ تير ۽ مختلف قسمن جون ڍالون پڻ هٿ آيون جن جو تعداد ۳۰۰۰ ٻڌايو وڃي ٿو. هن جنگ دوران ۃ مسلمان شهيد ٿيا.

## ۱۹. غزوه بني لحيان:

هيءَ جنگ ربيع الاول سنہ ٦ هہ بمطابق جون جولائي سنہ ٦٢٧ ع تي ڪافرن خلاف وڙهي وئي. هن جنگ جو سبب اهو هو تہ بني لحيان صفر سنہ ۴ هہ تي حضرت عاصم بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ انهن جي ساٿين کي شهيد ڪري ڇڏيو هو. پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن انهن کي شام وڃي سيڪت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پاڻ سڳورن سان ۲۰۰ جو اسلامي لشڪر ۽ ۲۰ گهوڙا ساڻ هئا-جڏهن ڪافرن کي خبر پئي تہ اهي ٻهاڙن جي چوٽين تي وڃي لڪي ويٺا- پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن انهن جو ۃ ڏينهن انتظار ڪيو پر اهي واپس نہ آيا. پوءِ جنگ ڪرڻ کانسواءِ مديني واپس آيا.



Marfat.com

## ٢٠. غزوه ذي قرد يا غابہ:

هيءَ جنگ ربيع الاول سنہ ٦هہ بمطابق جولائي سنہ ٦٢٧ع ۾ لڳي. هن جو سبب اهو هئو تہ عيينيہ بن حصن فزاريءَ ، نبي ڪريم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي اٺن تي ڇاپو هنيو هو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم حضرت ابن ام مڪتوم رضي الله تعاليٰ عنہ کي مديني جو حاڪم ڪري ٥٠٠ مجاهدن سان گڏجي روانا ٿيا، ۽ وري ٻئي طرف حضرت سعد بن عباده رضي الله تعاليٰ عنہ کي ٣٠٠ مجاهد ڏئي ڪري مديني جي حفاظت لاءِ رکيو. مسلمانن پنهنجي دشمن کي پڪڙي انهن کي شڪست ڏني ۽ پنهنجا اٺ واپس ڪرايا. هن جنگ ۾ مسلمانن جو هڪ مجاهد شهيد ٿيو-هن موقعي تي حضرت سلمہ بن اڪوع رضي الله تعاليٰ عنہ پنهنجي طاقت ۽ عقل سان تير اندازيءَ ذريعي دشمن کي ٽوٽا ڇهرايا.

## ٢١. صلح حديبيہ ۽ بيعت رضوان:

پاڻ سڳورا صہ ذي القعد ٦ جي مهيني سنہ ٦ هہ بمطابق فيبروري سنہ ٦٢٨ع تي عمرو ڪرڻ لاءِ مڪي طرف روانا ٿيا ۽ پاڻ سان هڪ ٻڪر گڏ ڪنيائون. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم جن سان ١٤٠٠ کان ١٦٠٠ تائين مسلمان گڏ هيا. رستي تي مڪي جي ڪافرن مسلمانن جي لشڪر جو رستو روڪيو. ان تي مسلمان ٻئي رستي کان نڪري هليا ويا. هلندي هلندي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ واله وسلم جن جي ڏاچي هڪ جڳهہ جنهن کي "ثنيه المرار" چوندا هئا اتي ويٺي ۽ اتي ئي قيام ڪيائون. اتي مختلف ماڻهو آيا ۽ سبب پڇڻ لڳا تہ رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم جن هر ڪنهن کي ٻڌايو تہ بيت الله جي عمري لاءِ آيا آهيون- حضرت عثمان بن عفان رضي اللهتعاليٰ عنہ کي نبي سائينءَ قريش ڏانهن موڪليو. بعد ۾ خبر پئي تہ ان کي شهيد ڪيو ويو آهي. جنهن تي حضور صہ جن عثمان



Marfat.com

جي قتل جو بدلو وٺڻ لاءِ بيعت ورتي جنهن کي بيعت رضوان چئجي ٿو. آخرڪار ڪافرن سان ناهہ ٿيو ۽ حضور ﷺ جن بنا عمري ادا ڪرڻ جي واپس ٿيا-

### ٢٢. غزوه خيبر:

خيبر مديني کان شام طرف ٩۴ ميلن جي مفاصلي تي آهي. اتان جا رهاڪو وڏا بدڪار يهودي هيا. هي جنگ محرم سنہ ٧ هہ بمطابق آگسٽ سنہ ٦٢٨ع ۾ لڳي. خيبر ۾ يهودين جا وڏا مضبوط قلعہ هيا، جيڪي نبي اڪرم ﷺ جن فتح ڪرڻ چاهيا ٿي. پر "نطات" قلعو ڏاڍو ڏکيو هو، جنهن کي حضرت علي ڪرم الله وجہ فتح ڪيو.

هن جنگ ۾ ٩٣ يهودي ۽ ١٥ مسلمان شهيد ٿيا. هن غزوه جي موقعي تي هڪ واقعو پيش آيو. جڏهن هڪ عورت زينب بنت حارث ٻڪريءَ جي رڌل گوشت ۾ زهر ملائي نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏنو. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ان کي چکندي ئي معلوم ڪري ورتو تہ ان ۾ زهر آهي. پوءِ اها عورت مسلمان ٿي ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم جن ان کي معاف ڪري ڇڏيو.

### ٢٣. غزوه وادي القُريٰ:

وادي القُريٰ شام ۽ مديني جي وچ ۾ هڪ وادي آهي. ان ۾ مختلف ڳوٺ آباد هئا. ان ڪري ان جو نالو وادي القُريٰ هو. هتي بہ يهودي آباد هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآله وسلم جن خيبر کان واپس ايندي اتي ڏاهو ڪيو ۽ هتي رهندڙن کي اسلام جي دعوت ڏني. اها دعوت انهن قبول نہ ڪئي. پوءِ انهن جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ويو ۽ انهن جي ١٥٦ يهودين کي قتل ڪيو ويو ۽ فتح حاصل ٿي.



Marfat.com

### ٢۴. غزوه فتح مڪہ:

هيءَ غزوه ٢٠ رمضان سنہ ٨ هہ بمطابق ١٢ جنوري سنہ ٦٣٠ هہ تي وڙهي وئي. ان جو سبب اهو هئو تہ خزاعہ قبيلو، حضور اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم جن سان معاهدي ۾ شامل ٿيو جڏهن تہ بنو بڪر وارا قريشن سان ملي ويا. بنو بڪر ۽ خزاعہ وارا هڪ ٻئي جا پراڻا دشمن هئا، بنو خزاعہ وارن جا ٢٠ يا ٣٠ ماڻهو ماريا هئائون-ٻئي طرف بنوبڪر ۽ قريش وارن نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان معاهدو ٽوڙي ڇڏيو. جڏهن ان واقعي جي خبر خزاعہ جي سردار عمرو بن سالم خزاعي کي پئي تہ ان احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي اچي ڪري اطلاع ڏنو. ان کان پوءِ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن هڪ لشڪر تيار ڪري مڪي تي چڙهائيءَ جو ارادو ڪيو. لشڪر تيار ڪيو ويو ۽ جهاد لاءِ مديني کان مڪي ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن مقام "مرالظهران" تي پهتا تہ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہ سلم جن سڀني سردارن کي حڪم جاري ڪيو تہ هو جنگ کان پري رهن، ۽ اهو اعلان ڪرايو تہ انهن کي بہ قتل نہ ڪيو ويندو جيڪي ابوسفيان جي گهر ۾ پناهہ وٺندا يا پنهنجي گهر جا دروازا بند ڪري ويهندا يا بيت الله ۾ داخل ٿيندا تہ انهن کي امان ڏنو ويندو. هن موقعي تي حضرت خالد بن وليد رضي الله تعالي عنہ کي مجبوراً وڙهڻو پيو. هن لڙائيءَ ۾ بنو بڪر جا ٢۴ ۽ هذيل جا چار ماڻهو قتل ٿيا ۽ مسلمانن جا بہ مجاهد شهيد ٿيا جيڪي رستو ڀلجي ويا هئا.

### ٢۵. غزوه حنين:

طائف جي رستي ذوالمجاز جي ويجهو مڪي کان ٽن ڏينهن جي سفر تي وادي حنين آهي. هيءَ جنگ ١١ شوال سنہ ٨ هہ بمطابق ڦيرين فيبروري سنہ ٦٣٠ ع تي وڙهي وئي.



Marfat.com

هن جو سبب اهو هو تہ جڏهن مڪي جي فتح ڪان پوءِ پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن واپس اچي رهيا هئا تہ حنين وارن ڪي اها ڳالهہ ذهن ۾ ويٺي تہ متان مسلمان انهن تي حملو ڪن ان ڪري انهن مسلمانن سان اڳواٽ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ايتري قدر جو انهن پنهنجا ٻار ٻچا بہ جنگ لاءِ تيار ڪيا. مسلمانن جو تعداد ١٢٠٠٠ هئو. جنگ شروع ٿي ۽ مسلمانن برتري حاصل ڪئي. مسلمانن کي تمام گهڻو مال غنيمت هٿ آيو. مالڪ بن عوف مسلمان ٿي ويو. پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ان کي ان قوم جو سردار مقرر ڪيو.

## ٢٦. غزوه طائف:

هيءَ غزوه ١٣ شوال سنہ ٨ هہ بمطابق ٣ فيبروري سنہ ٦٣٠ع ۾ لڳو. ان جنگ جو مقصد طائف جي ڪافرن سان جهاد ڪرڻ هو. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم طائف جي قلعي تي پهتا تہ دشمنن تيرن جي برسات ڪري ڏني ۽ مسلمان جا ١٢ ماڻهو شهيد ٿي ويا ۽ ابوسفيان جي هڪ اک ضايع ٿي وئي.

١١ ڏينهن مسلمانن قلعي جو محاصرو ڪيو. پاڻ سڳورن عمر بن خطاب کي حڪم ڪيو تہ لشڪر کي وٺي چڙهائي ڪري. هن جنگ ۾ مسلمانن "دبابہ" نالي هٿيار استعمال ڪيو ۽ ڪين فتح حاصل ٿي.

## ٢٧. غزوه تبوڪ:

هي تاريخ اسلام جو آخري غزوه آهي جيڪو رجب سنہ ٩ هہ بمطابق سيپٽمبر/آڪٽوبر سنہ ٦٣٠ع تي لڳو-هن غزوه جو سبب اهو هو تہ روم جي بادشاهہ هرقل شام ۾ فوج ڪٺي ڪئي هئي ۽ هرقل پنهنجي فوج لاءِ هڪ سال جو راشن جمع ڪيو هو ۽ مسلمانن تي حملو ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو-پوءِ اصحابن هن غزوه لاءِ صدقات



Marfat.com

ڏنا. حضرت ابوبڪر پنهنجو سڄو مال، حضرت عثمان اڌ مال جو صدقو ڏنو. هن جنگ ۾ اسلامي لشڪر ۳۰۰۰۰ هو جن مان ۱۰۰۰۰ گهوڙا هئا. هي مسلمانن جو سڀ کان وڏو لشڪر هو.

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن مجاهدن کي نماز پڙهائي ۽ حضرت ابوبڪر کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. هن جنگ ذريعي رومي عيسائين تي گهيرو وڌو ويو پر جنگ جي نوبت نہ آئي ۽ مسلمان واپس وريا-



Marfat.com

صلي الله عليہ وآلہ وسلم

# حضور
# بحيثيت سپہ سالارِ اعظم

انسان بہ هڪ عجيب مخلوق آهي-جيڪڏهن ڪٿي هن کي عبادت ۾ محوِ نياز ڏسجي تہ آسمان جا فرشتا سندس ذوقِ عبادت تي نثار ۽ جنت جون حورون سندس سجدي ۾ جهڪيل پيشانيءَ تي قربان وڃن-سندس هڪ هڪ سجدو، زمين ۽ آسمانن کي مست ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪائنات جي فضا ۾ لهرون پيدا ٿينديون آهن ۽ جڏهن اهوئي انسان ڪنهن جي محبت جي حريمِ ناز ۾ مونن ۾ منهن وجهي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندو آهي تہ ان جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن مان چنڊ پنهنجي سوز ۽ ساز لاءِ حرارت حاصل ڪندو آهي-ڪائنات جو ذرو ذرو سندس سوز ۽ گداز سان پنهنجي اندر نئين زندگي محسوس ڪندو آهي ۽ جڏهن اهوئي انسان ڪائنات جي گهرائين ۾ گم ٿي حيرت خانہ علوم و فنون ۾ تحقيق جي تازي گهوڙي تي سوار ٿيندو آهي تہ سندس تخيل جي اڏام ۽ فڪرِ فلڪ پيما زمين جي پستيءَ تي رهندي بلند آسمانن جا راز فاش ڪندي سج، چنڊ ۽ تارن تي ڪمند وجهندي نظر ايندو آهي-اهوئي انسان آهي جيڪو زهر مان ترياق ۽ پٿر مان آئينہ گهڙيندو آهي-سندس ايجادون ۽ اختراعون، تهذيب ۽ تمدن جي رنگ محل ۾ نور ۽ نگهت جون نديون روان ڪري ڇڏينديون آهن.

پر آه! جڏهن اهوئي انسان قوت جي نشي ۾ بدمست ٿي ۽ خون ۽ رت جون نديون وهائڻ جي هوس ۾ مدهوش ٿي، پاڻ جهڙن انسانن خلاف سيلاب بڻجي پوندو آهي تہ سندس عبادت جو عجز ۽



Marfat.com

نياز، محبت جو سوز ۽ گداز ۽ علم ۽ ڏاهپ جو سازِ ويرق سڀ ان جي سامهون ڪک ۽ پن بنجي لڙهي ويندا آهن-پنهنجي هٿن سان تعمير ڪيل تهذيب ۽ تمدن جي رنگين محل کي مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي-آبادين ۽ وسندين کي ويران ڪندو آهي ۽ انساني رت کي پاڻيءَ وانگر وهائيندو آهي-

ارڙهين صدي عيسويءَ جي مشهور ڏاهي نطشي چيو هو ته:

"Man should be educated for war and women for the recreation of the warriors. Every thing else is folly".

"مردن کي جنگ جي سکيا ڏيڻ گهرجي ۽ عورتن کي انهن جي دل وندرائڻ جي، ان کانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه بڪواس آهي"

اهوئي سبب آهي جو جديد فنِ تاريخ جي باني ۽ مشهور مؤرخ ايڊورڊگبن کي چوڻو پيو ته:

"History is, indeed, little more than the register of the crimes, follies and misfortunes of mankind".

"انساني تاريخ سواءِ ڏُرمن، جهالتن ۽ بدبختين جي دفتر کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي"

نبيءِ رحمت ۽ رافت حضرت عيسيٰ ابن مريم عليه السلام ته مقدس انجيل ۾ اها تعليم ڏني ته "جيڪو توهانجي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته ڪيس ٻيو به ورائي ڏيو. جيڪو توهانجي قميص لاهي ته ڪيس پنهنجي گنجي به لاهي ڏيو." انهيءَ ٻاجهاري نبيءَ جا عيسائي امتي بوسنيا ۽ چيچنيا ۾ مسلمانن جي رت سان راند ڪيڏي رهيا آهن ۽ سندس مقدس تعليم جي ترديد ڪري رهيا آهن-عدم



Marfat.com

تشدد ۽ اهنسا جي پرچارڪ مهاتما گانڌيءَ جا پوئلڳ ڪشمير ۾ مسلمانن جي رت سان هولي ملهائي رهيا آهن-

غرض تہ انساني تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ جنگ انسان جي طبيعت ۾ شامل رهي آهي ۽ ان کي هڪدم ڪنهن نادري حڪم سان ختم نہ ٿو ڪري سگهجي پر ان جو رخ تبديل ڪري جنگ کي امن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ اهوئي دنيا جي عظيم انسان محمد رسول الله ڪيو-پاڻ ڪريمن جيڪو دين پيش ڪيو اُهو سراسر امن ۽ سلامتي آهي ۽ سندس پوئلڳن کي مؤمن يعني امن جي ضمانت ڏيندڙ چيو ويو آهي-تنهن ڪري حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جيڪي بہ لڙائيون لڙيون اُهي دفاعي نوعيت جون هيون ۽ جڏهن بہ ڪين جنگ ۽ امن يا ٺاهہ مان ڪنهن هڪ کي اختيار ڪرڻو پيو تہ پاڻ سڳورن جنگ تي صلح ۽ ٺاهہ کي ترجيح ڏني جنهن جو اعليٰ مثال حديبيہ جو ٺاهہ آهي-جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ مفتوح قومن کي امن ۽ آزادي عطا ڪئي-دنيا جي تاريخ ۾ ڪو بہ اهڙو سپهہ سالار نہ ملندو يا ڪا بہ جنگ اهڙي نہ ملندي جنهن جي خاتمي تي اڱرائي ڪندڙ فوج کي آزاد ڪيو ويو هجي- اهائي روش خلفاء راشدين جي رهي-بلڪ سواءِ چند مسلم حڪمرانن جي جن جو ٻين ملڪن تي ڪاهون ڪرڻ جو مقصد لٽ مار هو باقي مسلم حڪمرانن بہ جنگيون ان لاءِ ڪيون تہ انهن ملڪن جا حاڪم پنهنجي ئي عوام لاءِ آزار بڻيل هئا-اهوئي سبب آهي جو مسلم فوج جتي بہ وئي اتي جي پيڙهيل عوام سندن ساٿ ڏنو-

حضور صہ جن جي غزوات ۽ موڪليل سرايا مان هيٺيون ڳالهيون اخذ ڪري سگهجن ٿيون:

(۱) دنيا ۾ سڀ کان پهرين عالمي مجاهد (Universal Soldier) جو تصور حضور صہ جن ئي ڏنو-يعني دنيا ۾ جتي بہ ظلم



Marfat.com

۽ تشدد ٿيندو تہ ان کي تحرير، تقرير ۽ تلوار سان ختم ڪرڻ سڀ کان پهرين مؤمن جو ڪم آهي تہ جيئن دنيا ۾ امن قائم رهي.

(٢) متارڪہ يا جنگ بندي (Ceasefire) ڪري ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ-ان لاءِ چئن مهينن کي مقدس ۽ انهن ۾ جنگ ڪرڻ حرام قرار ڏنو ويو.

(٣) جنگي قيدين سان انساني سلوڪ تہ جيئن انهن جي انسانيت کي جاڳائي هڪ الله کي مڃيندڙ بنائي، جنت جي زندگي وارو بنائجي-ڇو جو نبي صہ جي بعثت جو مقصد انسانن کي انسانن جي غلاميءَ ۽ شرڪ ۽ جهالت مان ڪڍي ايمان جي نور سان منور ڪرڻ هوندو آهي نہ ڪہ قتل و غارت ڪرڻ ۽ جزيو يا ڏنڊ ۽ جرمانا وصول ڪرڻ - نبي صہ جن داعي الي الله هئا ۽ سڄي دنيا سندن مدعو هئي- ان ڪري داعي-مدعوءَ لاءِ رحمت هوندو آهي نہ ڪہ دشمن - ان ڪري جڏهن هڪ ڀن غزوات ۾ خبر پين تہ معاذ رضہ يا خالد رضہ، ڪلمي پڙهڻ جي باوجود بہ ماڻهن کي قتل ڪيو تہ رحمت للعالمين هٿ کڻي با آواز بلند چيو تہ "ياالله! مان انهن جي فعل کان بري آهيان" ۽ پوءِ انهن کي گريبان مان پڪڙي ۽ ڏونڌاڙيندي چيو تہ" ڇا توهان انهن جو سينو چيري ڏنو هو تہ انهن موت جي ڊپ کان ڪلمو پڙهيو يا سچي نيت سان؟" غزوه بدر جي جنگي قيدين کي حضور صہ جن جي حڪم تحت مسلمان پنهنجو ڪاڌو ڏئي پاڻ بک تي رهندا هئا يا کجين تي گذارو ڪندا هئا-ڪين هڪ هزار کان چار هزار درهم فديو معاوضو وٺي آزاد ڪيو ويو ۽ جيڪي معاوضو نہ ڏئي سگهيا انهن کي چيو ويو تہ آهي جيڪڏهن مسلمانن جي ڏهن ڏهن ٻارن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريندا تہ ڪين آزاد ڪيو ويندو-

جنگِ بدر ۾ سهيل بن عمرو بہ گرفتار ٿيو جيڪو حضور صہ جن جي شان ۾ گستاخي تي مبني ڳالهيون ڪرڻ لاءِ مشهور هو-



Marfat.com

صحابہ رضہ مشورو ڏنو تہ ان جا اڳيان ۽ ڏند توڙيا وڃن تہ رحمت عالم ان جي جسماني ساخت کي بدتر بنائڻ پسند نہ ڪيو ۽ اجازت نہ ڏنائون-جڏهن مڪو فتح ڪيائون تہ اهي سڀ ظالم ۽ سنگدل انسان سندن سامهون شرمساري ۽ خوف کان ڪنڌ جهڪايو بيٺا هئا-جڏهن پاڻ ڪريمن انهن کان پڇيو تہ "توهان کي خبر آهي تہ آءُ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪندس؟" تہ سڀني گڏجي چيو تہ "توهان ڪريم ۽ ابن الڪريم آهيو-توهان مان اسانکي ڀلائيءَ جي ئي اميد آهي." پاڻ ڪريمن فرمايو تہ: "وڃو-اڄوڪي ڏينهن توهان سان ڪا زيادتي نہ ٿيندي ۽ توهين سڀ آزاد آهيو" جنهن تي اهي سڀ مسلمان ٿي پيا-هڪ جنگ ۾ مشهور سخي حاتم طائي جو قبيلو گرفتار ٿيو تہ پاڻ ان قبيلي جي ماڻهن، حاتم جي پٽ عدي رضہ بن حاتم ۽ سندس ڀيڻ کي صرف اهو ڀڏي آزاد ڪري ڇڏيو جو اهي هڪ ڀلاري ۽ سخي انسان جا مائٽ هئا- يعني انساني خوبين ۽ موچارين وصفن جو بہ پاڻ ڪريم جن احترام ڪندا هئا.

(۴) پاڻ ڪريم صہ جن جديد دور جي هڪ نئين اٽڪل برين واشنگ کي ڪڏهن بہ جنگي قيدين لاءِ استعمال نہ ڪيو بلڪ انهن کي فڪر جي آزادي عطا ڪئي تہ اهي اسلام قبول ڪري آخرت جي جنتي زندگي جا حقدار ٿين يا معمولي جزيو ادا ڪري شهري حق محفوظ ڪرائن-

(۵) جدهن ڪو علائقو فتح ڪيائون تہ مفتوح قوم جي سواء اهم ۽ حند حنگي ذوهارين جي اهل ڪتاب جي صوفين ۽ راهبن، عورتن، ٻارن ۽ هتيار نہ کنڊڙن کي نقصان پهچائڻ کان روڪيائون ۽ نہ ئي فصلن عمارتن يا ملڪيتن کي نقصان پهچايائون-

(٦) حضور صہ جن جنگين ۾ ڪڏهن بہ ڪمسن ٻارن يا نوخيز نوجوانن کي شريڪ نہ ڪيو-جو تہ ڪم عمر ٻارن کي جنگ



Marfat.com

بنجي ويندا آهن.

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو تہ جنگ انساني معاشري جو لازمي حصو رهي اهي ۽ ڪي اهڙا آثار بہ نظر نہ ٿا اچن تہ ڪو مستقبل قريب ۾ انسان جنگي تباهڪارين کان مڪمل طور تي نجات حاصل ڪري وٺندو-پر جنگ جي تباهہ ڪارين کي محدود ڪري سگهجي ٿو ۽ ان لاءِ اسانکي اسوهء رسولِ اڪرم صہ مان مدد وٺڻي پوندي-حضور صہ جن جي ٽيويهن سالن جي زندگيءَ مان مڪي زندگيءَ جا تيرهن سال دفاعي مزاحمت ۾ گذريا ڇو جو صبر کان وڌيڪ ڪو هٿيار اڄان دنيا ۾ ايجاد ناهي ٿيو-پاڻ سڳورن مڪي زندگيءَ جا تيرنهن سال مسلسل مخالفن طرفان ظلم ۽ تشدد سهندي گذاريا ۽ جڏهن ڪين مجبور ٿي پنهنجو محبوب وطن ڇڏي مديني اچٽو پيو ۽ اتي بہ ڪافرن ڪين سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو ۽ مٿن جنگيون مسلط ڪيون، مٿن چڙهائي ڪئي تہ پوءِ مجبور ٿي ڪري پاڻ سڳورن عملي مزاحمت سان جواب ڏنو- ٢٦ يا ٢٧ غزوات ۽ ٥٥ سرايا، جيڪي سن ٢ هجري کان شروع ٿي سن ١١ هجريءَ دوران واقع ٿيا. تاريخ جو مطالعو ڪندڙن کي حيرت وٺي ٿي وڃي تہ انهن مڙني لڙائين ۾ صرف ٢٥٥ مسلمان شهيد ٿيا ۽ ٧٥٩ ڪافر ماريا ويا-جڏهن تہ ان جي برعڪس چيمبرلين انسائيڪلوپيڊياجي جلد نمبر ١۴ ص نمبر ۴٠۴ مطابق "اٺويهين صدي جي آغاز کان ہي جنگ عظيم جي خاتمي تائين يورپ ۽ امريڪا جي وڏين جنگين ۾ ٻہ ڪروڙ سٺيهہ لک ۽ نوي هزارن کان وڌيڪ فوجي ماريا ويہ ۽ انهن لڙائين ۾ جيڪي غير فوجي ماريا ويا انهن جو تہ ڪو حساب ئي ڪونهي-تنهن ڪانسواءِ جنگي تباهڪارين ۽ مهلڪ هٿيارن جي استعمال سان جيڪي وبائي بيماريون پيدا ٿيون انهن وگهي مرندڙن جو تعداد ان ڪانسواءِ آهي-نيپولين جڏهن روس تي حملو ڪيو هو تہ ان سان گڏ ساڍا چار لک فوج هئي ۽ جڏهن جنگ کان پوءِ واپس فرانس پهتو هو تہ سندس



Marfat.com

فوج مان صرف چويهه هزار سپاهي زنده بچيا هئا.

جنگي ماهر لڊل هارٽ جو چوڻ آهي تہ "پهرين مهاڀاري لڙائي جيترو وڏيڪ خونخوار هئي اوتروئي ان ۾ سپهه سالاريءَ جو معيار گهٽ هو-ڪمانڊرز پنهجين فوجن کي انڌا ڌند موت جي منهن ۾ ڌڪي رهيا هئا ۽ پاڻ محاذن جي حالتن کان يڪسر اڻ واقف هئا. قديم دور جي سپهه سالارن اهڙي غلطي ڪڏهن بہ ڪانہ ڪئي".

حضور صہ جن نون سالن جي عرصي ۾ ٢٧ غزوات ۽ ٥٥ سرايا جي رهنمائي ڪئي-غزوات دوران حضور صہ جن جيڪو عرصو مديني کان ٻاهر گذاريو اهو ملائي اٽڪل ٻہ سال ٿئي ٿو-انهن غزوات ۽ سرايا جي تياريءَ ۾ ڪيترو عرصو لڳو ان جو علم ڪونهي-تنهن ڪانسواءِ ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ ئي وقت ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا جنگ کي منهن ڏنائون-مثلاً-شعبان سن ۴ هجريءَ ۾ ٿي رکو (١) غزوه بدر ثاني (٢) غزوه دومة الجندل (٣) غزوه بنو مصطلق ۽ ربيع الثاني سن ٦ هجريءَ ۾ غزوه خيبر ۽ چار سرايا جي رهنمائي ڪيائون.

ميجر جنرل ڪينيڊي چيو آهي تہ "چرچل هيءَ ڳالهہ سمجهڻ کان قاصر رهيو تہ فوج جي تربيت ۽ تياريءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال لڳندا آهن." ان قول کي سامهون رکندي اسين جڏهن غزوه احزاب /خندق جو حال پڙهون ٿا تہ ڏنڍين آگريون اچي وڃن ٿيون تہ ڪافرن جي ٻارنهن هزار اٺ سؤ لشڪر جنهن ۾ ڏهہ هزار پياده. اڍائي هزار اٺن وارا ۽ ٽي سو گهوڙيسوار شامل هئا. انهن جي مقابلي ۾ مسلمان صرف ٽي هزار هئا جن صرف ڇهن ڏينهن ۾ نہ صرف جنگي تياري ۽ حضور صہ جن کان تربيت حاصل ڪئي بلڪ مديني شهر جي ٽن پاسن کان نوهزار پنج سؤ فوٽ ڊگهي خندق جيڪا پنج فٽ اونهي ۽ پنج فٽ ويڪري هئي اها بہ انهن ڇهن



Marfat.com

ڏينهن ۾ ڪوٺي تيار ڪئي-

دنيا جي جنگين جي تاريخ ان ڳالهہ جي گواهہ آهي تہ جنگ دوران ۽ جنگ بندي ڪانپوءِ، فتح ۽ شڪست ٻنهي حالتن ۾ فوجن ڪي ڪڏا ڪم ڪرڻ جي کُلي ڇوٽ هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو چيو ويو تہ "جنگ ۽ محبت ۾ هر شيءِ جائز آهي." ان ڪري فوجي جنگي ذوهن جي مقدمن ۾ مثلث ٿيندا آهن ۽ انهن تي اخلاقي ذوهن جو بہ الزام هوندو آهي-جنهن ۾ قتل و غارت ڪانسواءِ عورتن جي آبرو ريزي بہ شامل آهي- پر حضور صہ جن جي قيادت ۽ رهنمائي ۾ جيڪي بہ غزوات ۽ سرايا وڙهيا ويا، انهن ۾ ڪنهن بہ مجاهد جو ڪو اخلاقي ڏوهہ ثابت نہ ٿو ڪري سگهجي-مسلمان مجاهدن جو ڪردار هميشہ بي داغ ۽ دشمن ڪي موهڻ وارو رهيو آهي-مسلمان مجاهدن نہ جنگ کٽڻ يا دوران جنگ ڪنهن بدمستي جو مظاهرو ڪيو ۽ نہ ڪنهن عورت جي عصمت ڪي داغدار ڪيو-

آخري ۽ اهم ڳالهہ اها آهي تہ دنيا جون جنگيون ملڪن تي قبضي ڪرڻ ۽ ٻين ڪي آزاديءَ کان محروم ڪرڻ لاءِ وڙهبون ويون آهن-پر اهو اعزاز دنيا جي تاريخ ۾ صرف محمد رسول الله ڪي حاصل آهي جنهن جي غزوات ۽ سرايا جي نتيجي ۾ انسان ڪي انسان جي غلاميءَ مان آزادي ملي، امن مليو، خوشحالي ملي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضور صہ جن ئي سپهہ سالارِ اعظم آهن-

بـــرو هو ٻنيور-جـــو آريـــاڻيءَ اجـــاريو
ڇوريون ڇرڻ سڪيون-ٻنهون ڪـــيائون ٻـور
آيو جو اتـــور-جنهن ڏکيون ڏک ويهاريون
(شاهہ رح)



Marfat.com

ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر

ترجمو ۽ تلخيص: عبدالوهاب مگريو

# انساني حقوق ۽ تعليماتِ نبوي

اسلام ۾ حقوق الله ڪان وڌيڪ حقوق العباد تي زور ڏنو ويو آهي. اسلام جي وڏن وڏن عالمن ۽ بزرگن حقوق العباد جي جيڪا تشريح ڪئي آهي ان ۾ والدين ۽ اولاد، استاد ۽ شاگرد، مڙس ۽ زال، مٽ مائٽ، پاڙيسري، مريض، مالڪ ۽ غلام، مسڪين ۽ مزدور، مسلم امت وغيره شامل آهن.

حضور صلي الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات ۽ حيات گرامي تي غور ڪنداسين، ته انسان جا جيڪي بنيادي حقوق سامهون ايندا، اهي هي آهن:

## (١) خواندگي (پڙهائي)

اڄ ڪان چوڏهن سؤ سال پهرين جڏهن دنيا ۾ علم جو ڪوئي تصور ئي نه هو ۽ يورپ به عربن وانگر جهالت ۾ پڌل هو ته حضور صلي الله عيله وسلم جن فرمايو:

”الجهل موت الاحياء“ يعني جهالت ساهه وارن لاءِ موت آهي.

حضور صلي الله عليه وسلم جهالت کي دور ڪرڻ لاءِ مسجد نبوي ۾ هڪ مدرسو ”صفه“ جي نالي سان قائم ڪيو ۽ اهو دنيا ۾ پهريون اقامتي درسگاهه هو جنهن جي ضمانت يا ذميواري حضور صلي الله عليه وسلم جن پاڻ بنفس نفيس ڪندا هئا. ٻي طرف علم پکيڙڻ لاءِ سٺو طريقو استعمال ڪيو ويو جيئن جنگ بدر ۾ ڪافرن جا ستر افراد قيدي ٿيا- انهن مان جيڪي صاحب استطاعت هئا اهي مال (پئسا) ڏئي آزادي حاصل ڪري ويا ۽ جيڪي بي علم ۽ بي استطاعت هئا اهي



Marfat.com

ان وعدي تي ڇڏيا ويا تہ آئنده مسلمانن جي خلاف ڪنهن بہ جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيندا ۽ جيڪي وري بي استطاعت ۽ باعلم هئا انهن تي اها شرط لڳائي وئي تہ اهي ڏهہ ڏهہ مسلمان ٻارن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارن تہ پوءِ انهن کي آزاد ڪيو ويندو. اهڙي طرح هڪ محفوظ اندازي مطابق تقريباً بہ سؤ مسلمان ٻار لکڻ ۽ پڙهڻ جو فن سکي ويا.

سرورِ ڪائنات حضور صلي الله عليہ وسلم جن پڙهڻ کي نہ صرف انسانن جو بنيادي حق قرار ڏنو بلڪہ خواندگي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪفار ۽ مڪي جي مشرڪن جي خدمات کي بہ قبول ڪيو.

## (٢) تعليم:

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي اچڻ کان اڳ تعليم محدود سمجهي ويندي هئي، ان کي صرف پادرين ۽ برهمڻن تائين محدود رکيو ويندو هو ۽ اهي تعليم کي لڪائڻ لاءِ ايڏو تہ محتاط رهندا هئا جو هو بلڪل آهستي ڳالهائيندا هئا ۽ انهن جو آواز عام آدمي جي ڪنن تائين بہ نہ پهچي سگهندو هو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن نہ صرف علم جا دروازا تمام انسانن لاءِ کولي ڇڏيا بلڪہ هر قسم ۽ هر جڳهہ جا علم ۽ فنون انسان جي ميراث قرار ڏئي ڇڏيا ۽ علم کي حاصل ڪرڻ انسان جو هڪ بينادي حق قرار ڏنو. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو فرمان آهي تہ:

"علم حاصل ڪريو پوءِ ڀلي چونہ توهان کي چين وڃڻو پوي." وڌيڪ فرمايائون تہ: علم جي هڪ مجلس سٺ سالن جي عبادت کان وڌيڪ وزن رکي ٿي". "هڪ عالم جي هستي خدا وٽ هزار عابدن جي هستي کان وڌيڪ آهي". حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دائمي دعا اها هوندي هئي تہ "پروردگار منهنجي علم ۾ واڌارو فرماءِ."



Marfat.com

اهي ترغيبات ماڻهن ۾ علم جو شوق ۽ جذبو پيدا ڪرڻ جو ڪامياب ترين ذريعو ٿيون.

حضور پاڪ سرور ڪائنات رسول صلي الله عليہ وسلم جن مذهبي تعليم ۽ تربيت جا ٻہ طريقہ اختيار ڪيا هئا- پهريون: جنهن ۾ مختلف قبيلن جا ماڻهون مديني ايندا هئا ۽ ٻہ ٽي ڏينهن رهي ضروري مسائل سکي ڪري واپس وڃي پنهنجي قبيلي وارن کي تعليم ڏيندا هئا. ٻيو درس ۽ تدريس جو مستقل طريقہ ڪار هو ۽ ان جي لاءِ "صفہ" جي درسگاهہ مخصوص هئي. ان درسگاهہ ۾ ٻہ جماعتون هيون، جن مان هڪ درس ۽ تعليم جي هئي ۽ ٻي ذڪر و فڪر ۽ عبادت و رياضت جي هئي.

ابن ماجہ ۾ آهي تہ "هڪ ڏينهن رسول صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي گهران نڪتا تہ مسجد ۾ ٻہ جماعتون ڏٺائون. هڪ جماعت جا ماڻهو تلاوت ۽ دعا ۾ مصروف هئا ۽ ٻي جماعت جا ماڻهو تعليم ۾ مصروف هئا. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ٻنهي جي تحسين فرمائي ۽ اهو ارشاد فرمايو تہ "مان صرف معلم بڻائي موڪليو ويو آهيان" ۽ درس ۽ تدريس واري جماعت ۾ ويهي رهيا.

"صفہ" کان علاوه مدينہ منوره ۾ ٩ مسجدون ٻيون بہ هيون جيڪي درسگاهن جو ڪم ڏينديون هيون. انهن سيني مسجدن ۽ درسگاهن جي نگراني سرور ڪائنات حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ فرمائيندا هئا.

## (٣) تعليم نسوان (عورتن جي تعليم):

هڪ حديث آهي تہ "علم حاصل ڪرڻ سيني مسلمان مردن ۽ عورتن تي فرض آهي" هن حديث مان عورتن تي تعليم ضروري هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. ڇوڪرين جي تربيت ۽ شادي جو وڏو ثواب آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "جيڪو شخص پنهنجي



Marfat.com

ٻن ڇوڪرين جي پرورش ان جي بالغ ٿيڻ تائين ڪندو ته هو ۽ مان اهڙي طرح جنت ۾ داخل ٿينداسين جهڙي طرح هٿ جون ٻه آڱريون ملايون وينديون آهن ۽ جنهن وري ٽن ڌيئرن جي پرورش ڪئي، انهن کي پڙهايو، سليقو سڪاريو انهن سان نيڪ سلوڪ ڪيو ۽ پوءِ انهن جي شادي ڪئي ته اهو جنتي ٿيندو"

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دور ۾ صغير ڇوڪرين جي لاءِ گهريلو مدرسه قائم ڪيا ويا. حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو گهر انهن مدرسن مان هڪ هو. وڏي عمر جي عورتن بلڪه نوڪرائين ۽ ڪنيزن تائين تعليم ۽ تربيت گهرجي مردن جي ذمي هئي. ڪڏهن ڪڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جن پاڻ به عورتن جي تعليم لاءِ ڪوئي خاص ڏينهن مقرر فرمائيندا هئا.

## (۴) ٻارن جا حق:

محسن انسانيت حضور صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ شفقت صرف مسلمان ٻارن تائين ئي محدود نه هئي بلڪه مشرڪن جي ٻارن تي به وڏا مهربان هئا. قرآن ۽ حديثن ۾ جيڪو ڪجهه ٻارن جي پرورش لاءِ آيو آهي ان جو خاصو حضور صلي الله عليه وسلم پنهنجي زبان سان هيئن بيان ڪيو آهي:

" پنهنجي اولاد سان عدل ڪريو."

يعني پنهنجي اولاد کي انهن جا بنيادي حق (پرورش، تعليم، تربيت، نگهباني، حلال و طيب روزي) به ڏيو ۽ انهن سان سلوڪ ۾ زيادتي نه ڪيو. ايئن نه ٿئي جو پٽن کي ڌيئرن کان وڌيڪ ترجيح ڏيو يا وري وڏي اولاد کان وڌيڪ ننڍي اولاد سان پيار ڪيو بلڪه سڀني کي هڪ جهڙي محبت ۽ توجه ڏيو ڇاڪاڻ ته اهو ئي زندگي جو حسن آهي. اهو ئي اولاد کي احساس برتري ۽ احساس ڪمتري جهڙن موذي مرضن کان بچائيندو آهي، اهوئي احساس مساوات



Marfat.com

معاشري جي خوبصورتي ۽ سماجي ماحول کي خوشگوار رکندو آهي.

## (۵) سماجي ۽ معاشي اطمينان:

مديني ڏانهن هجرت وقت حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان گڏ تقريباً ۴۵ اهل مڪہ مديني شريف پهتا. انهن مان گهڻا ڪاروباري ۽ خوشحال ماڻهو هئا. پر اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري مڪي جي ڪافرن هنن کي هر قسم جي تڪليف ڏني ۽ نقصان پهچايو. حضور صلعم جي دلنواز محبت ۾ رهي ڪري ڪندن بڻجي ويا. ان ڪري هو پنهنجا سڀ علائقا ڇڏي ڪري مديني شريف اچي ويا جيڪو هنن جي لاءِ ديار حبيب هو. هو هتي تمام گهڻو خوش هئا ڇاڪاڻ تہ انهن کي هڪ اهڙو زمين جو ٽڪرو ملي ويو هو جتي هو آزادي سان ساهہ کڻي پيا سگهن ۽ پنهنجي نظريي مطابق زندگي گذاري پيا سگهن ۽ هڪ نئين معاشري جو بنياد رکي پيا سگهن. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي بصيرت، فراست ۽ حساسيت جي ڪري انهن جا سماجي رشتہ ۽ معاشي وسيلا تمام جلدي بحال ٿيڻ وارا هئا. قرآن شريف جي سوره التوبہ ۾ آهي:

عزيز عليہ ما عنتم "جيڪا تڪليف اوهان کي پهچي ٿي سا مٿس ناگوار گذري ٿي."

ان مطابق حضور صلي الله عليہ وسلم کي عارضي تنهائي ۽ عارضي وفاداري بہ گوارا نہ هئي، ان ڪري حضور صلي الله عليہ وسلم جن هڪ هڪ انصاري ۽ هڪ هڪ مهاجر کي پاڻ ۾ اخوت ۽ ڀائيچاري جي رشتي ۾ ڳنڍي ڇڏيو. هر هڪ انصار پنهنجي مهاجر ڀاءُ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ هن کي پنهنجو گهر، گهر جو سڄو سامان پنهنجي زمين ۽ پنهنجا باغات ڏيکاري ڪري چيو "انهن سڀني شين مان اڌ اوهانجو ۽ اڌ منهنجو" اهڙي طرح اخوت جو هڪ اهڙو نادر نمونو پيش ٿيو جو خوني رشتا بہ پوئتي رهجي ويا. هڪ اهڙي



Marfat.com

مساوات قائم ٿي جو سڀ هڪ ئي تسبيح جا داڻا بڻجي ويا. هڪ اهڙي معاشي تبديلي وجود ۾ آئي جو تاريخ عالم نہ ان کان پهرين ۽ نہ ان کانپوءِ ڪائي مثال پيش ڪري سگهي. نتيجاً هڪ اهڙو معاشرو برپا ٿيو جو مسلمان ستارن جي جهرمٽ بڻجي ويا ۽ سڀ افراد آفتاب ۽ مهتاب بڻجي اڀريا. هڪ اهڙي تهذيبي تحريڪ پيدا ٿي جو سڄي دنيا ان کي ترقي جو زينو ۽ عظمت جو معراج سمجهيو.

## (٦) گفتار ۽ اظهار جي آزادي،

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو حسن تکلم ۾ ڪو ثاني نہ هو. خدا جي فرمان مطابق نہ صرف پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم صحابين کان مشورو وٺندا هئا. بلڪہ ڪليل دل ۽ دماغ سان انهن جي ڳالهہ بہ ٻڌندا هئا ۽ پنهنجي نقطہ نظر ۾ ترميم ۽ تبديلي بہ ڪندا هئا بلڪہ عام کان عام انسان بہ پنهنجو مسئلو بيان ڪندو هو ۽ انهن کي بہ تنقيد ڪرڻ جو پورو حق ڏنو ويندو هو.

## (٧) ضمير جي آزادي

حضور صلي الله عليہ وسلم جن مديني جي يهودين سان جيڪو معاهدو ڪيو هو، ان کي ميثاق مدينہ يا دستور مدينہ بہ چيو ويندو آهي، ان جي مطابق انهن کي عقيدي ۽ عبادت جي پوري آزادي بہ ڏني وئي ۽ انهن جي جان مال ۽ آبرو جي تحفظ جي ضمانت بہ ڏني وئي جيئن تہ يهودين معاهدي جي ٻن ٽن اصولن کي پاڻ ئي ٽوڙي ڇڏيو مگر بعد ۾ ان جو جرمانو پريو پر ايترو ڪرڻ کانپوءِ بہ سرور ڪونين صلي الله عليہ وسلم انهن جي حق عبادت ۽ حق تحفظ کي ٿورو بہ نقصان نہ رسايو ۽ ان کي تاريخ عالم ۾ مينارہ نور وانگر قائم ۽ دائم رکيو.



Marfat.com

## (٨) علاج معالج

هڪ ڀيري هڪ ديواني عورت ڀريل مجلس ۾ آئي ۽ هرو ڀرو بڪ بڪ ڪرڻ لڳي ڪڏهن روئي پئي ته ڪڏنهن کلي پئي ۽ وري ڪڏهن رڙيون ڪري رهي هئي. صحابه ڪرام ان کي تمام برو سمجهيو مگر حضور صلي الله عليه وسلم ان جون حرڪتون ڏسندا رهيا ۽ مسڪرائيندا رهيا ۽ دعا گهرندا رهيا جڏهن اها عورت مجلس کان ٻاهر نڪتي ته بلڪل صحيح هئي ۽ اهو به هڪڙي قسم جو نفسياتي طريقه علاج هو.

شيخ سعدي رحمة الله عليه "گلستان" ۾ هڪ عبارت لکي آهي ته عجم جي بادشاهن مان هڪ بادشاهه ڪنهن ماهر طبيب کي رسول صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ موڪليو، اهو ماهر طبيب گهڻن ئي سالن تائين عربن جي ولايت ۾ رهيو. ڪوئي به علاج لاءِ هن وٽ نه آيو. اهو طبيب حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ شڪايت ڪيائين ته هو صحابه جي علاج جي خاطر هتي موڪليو ويو هو مگر ڪنهن توجهه ئي نه ڏنو. حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "هن جماعت جو هڪ طريقو آهي ته جيستائين گهڻي بک نه لڳندي آهي، تيستائين نه کائيندا آهن ۽ جڏهن ٿوڙي بک باقي هوندي آهي ته هٿ پري ڪري ڇڏيندا آهن" طبيب چيو "اهوئي تندرستي جو سبب آهي" هن سر جهڪايو ۽ رخصت ٿي ويو.

## (٩) انسانيت جي سر بلندي

حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته جنگ جي موقعي تي ڪنهن به ننڍڙي ٻار، ٻوڙهي عمر واري يا وري ڪنهن عورت کي قتل نه ڪيو وڃي. دشمن جي گرفتاريءَ کانپوءِ انهن کي تيرن جو نشانو يا تلوار سان قتل نه ڪيو وڃي. وعدي کي سختيءَ سان نڀايو وڃي قاصد کي امان ڏني وڃي، جنگ جي قيدين کي تڪليف ڏيڻ جي بجاءِ



Marfat.com

انهن کي سنئو ڪاڌو ڪارايو ويجي ۽ آسان شرطن تي رها ڪيو وڃي، مال غنيمت مان يتيمن، غريبن ۽ مسافرن جو به حصو رکيو وڃي. اسلام جهاد کي ايڏو ته پاڪ ڪري ڇڏيو جو جهاد هڪ افضل ترين عبادت بڻجي پيو. جهاد جو مقصد اهو آهي ته مظلومن کي ظلم کان نجات ڏياري وڃي ته جئن جابر ۽ ظالم ڪمزورن تي ستم ۽ ظلم جو هٿ نه وجهي سگهي. سراپا رحمت صلي الله عليه وسلم جن جنگ بدر ۾ لڙائي جو باقاعده آغاز نه هجڻ ڪان پهرين بدر جي چشمن مان دشمن کي پاڻي پيئڻ کان نه روڪيو.

مڪي جي فتح تي رحمتِ عالم صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو ته "وڃو توهان سڀ آزاد آهيو، اڄ توهان سڀني لاءِ معافي آهي" حضور صلي الله عليه وسلم جن ان قرآني اصولن جي زنده تفسير هئا ته "دشمن جي دل هن سان نيڪي ڪري ڪٽڻ ڪپي" دنيا جي تاريخ ۾ اهو پهريون مثال هو ته هڪ طاقتور فاتح نه صرف پنهنجي بدترين دشمن کي دل سان معاف ڪري ڇڏيو بلڪه انهن کي هر خيال بڻائڻ لاءِ ظلم ۽ جبر ڪان ڪم وٺڻ جي بجاءِ "خلق عظيم" جي ڪشش کان ڪم ورتو.

## (١٠) رنگ ۽ نسل جي فرق جو خاتمو

حضور صلي الله عليه وسلم جن فرد جي روحاني ۽ اخلاقي اصلاح ۽ تفسير تي سڀ کان وڌيڪ توجه ڏنو آه. پنهنجي ساٿين جي دلين کي روحانيت سان ڀري ڇڏيو. رنگ، نسل، خاندان، قبيلا، علائقا ۽ وطن جي فرق کي مٽائي ڇڏيو.. عورتن ۽ غلامن کي برابر حق ڏنا ۽ ڏياريا. مطلب ته سڀني انسانن کي برابري جو درجو ڏنو ڀلي پوءِ هو ڪنهن به پيشي سان تعلق رکندا هجن. انهن کي عزت ۽ عظمت جي هڪ تصور سان آشنا ڪيو.



Marfat.com

## (١١) عدل ۽ انصاف

اسلامي عدل جي نظام جي هڪ اهم ترين خوبي اها آهي ته هو معاشري جي تشڪيل خوف خدا ۽ آخرت جي تصور جي بنياد تي ڪندو آهي. نتيجتاً معاشرو اندران تبديل ٿيندو آهي. ان اندر جي تبديلي ڪان پوءِ قانون نه ٽٽندو آهي. ان لاءِ قرآن حڪيم جي آيتن ڪان سواءِ گهڻئي احاديث انسان جي باطن ڪي تبديل ڪرڻ واريون ۽ ان ڪي خوف خدا ۽ آخرت جو رستو ڏيکارڻ واريون آهن.

حضور صلي الله عليه وسلم جن حجة الوداع جي موقعي تي هي اعلان ڪري انساني حقن ڪي هميشه هميشه لاءِ تحفظ فراهم ڪري ڇڏيو. "جاهليت جا سڀ دستور منهنجي پيرن هيٺان آهن" "الله تعالىٰ جو ارشاد آهي ته "اي انسان! اسان توهان سڀني ڪي هڪ ئي مرد ۽ هڪ ئي عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان ڪي جماعتن ۽ قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ته جيئن پنهنجي الڳ الڳ شناخت ۽ سڃاڻپ رکو. توهان مان زياده عزت ۽ مان وارو خدا جي نظر ۾ اهوئي آهي جيڪو خدا ڪان تمام گهڻو ڊڄندو هجي" ان ڪري هن آيت جي (روشني ۾) "نه ڪنهن عربي ڪي عجمي تي فوقيت حاصل آهي ۽ نه ئي ڪنهن عجمي ڪي عربيءَ تي، نه ڪارو گوري ڪان افضل آهي ۽ نه ئي گورو ڪاري ڪان. ها اگر بزرگي ۽ فضيلت جو ڪوئي معيار آهي ته اهو تقويٰ آهي"، "هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ آهن پنهنجي غلامن جي خيال رکو ها. غلامن جو خيال رکو انهن ڪي اهو ئي کارايو جيڪو توهان پاڻ کائيندا آهيو ۽ اهڙو ئي پارايو جيڪو توهان پاڻ پايو ٿا"

"جاهليت جا تمام خون (انتقام) معاف ڪيا وڃن ۽ سڀ ڪان پهرين مان (پنهنجي خاندان جي) ربيعه ابن حارث جي پٽ جو خون معاف ڪريان ٿو"



Marfat.com

"عورتن جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو، توهان جو عورتن تي ۽ عورتن جو توهان تي حق آهي" "توهان جو خون ۽ توهانجو مال تا قيامت اهڙي طرح حرام آهي جهڙي طرح هي ڏينهن هن مهيني ۾ ۽ هن شهر ۾ حرام آهي"

ٻار ان جي طرف منسوب ڪيو ويندو جنهن جي بستر تي هو ڄائو هوندو. زاني جي لاءِ پٿر آهن ۽ ان جو حساب خدا جي ذمي آهي"

"جيڪو شخص پنهنجي پيءُ کان علاوه ڪنهن ٻئي جو هجڻ جي دعويٰ ڪري ۽ جيڪو غلام پنهنجي آقا کان علاوه ڪنهن ٻئي جي طرف پنهنجي نسبت ڪري ته ان تي خدا جي لعنت آهي"

"ڪنهن به عورت لاءِ پنهنجي مڙس جي مال مان ان جي اجازت جي بغير ڪڍڻ جائز نه آهي"

"قرض ادا ڪيو وڃي، ٻئي کان گهريل شيءِ واپس ڪئي وڃي، عطيو واپس ڪيو وڃي، ضامن انهن سڀني شين جو ذميوار هوندو."

حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي امت جي رهنمائي لاءِ هدايت رباني جو مجموعو امت جي حوالي ڪيو ۽ تاڪيد فرمايو "مان توهان ۾ هڪ شيءِ ڇڏي وڃي رهيو آهيان، اگر توهان ان کي مضبوط پڪڙيو ته گمراهه نه ٿيندو" پڇيو ويو ته اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "الله تعاليٰ جو ڪتاب".



Marfat.com

# حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جا سهڻا ادب ۽ اخلاق

ادب ۽ اخلاق ٻه اهڙا لفظ آهن جيڪي بظاهر هم معنيٰ لڳندا آهن جن ۾ بظاهر ڪو به فرق محسوس نه ٿيندو آهي. پر عالمن ادب ۽ اخلاق کي ڪجهه هن طرح بيان ڪيو آهي:

**ادب:**

دستور، قائدي، حد بندي، احتياط، اٿڻ ويهڻ جي تهذيب يا سهڻن اخلاقن جي ميلاپ کي چئبو آهي. ادب هڪ اهڙو بهترين طريقو آهي جنهن کي ڪو به شخص پنهنجي معمول مطابق ۽ عملن جي پورائيءَ لاءِ اهڙيءَ طرح اختيار ڪري جو هر ڏاهو ۽ عقلمند ماڻهو ڪيس ڏسي ۽ ٻڌي شاباس چئي. اهو به چئي سگهجي ٿو ته ادب اهو سهڻو عمل ۽ چال چلت آهي جنهن جو اصل، روح جي لطافت ۽ جسم جي پاڪائي آهي.

ادب کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ اصول ڪافي جلد نمبر ٢ ۾ آهي ته عمل ان وقت سهڻو ۽ وڻندڙ لڳندو آهي جڏهن شريعت ان جي اجازت ڏئي ۽ اهو عمل اختياري هجي. يعنيٰ ان کي مختلف نمونن ۾ پنهنجي اختيار سان عمل ۾ آڻي سگهجي ۽ عمل هميشه زندگي ۽ عزت مطابق هجي. مختلف دين، مذهب ۽ ننڍا معاشرا ان ڳالهه سان اختلاف رکن ٿا ته نيڪ ڪم کي بري ڪم کان جدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ مختلف نظريا آهن. مثال طور ڪيترييون شيون هڪ قوم ۾ ادب ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون ۽ ٻي قوم ۾ انهن کي ادب ۾ شمار نه ٿو ڪيو وڃي. ڪيترائي ڪم اهڙا به آهن جيڪي هڪ ماڻهو جي



Marfat.com

نظر ۾ نيڪ آهن پر ٻئي جي نظر ۾ برا هوندا آهن. اسان جي سامهون پاڻ سڳورن جا ادب متعلق ڪافي مثال آهن. پاڻ سڳورن جي ورتاءُ ۾ محبت جو جذبو، ڪشش ۽ خلوص نظر ايندو هيو پاڻ سڳورن جي ننڍي توڙي وڏي ۽ امير توڙي غريب سان ملڻ ۾ ادب نظر ايندو هيو جيڪو سندن عظمت، شان، مرتبو ۽ عظمت بيان ڪري ٿو. پاڻ سڳورا هر ماڻهو سان ملڻ جي شروعات سلام سان ڪندا هيا ۽ سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا هيا. قرآن ڪريم جيڪي اسلام جا آداب بيان ڪيا آهن انهن مان هڪ اهو به آهي ته سلام جو جواب سهڻي ۽ سٺي انداز ۾ ڏيو. سورة نساء ۾ آهي ته: "۽ جڏهن ڪوبه شخص سلام ڪري ته اوهان به ان جي جواب ۾ بهتر نموني سان سلام ڪيو يا ساڳيائي لفظ واپس چئي ڇڏيو".

پاڻ سڳورن قرآن جي ڏسيل ادب تي عمل ڪندي ٻين جي جواب ۾ مخصوص انداز اختيار فرمايو هيو. ادب انسان جي زندگيءَ ۾ حقيقي مقصد سان لاڳاپيل ۽ حسن جو اهڃاڻ آهي. اصول ڪافي ۾ ٻڌايل آهي ته پاڻ سڳورن جا جيڪي ادب آهن انهن جي پيروي ڪرڻ صراط مستقيم تي هلڻ آهي.

**اخلاق:**

اخلاق عربي ٻوليءَ جي لفظ خُلق مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي رويو، سلوڪ ۽ چال چلت. انسان جي باطني قوتن کي وچٿري راهه هلائڻ جو نالو اخلاق آهي. انسان جي وجود ۾ جيئن ڪجهه ظاهري قوتون آهن تيئن ڪجهه باطني قوتون پڻ آهن جيڪي چئن حصن ۾ ورهايل آهن.

(۱) قوت عمل: هن قوت جي ذريعي انسان مجموعي اصول، قاعدا ۽ قانون معلوم ڪري ٿو.

(۲) قوت وهم: هن قوت ذريعي انسان جزئيات معلوم ڪري



Marfat.com

ٿو ۽ اهڙن شين جو تصور ڪري ٿو جيڪي وجود ئي نہ ٿيون رکن يا اهڙيون شيون معلوم ڪري ٿو جيڪي حواسن ۾ نہ ٿيون اچن.

(٣) قوت خواهش: هن قوت ذريعي انسان فائدي واريون شيون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

(٤) قوت غضب: هن قوت ذريعي انسان نقصان ڪار شيون پاڻ کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

اسان مٿين قوتن کي نظر ۾ رکي اخلاق جي وصف هن طرح بيان ڪريون ٿا تہ "جيڪڏهن مٿيون قوتون عقل جي ڪنٽرول ۾ رهنديون تہ انسان عدالت جي رستي تي هلندو ۽ ان کي اخلاق چئبو. ٻين لفظن ۾ پنهنجو پاڻ کي سجاڻڻ، پاڻ کي سڌارڻ، پنهنجي روح کي پاڪ رکڻ جي علم کي علم الاخلاق چئبو آهي.

حضرت علي ڪرم الله وجه جن فرمائن ٿا تہ انسان جي خلقت جو مقصد ئي روح کي ڪمال تائين پهچائڻ آهي ۽ ڪمال تائين پهچڻ جو طريقو علم الاخلاق ٻڌائي ٿو.

علم الاخلاق حقيقت ۾ پاڻ کي سڃاڻڻ، روح کي پاڪ ۽ صحتمند ۽ پنهنجي سيني تمنائن کي عدالت مطابق هلائڻ جو علم آهي.

جيئن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمائن ٿا تہ: "بيشڪ مان سٺن اخلاقن جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهيان". وري پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، پنهنجي ربَ کي سڃاڻڻ جو ذريعو بہ چيو ويو آهي.

جيئن فرمايائون تہ: "جنهن پاڻ کي سڃاتو ان بيشڪ پنهنجي ربَ کي سڃاتو". ان ڪري علم الاخلاق سڀ کان مٿاهون ۽ فضيلت وارو علم آهي.



Marfat.com

## ادب ۽ اخلاق ۾ فرق

اسان ادب ۽ اخلاق کي متي ڌار ڌار بيان ڪري آيا آهيون جنهن کي پڙهڻ سان فرق واضح ٿي وڃڻ گهرجي. بظاهر ته ٻنهي لفظن ۾ فرق نظر نه ٿو اچي پر متين بيانن ۾ تحقيق ۽ اعتبار کان ادب ۽ اخلاق ٻه جدا لفظ آهن جن ۾ وڏو فرق محسوس ٿئي ٿو. جنهن کي علامه طبا طبائي هيئن ۽ بيان فرمايو آهي ته: ”هر معاشري جو ادب ۽ ريتون رسمون، سندن فڪر ۽ اخلاقي ڳڻن جا آئينا آهن. ڇاڪاڻ ته ادب مقصدن جي پيدا وار آهي ۽ مقصد فطري ۽ تاريخي عملن سان نظر ايندا آهن. اهو به ممڪن آهي ته ڪجهه ماڻهو اهو به خيال رکندا هجن ته ادب ۽ اخلاق هڪ شيءِ جا ٻه نالا آهن، پر ائين نه آهي، ڇاڪاڻ ته اسان اڳتي پڙهي آيا آهيون ته روح جي صحيح ۽ حقيقي قوت جو نالو اخلاق آهي. حقيقت ۾ روح جي وصفن جو نالو اخلاق آهي، پر ادب اها هڪ سهڻي ۽ بهترين وصف آهي جنهن سان انسان پنهنجي عملن جي ڪري سينگارجي ٿو.

ادب ۽ اخلاق جي ان فرق تي غور ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته اخلاق ۾ ڀلي ۽ بري صفت هوندي آهي ۽ ادب ۾ فعل ۽ عمل جي جذبي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه ٿو اچي. ٻين لفظن ۾ ائين به چئي سگهجي ٿو ته خلق ۾ بري ۽ ڀلي اخلاق جو وجود ته آهي پر ادب ۾ نيڪ ۽ بد ٻنهي جو وجود نه آهي.

آخر ۾ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته آقاءِ ڪائنات، ابوالقاسم جناب محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن ادب ۽ اخلاق جا بلند مينار هئا ۽ انسان جي آداب ۽ اخلاق کي سنوارڻ يعني روحاني ۽ جسماني معراج تي پهچائڻ جو سڀ کان اعليٰ ذريعو آهن.



Marfat.com

قاضي محمد اعظم

مترجم: ڪيپٽن سيد جعفر شاه

# آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن بحيثيت هڪ معلم

نگار من ڪہ بمڪتب نہ رفت و خط نہ نوشت
بغمزه مسئلہ آموز صد مدرس شد
(حافظ)

رب پاڪ اسان جي نبي سڳوري حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن کي رسالت سان گڏوگڏ تعليم ڏيندڙ معلم جي حيثيت ۾ دنيا کي هنن لفظن ۾ قرآن شريف ذريعي متعارف ڪرايو.

"ان الله موڪليو اڻ پڙهيل ماڻهن ڏانهن هڪ رسول ص انهن مان ئي جيڪو پڙهي ٻڌائي ٿو انهن کي الله تعاليٰ جون نشانيون يعني آيتون ۽ انهن کي سڌاري ٿو ۽ تعليم ڏئي ٿو انهن کي ڪتاب يعني قرآن مجيد جي ۽ سيکاري ٿو دانائي جو ان کان آڳ هو چٽيءَ گمراهيءَ ۾ مبتلا هئا" (الجمعة)

اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ عرب ۾ تعليم رائج ڪونہ هئي، جيڪڏهن ڪي پڙهيل هئا تہ بہ آڱرين تي ڳاڻيٽي جيترا. جنهن ڪري عربن کي امي يعني اڻ پڙهيل ڪوٺيندا هئا. اسان جي پياري پيغمبر محمد صلي الله عليہ وسلم جن کي بہ امي ڪوٺيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ پاڻ بہ لکڻ پڙهڻ دنياوي استاد کان ڪونہ سکيا هئا. جنهن جو ثبوت قرآن شريف جي هن آيت مان ملي ٿو جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ "پهرين پاڻ نہ ڪو ڪتاب پڙهيو هئائون ۽ نہ پنهنجي هٿ مبارڪ سان لکيو هئائون"، ان ڪري جڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کي رسالت جي ذميداري تي سونپي تہ



Marfat.com

ڀيرين جيڪي ڪين جبرائيل عليه السلام جي وسيلي معاملو ڪرايو ويو سو هو ڪين پڙهڻ سيکارڻ. حضرت جبرئيل عيله السلام جيڪو پيغام غار حرا ۾ کڻي آيو ته: "اي محمد پڙهه نالي پنهنجي رب سان جنهن سڀني کي پيدا ڪيو آهي." غار حرا ۾ پهرين ملاقات جي وقت حضرت جبرئيل امين پاڻ سڳورن کي ٽي دفعا سيني سان لڳايو، منجهن الله تعاليٰ جي ڪلام کي سڃاڻڻ جي قوت پيدا ٿي. جڏهن رب پاڪ جي تعليم جيڪا حضرت جبرئيل جي وسيلي پهچائي ويئي، ختم ٿي ته پوءِ سڌيءَ طرح الله تبارڪ و تعاليٰ طرفان بذريعه الهام وحي وغيره ذريعي ڪين تعليم ملندي رهي، جيئن قرآن شريف ۾ ارشاد آهي: "الله تعاليٰ اوهان کي انهن عملن جي تعليم ڏني جنهن جي توهان کي خبر نه هئي، الله تعاليٰ جو اوهان تي تمام وڏو فضل آهي." ٻي هنڌ قران شريف ۾ چيو ويو آهي ته "اسان اوهان (رسول) کي اهو پڙهائينداسون جنهن کي توهان ڪڏهن به نه وساريندؤ." الله تعاليٰ وٽان جيڪو سڌو علم حاصل ٿئي ٿو ان کي علم لدني ڪوٺجي ٿو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن کي جيڪا تعليم حضرت جبرئيل عليه السلام جي هٿان يا سڌيءَ طرح الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان حاصل ٿي، اها بنا ڪنهن لکڻ جي هئي، ان تعليم ۾ الله تعاليٰ جو علم، خدا تعاليٰ سان ملڻ جي دعوت دنيا جا سڀ علم الله تعاليٰ عطا فرمايا جن ڪان پوءِ ئي ڪين پوري انسان ذات جي تعليم لاءِ مقرر ڪيو ويو. پاڻ به ماڻهن کي بنا مس قلم جي تعليم ڏنائون ڪين پهرين عربن کي مخاطب ٿيڻ ۽ تعليم ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته پاڻ عرب قوم مان هئا، ۽ بعد ۾ سڄي دنيا جي قومن کي تعليم ڏيڻ جو ڪم سندن حوالي ڪيو ويو.

هاديءِ اعظم صلي الله عليه وسلم جڏهن عربن جي تعليم شروع ڪئي ته وٽن صرف هڪ ڪتاب هو، جنهن جو نالو قرآن مجيد آهي، جيڪو الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي، جيڪو مڪمل ضابطهءِ



Marfat.com

حيات آهي، جيڪو سيني لاءِ ساڳيو آهي، جيڪو عربي زبان ۾ آهي، ڇاڪاڻ تہ تعليم ڏيڻ وارا بہ اسان جا پيارا پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن عرب هئا. ڪڏهن پاڻ بيهي خطبو ڏيندا هئا. ڪڏهن اٺ تي چڙهي، ۽ اڪثر ڪري ويهي خطبو ڏيندا هئا. پاڻ نهايت آسان ۽ سليس زبان ۾ تعليم ڏيندا هئا ۽ نهايت فصيح ۽ شيرين ڪلام هوندا هئا. پاڻ علمي تعليم سان گڏوگڏ عملي تعليم بہ ڏيندا هئا. جيڪي پاڻ سمجهائيندا ۽ سيکاريندا هئا سو عمل ذريعي ڪري ڏيکاريندا هئا يعني پهريان پاڻ ان حڪم الاهيءَ تي عمل پيرا ٿيندا هئا ۽ پوءِ ان جي تعليم ڏيندا هئا. جهڙوڪ وضو ڪرڻ، نماز جا فرض وغيره پاڻ سڀورا ايئن ڪري ۽ ڏيکاري سيکاريندا هئا. جنهن مان ثابت ٿيو تہ پاڻ سڀورا جيڪي تعليم ڏيندا هئا يا جيڪي ڪجهہ احڪام الاهي سيکاريندا هئا انهن تي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ سختي سان عمل ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو سندن تعليم وڏيڪ مؤثر ۽ جلد سمجهہ ۾ اچي ويندي هئي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويندي هئي.

قرآن شريف جون آيتون يا سورتون جيڪي مٿن الله تبارڪ و تعاليٰ طرفان نازل ٿينديون هيون سي پاڻ ان وقت موجود صحابين کي زباني ياد بہ ڪرائيندا هئا ۽ مخصوص ڪاتبن کان لکرائيندا بہ هئا. اهڙيءَ طرح قرآن پاڪ سندن صحابين جي سينن ۾ محفوظ ٿيندو ويو تہ ٻئي طرف لکت ۾ بہ ايندو ويو. سندن خاص خيال هوندو هو تہ گهٽي ۾ گهٽ مسلمان قرآن شريف ياد ڪن، ان جي برابر تلاوت ڪندا رهن ۽ مختلف مسجدن ۾ پاڻ امام انهن کي مقرر ڪندا هئا جن کي يا تہ سڄو قرآن ياد هوندو هيو يا گهڻو حصو ياد هوندو هو.

قران شريف جيئن تہ ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿيو ۽ يڪو هڪ وقت نازل ڪونہ ٿيو ان ڪري پاڻ سڀورا اسلام جا بنيادي احڪام ۽ ٻين احڪامن کي قرآن شريف جي جدا جدا سيپارن مان هٿ ڪري



Marfat.com

پنهنجي طرفان مختصر لفظن ۾ خلاصي طور بيان ڪندا هئا جيئن ماڻهن کي ضروري ۽ اهم اسلامي اصول ۽ مسائل زباني ياد ڪرڻ ۾ آساني ۽ سهولت ٿئي. مثال طور پاڻ سڳورن اسلام جي پنجن بنيادي رڪنن جهڙوڪ: ڪلمه توحيد، نماز، روزه، زڪوات ۽ حج جي تعليم کي هيئن بيان ڪندا هئا. حضرت ابن عمر رضه کان روايت آهي ته حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته اسلام جو بنياد پنجن شين تي رکيو ويو آهي. (۱) ان ڳالهه جي شاهدي ڏيڻ ته الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق ڪونه آهي ۽ محمد صلي الله عليه وسلم جن ان جا رسول آهن. (۲) نمـــاز ادا ڪرڻ (۳) زڪوات ڏيڻ (۴) حج ڪرڻ (۵) رمضان جا روزا رکڻ. پاڻ سڳورن اسلام جي بنيادي اصولن کي اهڙي آسان ۽ سهل نموني سمجهايو آهي جو سيني لاءِ ياد ڪرڻ آسان ٿي پيو آهي. ان کانسواءِ ٻيا به مذهبي مسئلا ٻڌائيندا هئا جيئن هو اسلام جي مسئلن کان چڱي طرح واقف ٿين ۽ اسلام جي باري ۾ سندن چاهه ۾ اضافو ٿئي.

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي تعليم جو مرڪزي خيال هو توحيد الاهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جي صفت جي تعليم ڏيڻ کانپوءِ قومي، مذهبي ۽ اجتماعي ڪمن ۾ تعليم ڏيڻ جن ۾ به وحدت جي تعليم جو روح هميشه ڪاربند رهندو هو. ان ڪري سڄي دنيا جي مسلمانن جي جيڪا به ٻولي هجي ڪلمه توحيد. نماز جيڪي اسلام جا اهم ۽ سڀ کان اعليٰ ارڪان آهن ان جي ادائگيءَ لاءِ عربي زبان جيڪا قرآن شريف جي زبان آهي کي ضروري قرار ڏنو ويو. حج جي موقعي تي ايندڙ دنيا جي مختلف قومن ۽ مختلف زبانون ڳالهائيندڙن لاءِ هڪ ئي زبان عربيءَ ۾ لبيڪ اللهم لبيڪ جي صدا بلند ڪرڻ مقرر ڪيو ۽ عربي ۾ ئي قرآن مجيد جي تلاوت جي تعليم ڏني، حج جي موقعي تي هڪ ئي لباس يعني احرام پائڻ جو حڪم ڏنو ويو. ان کانسواءِ هڪ ئي رسول محمد ڪريم صلي الله عليه



Marfat.com

وسلم، هڪ ئي قبله ڪعبة الله تي قائم رهڻ لاءِ سڄي دنيا جي مسلمانن کي دعوت ڏني. قرآن شريف موجب تمام مسلمان پابند آهن ته جيڪو پيغام پاڻ سڳورن پنهنجي شيرين زبان سان ڏيئي دنيا جي تمام مسلمانن کي متحد رهڻ، نفاق کان بچڻ، هڪ ٻئي سان خنده پيشانيءَ سان هلڻ ۽ هڪ ٻئي جو احترام ڪرڻ جي تعليم ڏني ان تي عمل ڪن. پاڻ سڳورن مسلمانن کي هڪ ٻئي سان محبت ۽ سلوڪ سان رهڻ جي تعليم ڏني ۽ پاڻ فرمايائون ته مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيو مسلمان محفوظ يعني بچيل رهي. پاڻ هيئن به فرمايائون ته ايستائين ڪو به شخص سچو ايماندار نه ٿو ٿي سگهي جيستائين هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ لاءِ اهائي ڳالهه پسند نه ڪري جيڪا هو خود پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو. پاڻ سڳورن حجة الوداع يعني آخري حج جي خطبه ڏيڻ جي موقعي تي ماڻهن کان پڇيو ته اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ڇا هي قربانيءَ جو ڏينهن ناهي؟ پوءِ وري پڇيائون ته هي ڪهڙو مهينو آهي؟ ڇا هي ذي الحج جو مهينو ناهي؟ پوءِ پاڻ فرمايائون توهان جو رت، توهان جي عزت ۽ آبرو، توهان جي وچ ۾ اهڙي طرح حرام آهي جهڙي طرح توهان جي هن شهر ۾ خونريزيءَ ۽ آبروريزيءَ حرام آهي. حاضر شخص تي اهو فرض آهي ته اها ڳالهه ان شخص کي پهچائي جيڪو غير حاضر آهي. ان ڪري جو ممڪن آهي ته حاضر (موجود) شخص هن پيغام کي ڪنهن اهڙي شخص تائين پهچائي جيڪو هن جي وڌيڪ حفاظت ڪري ۽ پاڻ وڌيڪ ارشاد فرمايائون ته دين آسان آهي ۽ ماڻهن لاءِ آسانيون پيدا ڪريو ۽ انهن کي مشڪلاتن ۾ نه وجهو يعني مذهب ڏکيو نه بڻايو.

پاڻ سڳورا اجتماعي تعليم کانسواءِ انفرادي تعليم به ڏيندا هئا ۽ ماڻهن جا مسئلا ۽ مشڪلاتون حل ڪندا هئا. اهڙي طرح جيڪا سندن انفرادي تعليم هئي سا به سيني لاءِ سودمند ثابت ٿيندي



Marfat.com

هئي جنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

هڪ شخص پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يارسول الله آءٌ براين جهڙوڪ چوري، شراب خوري، وغيره ۾ مبتلا آهيان ۽ انهن کان جند ڇڏائڻ منهنجي لاءِ تمام مشڪل آهي، مون کي فقط هڪ اهڙي شيءِ ٻڌايو جو آءٌ ان تي آسانيءَ سان عمل ڪري سگهان. پاڻ فرمايائون تہ ڇا تون مونسان ڪوڙ نہ ڳالهائڻ جو وعدو ڪري سگهين ٿو؟ تہ هن شخص عرض ڪيو يارسول الله اهو تہ تمام آسان ڪم آهي. آءٌ اوهان سان ڪوڙ نہ ڳالهائڻ جو وعدو ڪريان ٿو ۽ هو خوش ٿي هليو ويو. پوءِ جڏهن هن کي ڪنهن بہ بري عادت تي عمل ڪرڻ جو جذبو جاڳيو ٿي تہ هن کي هڪدم پاڻ سڳورن سان ڪوڙ نہ ڳالهائڻ وارو وعدو ياد آيو ٿي. آخرڪار نتيجو اهو نڪتو جو هن مان سڀ برايون نڪري ويون. ان مان اسان کي سبق مليو تہ اسان کي ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائڻ گهرجي. ڪوڙ بري عادت آهي ۽ سڀني براين جي پاڙ آهي. جيڪڏهن اسان مان ڪوڙ جي عادت نڪري وڃي تہ هوند گهڻن گناهن کان بچي پئون. ان مان اسان کي هيءُ بہ سبق ملي ٿو تہ هڪڙي برائي ڇڏڻ سان اسان ڪيترين ئي براين جو خاتمو آڻي سگهون ٿا.

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن حضرت علي ڪرم الله وجہ کي جيڪو نوجوان هو جڏهن يمن جو قاضي بڻائي موڪليو تہ ان وقت ڪيس هدايت ڪئي تہ جڏهن ڪو فيصلو توهان وٽ اچي تہ پهرين ٻنهي ڌرين جا بيان ٻڌي ۽ پوءِ غور ۽ خوض ڪري فيصلو ڪجو.

حضرت معاذ بن جبل رضہ جن جو بيان آهي تہ مونکي رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن هنن ڳالهين جي هدايت ڪندي فرمايو



Marfat.com

تہ اي معاذ هنن ڳالهين جي آءٌ توکي هدايت ڪريان ٿو:

(١) پرهيزگاري (٢) سچائي (٣) انجام جي وفائي (۴) امانت جي ادائگي (۵) خيانت ختم ڪرڻ (٦) يتيمن تي مهرباني (٧) پاڙيسرين جي خبر چار (٨) غصو ٻي وجهڻ (٩) شفقت سان ملڻ (١٠) ماڻهن کي سلام ڪرڻ (١١) مٺو ڳالهائڻ (١٢) نماز جي پابندي (١٣) قرآن شريف ۾ فڪر ۽ سوچ ڪرڻ (١۴) آخرت جي محبت (-١۵) آخرت جي ڏينهن جو خوف (١٦) اميدون گهٽ ڪرڻ (١٧) اميد صحيح رکڻ (١٨) مريضن کان پڇڻ (١٩) بيواهن ۽ ڪمزورن جي ضرورت پوري ڪرڻ (٢٠) سنئون سڌو ڳالهائڻ (٢١) ڪنهن مسلمان کي گار نہ ڏيڻ، ڪنهن سچي ماڻهوءَ کي ڪوڙو نہ سمجهڻ ۽ ڪنهن ڪوڙي کي سچو نہ سمجهڻ ۽ عادل امام جي نافرماني."

غرض تہ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي تعليم جو فائدو سيني لاءِ آهي. سندن مجلسن ۽ وعظن ۾ جتي مرد هوندا هئا، اتي عورتون بہ سندن تعليم مان فيضياب ٿينديون هيون.

پاڻ سڳورن جي پيغمبرانہ تعليم جو نتيجو اهو نڪتو تہ مختصر عرصي ۾ عرب جا جاهل ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو نہ فقط اسلام ۾ داخل ٿيا پر اخلاق ۽ علم جا اعليٰ نمونا بڻيا. نہ صرف عربن تعليم مان فائدو پئي ورتو، مگر سڄي عالم اسلام سندن تعليم مان فيض پرايو. اڄ بہ چوڏنهن سؤ سال گذرڻ بعد اسلام دنيا جو عظيم مذهب آهي ۽ پاڻ سڳورن جي تعليم نہ فقط ان وقت لاءِ هئي بلڪہ سندن تعليم هر دور جي لاءِ آهي. سندن تعليم تي عمل ڪرڻ ۾ اسان جي ڪاميابي آهي ۽ دين و دنيا جي ڪاميابي سمايل آهي. خدا اسان سڀني مسلمانن کي توفيق عطا فرمائي جو اسان سندن ڏسيل واٽ تي هلون پاڻ کي سچو مسلمان ثابت ڪري دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪريون ۽ سندس هدايتن ۽ ڏسيل واٽ تي هلي اسلام کي سڄي دنيا ۾ پکيڙيون. آمين



Marfat.com

شفيق احمد رند

# حضور صلي الله عليہ وسلم
# بحيثيت سربراهِ قوم

سرڪار عالم، سرور ڪونين، ختم الرّسل حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي سيرت پاڪ ۽ حياتي هر هڪ مسلمان جي لاءِ اسوه حسنہ آهي. هڪ مسلمان جي حيثيت سان انفرادي ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ لاءِ اسانکي هر قدم تي هر شعبہ ء زندگي ۾ پاڻ ڪريم جي رهنمائي جي ضرورت آهي. حضور صہ جن دنيا ۾ آخري پيغمبر جي حيثيت سان تمام علمي ۽ عملي ڪمالات جا مڪمل ۽ انسان ڪامل جا نمونا بڻائي موڪليا ويا هئا. پاڻ سڳورن امت کي قاعدن ۽ عبادتن جي ئي هدايت نہ فرمائي بلڪہ زندگي جي هر ميدان ۾ رهنمائي فرمائي. اسانکي اها ڳالهہ سمجھڻ گهرجي تہ پاڻ سڳورا جنهن طرح هڪ شفيق ۽ مهربان پيءُ، محبت ڪندڙ مڙس هئا آهن- اهڙيءَ طرح امت جا حاڪم ۽ سربراه بہ هئا. پاڻ سڳورن هڪ پاڪ معاشري کي قائم ڪرڻ ۽ هن دنيا کي هڪ مضبوط نظام بخشڻ جو مثال ڏنو. تاريخ ان جو مثال ڪڏهن بہ پيش نہ ٿي ڪري سگهي.

هڪ سربراهہ ملت جي حيثيت سان بہ پاڻ سڳورن جو اسوه حسنة اسان لاءِ روشني جو هڪ مينار آهي. پاڻ سڳورن واضع لفظن ۾ ٻڌايو تہ فيصلي جي معاملي ۾ وڏن ۽ ننڍن جو فرق نہ هجڻ کپي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ "توهان کان پهرين امتون ان لاءِ هلاڪ ٿيون جو انهن ۾ جڏهن ڪو عزت وارو چوري ڪندو هو تہ ان کي سزا نہ ڏيندا هئا- قسم آهي الله جو جيڪڏهن محمد جي ڌيءُ فاطمہ بہ چوري ڪري تہ ان جو هٿ ڪپي ڇڏيان."



Marfat.com

توهان ڏٺو ته حضور جن ڪنهن خوبي سان اهي لفظ چيا ته جرم ۽ غلطي هر حال ۾ قابل سزا آهي ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن فرق ۽ رعايت جي گنجائش ناهي. ان طرح حضور ﷺ جن معاشري کي انصاف ۽ عدل ۽ مساوات جا اها بنياد عطا ڪيا جيڪي هڪ مضبوط ۽ پرامن معاشري جا ضامن آهن.

تاريخ شاهد آهي ۽ حال به اهڙين مثالن کان خالي ناهي ته بادشاهه ۽ سياستدان پنهنجي حڪومت جو سڪو ڄمائڻ ۽ پنهنجو خوف دلين ۾ ويهارڻ لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪندا آهن جو انهن جي سامهون سٺا ڪارڪن ۽ نيڪ ماڻهو ڏڪڻ لڳندا آهن. پنهنجو رعب ڄمائڻ جي لاءِ بادشاهه ۽ حڪمران پنهنجي ارد گرد اهو ماحول پيدا ڪندا آهن جنهن سان ڏسڻ وارو حيران ٿي وڃي-پر اسانجي سرڪار دو عالم انهن سيني ظاهري شوق ۽ اسباب کان بي نياز هئا سڄي عرب جي حڪومت سندن قدمن ۾ هئي پر ڦاٽل ڳوڻ ﷺ جي لاءِ "اسباب راحت هئي.

هڪ ماڻهو پاڻ ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندن رعب کان ڏڄي وڃي ٿو ته پاڻ سڳورا ان ڪيفيت تي خوش ٿيڻ بجاءِ دلاسا ڏيندا هئا ۽ ان جي دل کان خوف دور ڪرڻ لاءِ ڪجهه فرمائين ٿا. اهو انساني عظمت جي لاءِ هڪ مساوات جو بهترين نمونو آهي.

پاڻ سڳورا فرمائين ٿا "ڊڄو نه. مان قريش جي هڪ غريب عورت جو پٽ آهيان جيڪا سڪل گوشت کائيندي هئي." انهن لفظن اهي حدون بيان ڪيون جو وڏي کان وڏو بادشاهه يا سربراهه بيان نه ڪري سگهيو. انساني عظمت ڪردار ۾ پوشيده آهي، اخلاق ۾ گم آهي، علم تي منحصر آهي، خدمت ۾ خفيه آهي، عهدو ۽ دولت عزت جو ميعار ناهن.

هڪ سربراهه جي لاءِ لازمي آهي ته هو پنهنجي ساٿين کان



Marfat.com

محبت سان ڪم وٺي، انهن کي ڪم تر نہ سمجهي ۽ انهن جي عظمت وڌائي. پاڻ سڳورا صہ پنهنجي معمولي کان معمولي غلامن سان گڏ ڪم ڪندا هئا. هڪ دفعي حضور صلعم پنهنجن ساٿين سان گڏ سفر تي هليا ويا ۽ سفر جي دوران ساٿين کي هڪري پچائڻ جو حڪم ڏنو، هڪ صحابي چيو: يا رسول الله! آءُ هن کي ذبح ڪندس ٻئي چيو مان هن جو گوشت تيار ڪندس، ٽئين ان کي پچائڻ لاءِ خدمت پيش ڪئي- سربراهہ امت صلعم جن فرمايو تہ جهنگ مان ڪاٺيون آءُ ڪٺي ايندس- اصحابن عرض ڪيو يا رسول الله! اسين جو حاضر آهيون، پاڻ سڳورن فرمايو ٺيڪ آهي پر مونکي اهو پسند ناهي تہ مان وڌائي سان گڏ وينو رهان. الله تعاليٰ ان ڳالهہ کي ناپسند فرمائي ٿو تہ ڪو شخص پنهنجن ساٿين ۾ وڏيرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري."

صلاح ڏيڻ هڪ سربراهہ لاءِ مفيد بلڪہ لازمي آهي - پاڻ سڳورن نہ صرف صلاح جو حڪم ڏنو آهي بلڪہ ان تي عمل بہ ڪندا هئا. خصوصاً اجتماعي معاملا صلاحن کان سواءِ حل نہ ڪندا هئا. خطيب بغدادي حضرت علي ڪرم الله وجہ کان اها روايت نقل ڪندا هئا تہ: مان عرض ڪيو يارسول الله! "توهان کان پوءِ ڪوئي معاملو اهڙو پيش اچي جنهن جي متعلق نہ قرآن ۾ ڪجهہ هجي ۽ نہ پاڻ سڳورن کان ڪا ڳالهہ ٻڌي وئي هجي تہ پوءِ اسين ڇا ڪريون." پاڻ سڳورن فرمايو:

"منهنجي امت مان عبادت گذار ۽ نيڪ ماڻهو گڏ ڪيو ۽ ان مسئلي کي صلاح لاءِ سامهون رکو ۽ ڪنهن هڪ سخص جي راءِ تي فيصلو نہ ڪريو".

پاڻ سڳورا ان ڳالهہ جو بہ لحاظ فرمائيندا هئا تہ جن ماڻهن کي مسلمانن جا معاملات ۽ انتظام جي ذميواري ڏني وڃي اهي پنهنجي



Marfat.com

اخلاق ۽ قابليت کان علاوه عوام الناس جي اعتماد جي به لائق هجن ۽ ماڻهو انهن کي پسند ڪندا هجن.

پاڻ سڳورن جو فرمان آهي توهانجو بهترين امام ۽ قائد اهو آهي جنهن کي اوهين چاهيو ۽ اهو توهان کي چاهي ٿو، توهان هن کي دعائون ڏيو ۽ اهو توهان کي دعائون ڏئي ٿو ۽ توهان ۾ بدترين رهنما اهو آهي جنهن کي توهين ناپسند ڪريو ۽ اهو توهان کي ناپسند ڪري ٿو ۽ توهان تي لعنت ڪندو هجي ۽ توهان ان تي لعنت ڪندا هجو.

مختصر ته اهو چئي سگهجي ٿو ته تدبر، مشورا، عدل، دل نوازي، دل سوزي، سادگي، خدمت، همدردي ۽ هر دل عزيزي جا اهي اصول ۽ پيمانا پاڻ سڳورن پنهنجي اسوهء حسنه ذريعي عطا ڪيا آهن جو سربراهان ملت ۽ حڪومت جي لاء آخر تائين سرچشمه هدايت رهندا.



Marfat.com

صلي الله عليہ وسلم

# حضور اڪرم
# جن جي ٻارن سان محبت ۽ شفقت

سرڪارِ ڪائنات صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي الله تبارڪ و تعاليٰ سيني انسانن لاءِ شفيق بڻايو هو-پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي شفقت هر طبقي ۽ هر ننڍي وڏي لاءِ هڪ جهڙي هئي. پر ٻارن تي پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن وڏيڪ شفقت جو اظهار فرمائيندا هئا ۽ طرح طرح سان سندن دل وندرائيندا هوا- ايئن لڳندو هو تہ ڄڻ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي دل مبارڪ ۾ ٻارن جي لاءِ شفقت ۽ محبت جو هڪ سمنڊ آهي جيڪو ڇوليون هڻي رهيو آهي-

هڪ صحابيءَ جو بيان آهي تہ "مان ننڍپڻ ۾ انصارين جي کجين جي باغ ۾ ويندو هوس ۽ پٿر هڻي کارڪون ڪيرائيندو هوس. هڪ ڀيري ماڻهون مون کي پڪڙي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آندو. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم مون کان پڇيو تہ پٿر ڇو هڻندو آهين؟ مون جواب ڏنو تہ کارڪون کائڻ لاءِ. پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ارشاد فرمايو تہ جيڪي کارڪون هيٺ زمين تي ڪري پون اهي کڻي کائي ڇڏيندو ڪر پٿر نہ هڻندو ڪر. اهو چئي منهنجي مٿي تي هٿ ڦيريائون ۽ مون کي دعا ڪيائون".

رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي محبت ۽ شفقت صرف مسلمانن جي ٻارن تائين محدود نہ هوندي هئي پر پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن مشرڪن جي ٻارن کي بہ پيار ڪندا



Marfat.com

هئا. هڪ دفعي ڪنهن جنگ ۾ مشرڪن جا ڪجهه ٻار جنگ جي وڪڙ ۾ اچي مارجيا ويا- پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي جڏهن خبر پئي ته پاڻ ڏاڍا غمگين ٿيا-هڪ صحابيءَ چيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم اُهي ته مشرڪين جا ٻار هئا-پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايائون ته "ٻار ٻار هوندا آهن" ۽ تاڪيد ڪندي اها ڳالهه ٻه ڀيرا چيائون ته" خبردار ٻارن کي قتل نه ڪريو- خبردار ٻارن کي قتل نه ڪريو".

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو معمول هوندو هو ته جڏهن به ڪوئي ڪنهن فصل جو نئون ميوو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪندو هو سڀ کان گهٽ عمر جيڪو ٻار هوندو هو پهريون ميوو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن ان کي ڏيندا هئا. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ان ٻار کي چمندا ۽ پيار ڪندا هئا. هڪ دفعي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ساڳي طرح سان ٻارن کي پيار ڪري رهيا هئا ته هڪ ڳوٺاڻو آيو-ان چيو ته توهان ٻارن کي پيار ڪندا آهيو؟ منهنجا ڏهه ٻار آهن ۽ مان اڄ تائين ڪنهن کي به پيار نه ڪيو آهي." پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته "الله تعاليٰ اگر تنهنجي دل کي پٿر بڻايو آهي ته مان ڇا ٿو ڪري سگهان."

جابر بن سمره رضہ الله تعاليٰ عنه پنهنجي ننڍپڻ جو واقعو بيان ڪندي چوي ٿو ته هڪ دفعي مان حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پويان نماز پڙهي. نماز کان فارغ ٿي پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي گهر طرف روانا ٿيا ته مان به ساڻن گڏجي پيس-اتان ڪجهه ٻيا ڇوڪرا نڪري آيا-پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم انهن سڀني کي پيار ڪيو ۽ مون کي به پيار ڪيائون-

هجرت وقت جڏهن مدينه منوره ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه



Marfat.com

وآلہ وسلم داخل ٿي رهيا هئا تہ انصارين جون ننڍيون ننڍيون ڇوڪريون گهر مان ٻاهر نڪري خوشيءَ وچان گيت ڳائي رهيون هيون-جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو اتان گذر ٿيو تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو" اي ڇوڪريون! ا توهان مون صہ سان پيار ڪنديون آهيو؟ سڀني گڏجي وراڻيو تہ ها. يارسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم. ان تي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ مان بہ توهان سان پيار ڪندو آهيان."

حضرت زيد رضہ الله تعاليٰ عنہ جي فرزند اسامہ رضہ سان پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ايتري تہ محبت هوندي هئي جو پاڻ صہ جن فرمايو تہ "اگر اسامہ رضہ ڌيءَ هجي ها تہ مان ان کي زيور پارايان ها." پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ان تي ايتري تہ شفقت فرمائيندا هئا جو پنهنجي هٿ مبارڪ سان اسامہ جو نڪ بہ صاف ڪندا هئا-



Marfat.com

صلي الله عليہ وآلہ وسلم

# حضور اکرم جو تحمل ۽ برداشت

رسول اکرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي محبوبيت جو هڪ اهم راز اهو بہ هو تہ سندن مزاج مبارڪ ۾ برداشت ۽ تحمل جهڙيون بي مثال خصوصيتون موجود هيون. ماڻهن جي سائن سخت ڪلامي، انهن جو خراب سلوڪ ۽ سخت ترين اذيتون ڏيڻ جي باوجود بہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن انهن سان ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندا هئا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآل وسلم جن جي اها ئي قوت برداشت ۽ سنجيدگي سندن صداقت جي وڏي علامت آهي.

زيد بن شحنہ يهودين جي وڏو عالم هو ۽ بعد ۾ اسلام بہ قبول ڪيائين. هو چوندو هو تہ: "نبوت جون اهي سڀ نشانيون جيڪي مان ان ڪان اڳ آسماني صحيفن ۾ پڙهيون هيون سي حضور اڪرم صي الله.عليہ وآلہ وسلم جن جي ذات مبارڪ ۾ ڏسي ورتيون هيون. صرف بہ نشانيون باقي رهيل هيون جن جي ڳولا جي ڪوشش ۾ برابر مان رهندو هيس. هڪ نشاني اها هئي تہ نبي آخر الزمان صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ڪمال اهو هوندو جو انهن جو تحمل انهن جي ڪاوڙ تي غالب هوندو هو. ٻي نشاني اها هئي تہ ڪير بہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سان جاهيلت ۽ گستاخي وارو رويو اختيار ڪري پر پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي قوت برداشت ڪڏهن بہ گهٽ نہ ٿيندي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڪڏهن بہ ناشائستگي ۽ خراب سلوڪ تي آماده



Marfat.com

نہ ٿيندا. مان اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ بار بار پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي قريب ويندو هيس تہ جيئن مون کي انهن علامتن جي مشاهدي ڪرڻ جو وجهہ ملي. اتفاق سان ائين ٿيو جو هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا صلعم پنهنجي حجري مبارڪ مان ٻاهر تشريف کڻي آيا. حضرت علي ڪرم الله وجهہ بہ پاڻ سڳورن صلعم سان گڏ هئا. هڪ بدوي آيو ۽ ان عرض ڪيو تہ "يا رسول الله صلعم! منهنجي قوم مسلمان ٿي وئي آهي ۽ مان انهن کي چيو هو تہ جيڪڏهن توهان مسلمان ٿي ويندؤ تہ الله تعاليٰ توهان کي ڪثرت سان رزق عطا فرمائيندو پر هاڻي اتي ڏڪار جي صورت پيدا ٿي چڪي آهي. مون کي خطرو آهي تہ هاڻي اهي اسلام تان ڦري نہ وڃن." پوءِ ان بدويءَ حضور اڪرم صلعم جن کي مدد جي درخواست ڪئي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآله سلم جن حضرت علي ڪرم الله وجهہ طرف ڏٺو جنهن چيو " يا رسول الله هن وقت مون وٽ ڪجهہ بہ موجود ڪونهي" زيد بن شحنہ ان وقت تائين مسلمان نہ ٿيو هو، هن جڏهن اهو منظر ڏٺو تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم کي عرض ڪيو تہ جيڪڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عيلہ وآله وسلم جن ائين ڪري سگهن جو فلاڻي شخص جي باغ مان اينديون کارڪون مقرر ڪيل وقت تي مون کي ڏيڻ تہ مان ان جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ کارڪن جي قيمت جيڪا ساڍا چار تولا سون جي برابر هئي ڏئي ڇڏي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآله وسلم اهو سون بدويءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. زيد بن شحنہ چوي ٿو تہ کارڪون وٺڻ جي مقرره وقت ۾ باقي ٻہ ٽي ڏينهن رهيل هئا تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي اصحاب سڳورن سان. جن ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنہ هئا. ڪنهن جنازي کان فارغ ٿي هڪ ڀت جي ڇانو ۾ آرام فرمائي رهيا هئا تہ مان اتي پهتس ۽ پاڻ ڪريم



Marfat.com

صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي چادر پڪڙي نهايت سختي سان چيو تہ "توهان صہ منهنجو قرض چو نہ ٿا ادا ڪريو؟ الله جو قسم مان توهان عبدالمطلب جي اولاد کي چڱي طرح سان سڃاڻيان ٿو توهان سڀ قرض وٺي واپس نہ ڪندا آهيو." حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ مون کي ڪاوڙ مان ڏسي چيو "اي الله جا دشمن اهو ڇا بڪي رهيو آهين والله جيڪڏهن مونکي رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو خيال نہ هجي ها تہ مان تنهنجو سر قلم ڪري ڇڏيان ها." پر رسول الله بلڪل پرسڪون رهيا ۽ مونکي ڏسندا رهيا. پوءِ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ کي حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم نرم ۽ مٺي لهجي ۾ مسڪرائيندي چيو تہ "عمر! هن وقت مان ۽ هي شخص هڪ شيءِ جا گهڻا محتاج هئاسين جو تون مونکي هن جو قرض ادا ڪرڻ لاءِ زور ڀرين هان ۽ هن کي مطالبي ڪرڻ جو بهتر طريقو ٻڌائين ها. هن کي وٺي وڃ ۽ سندس قرض ادا ڪر ۽ ڏڙڪا ڏيڻ جي عبوض هن کي ٻہ مڻ وڌيڪ ڪارڪون ڏئي ڇڏجان."

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ مون کي وٺي ويو ۽ منهنجو قرض ادا ڪيائين ۽ ٻہ مڻ وڌيڪ ڪارڪون ڏنائين. پوءِ زيد حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ کان پڇيو تہ ڇا توهان مون کي سڃاڻيو ٿا؟ حضرت عمر رضي الله عنہ وراڻيو "نہ". زيد جواب ڏنو تہ "مان ابن شحنہ آهيان." ان تي حضرت عمر رضي الله عنہ چيو تہ "يهودين جو وڏو عالم؟" پوءِ مون چيو ها اهوئي" حضرت عمر رضي الله عنہ چيو تہ تون ايترو وڏو عالم هئڻ جي باوجود رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان اهڙو سلوڪ ڪيو؟ زيد شحنہ چيو تہ "مونکي علامتِ رسول ڏسڻ جي خواهش هئي." يعني ٻاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو تحمل ۽ ٻاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي بردباري- اهي ٻئي علامتون باقي رهجي ويون هيون سو اهي مان ڏسي ڇڏيون. هاڻي مان اسلام قبول ڪرڻ تي توهان کي گواهہ بڻايان ٿو ۽ اهو اعلان ڪريان ٿو تہ



Marfat.com

سيد سلمان ندوي رح

قطب علي رند

صلي الله عليہ وسلم

# حضرت محمد
# هڪ مثالي شخصيت

انسان کي ماضي جا تجربا سندس حال ۽ مستقبل کي روشن ڪن ٿا. انسان ۾ انسانيت واريون خوبيون ۽ خصوصيتون هن جهان کي جنت بڻائن ٿيون. انهن خوبين جي ڪري انسان کي اعليٰ ۽ معتبر ليکيو ويجي ٿو. پر ڪي انسان انسانيت جي نهايت اعليٰ ڳڻن ۽ رتبن جي لحاظ کان سڀني کان بهتر هوندا آهن انهن کي اسين پيغمبر چئون ٿا. انهن اعليٰ صفت انسانن کي ڄاڻ، سڻن اخلاقن ۽ اخلاقي قدرن جي خبر هوندي آهي نہ فقط اهو پر اهي مٿين سڀن خوبين جي اعليٰ منزل تي پهتل هوندا آهن.

پيغمبرن وٽ صبر ۽ تحمل جو ذخيرو، قرباني لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ جي صلاحيت، هر ڪنهن کي نيڪي ۽ ڀلائي ڏانهن راغب ڪرڻ جون صلاحيتون موجود هونديون آهن. دنيا ۾ انسان کي هڪ اهڙي رهنما ۽ پيغمبر جي ضرورت رهندي آهي جيڪو هن کي، چڱائي ۽ اعليٰ اخلاقن جا اهڙا قابل فهم مثال ڏيکاري جيڪي انسان جي لاءِ رهنمائي جو سبب ٿين ۽ ان کي پنهنجي منزل ماڻڻ ۾ سولائي ڪن. انهن سڀني خوبين جو سردار، نبين جو نبي ۽ سڀني خوبين جو بهترين مثال حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم آهي جنهن تي هميشہ الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ برڪتون آهن. خود خدا تعاليٰ قران شريف ۾ سندس لاءِ شاهدي ڏني آهي:



Marfat.com

”(اي محمد) اسان توکي شاهد، خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي موڪليو آهي ۽ الله جي اجازت سان الله جي راهہ ڏانهن سڏيندڙ ۽ هڪ روشن سج ڪري موڪليو آهي“ (احزاب)

مطلب تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم هڪ بشارت ڏيندڙ، برن کي الله جي واٽ ڏانهن سڏيندڙ، ڀٽڪيلن کي خبردار ڪرڻ وارا ۽ هڪ اهڙي روشني جي لاٽ ڏيندڙ هئا جيڪا اونداهين کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏي ٿي.

حضرت يعقوب عليہ السلام، اسماعيل عليہ السلام ۽ اسحاق عليہ السلام خدا جي ڪبريائيءَ جي شاهدي ڏيندڙ هئا. حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي نيڪين جي بشارت ڏيندڙ سڏيو وڃي ٿو. حضرت نوح عليہ السلام ۽ موسيٰ عليہ السلام براين کان روڪيندڙ ۽ برن کي خدا جي عذاب جي خبر ڏيندڙ ۽ برائين کان روڪيندڙ هئا. حضرت يوسف عليہ السلام خدا جي نعمتن ۽ رحمتن جي خبر ٻڌائيندڙ هئا پر آخري نبي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم انهن سڀني خوبين ۽ خصلتن جي اعليٰ منزل تي پهتل نظر اچن ٿا. ڪين الله تعاليٰ آخري نبي ڪري موڪليو. اسين سڀني پيغمبرن کي عزت ۽ احترام سان ڏسون ٿا ۽ انهن جي تعريف ۽ ساراهہ ڪند آهيون. اسان کي اها ڳالهہ بنا ڪنهن امتياز جي مڃڻ گهرجي تہ پيغمبر الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل سچا پيغام پهچائيندڙ هوندا آهن. پر الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ ”انهن مان ڪن کي اسان ڪن تي فضيلت ڏني آهي“ ۽ اسان انهيءَ مان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ الله تعاليٰ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم کي سڀني نبين کان معتبر ۽ اعليٰ ڪري موڪليو آهي ڇو تہ انهن مان هر هڪ پيغمبر پنهنجي قوم لاءِ پيغام پهچائيندڙ هو پر حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم کي رحمة للعالمين يعني ساري ڪائنات لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي ۽ اها رحمت هن دنيا جي ختم ٿيڻ جي باوجود



Marfat.com

به جاري رهندي يا ايئن ڪٿي چئجي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهي جهانن جا سردار آهن.

حضرت موسيٰ عليه السلام پيغمبرن ۾ تمام مشهور پيغمبر آهن. اڄو ته توريت جيڪو هاڻي موجود آهي ان جي سچي هجڻ ڪي پاسي رکي اندازو لڳايون ته انهيءَ جا پنج جلد هڪ سچي ۽ پروسي واري نبيءَ جي باري ۾ ڇا ٿا ٻڌائن. هن پيغمبر جي زندگي جي باري ۾ توريت ٻڌايو آهي ته حضرت موسيٰ عليه السلام کي مصر جي ملڪ فرعون جي دربار ۾ پاليو. جوان ٿيڻ تي هن بني اسرائيل جي ڌتڙيل قوم جي ڪجهه خاص موقعن تي مدد ڪئي ۽ ان جي ڪري هن کي ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ هي مدين ويو جتي شادي ڪيائين ۽ گهڻي عرصي کان پوءِ مصر ڏانهن موٽيو مصر موٽڻ دوران هن کي قدرت جي طرفان نبوت جي بشارت ملي فرعون جي دربار ۾ ويو ۽ اتي ڪجهه معجزا ڏيکاريائين ۽ قيد ٿيل يهودين جي آزادي لاءِ چيائين بعد ۾ فرعون هن کي ۽ هن جي پوئلڳن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو رات جي اونداهي جو فائدو وٺي مصر مان پنهجن ماڻهن کي ساڻ ڪري نڪتو فرعون ڪجهه طاقتو ماڻهن ساڻ ڪري هن جي پويان ڪاهه ڪئي. سمنڊ حضرت موسيٰ ۽ ان جي قوم کي جاءِ ڏني ۽ اهي انهيءَ کي پار ڪري ويا جڏهن ته فرعون ۽ ان جا پوئلڳ ان ۾ ٻڏي ويا. تنهن کانپوءِ حضرت موسيٰ پنهنجي قوم کي عربستان وٺي ويو ۽ پوءِ شام ۽ اتي ايمان نه آڻيندڙ ماڻهن سان لڙائي ڪيائين ۽ اتي ئي شهيد ٿي ويو.

توريت جا ابتدائي پنج جلد جنهن مان آخري جلد کي استثنا سڏجي ٿو، حضرت موسيٰ عليه السلام پاڻ لکيو ۽ انهيءَ جلد ۾ هن پيغمبر سڳوري جي زندگي جو تمام احوال لکيل آهي.

حضرت عيسيٰ عليه السلام جن به الله تعاليٰ جا پيارا پيغمبر



Marfat.com

هئا. جنهن جا پوئلڳ سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن. انجيل جي ٽئين عهدنامي مطابق تہ حضرت عيسيٰ ٣٣ سالن جي ڄمار ۾ هن دنيا مان رحلت ڪئي پر هي عهد نامو هن پيغمبر جي پڇاڙي وارن ٽن سالن بابت ٻڌائي ٿو. ڪجهہ ٻين ليکڪن پڻ ڇاٽايو آهي تہ ڄمڻ کان ڪجهہ وقت پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام مصر آندو ويو، جتي هن ڪجهہ معجزا ڏيکاريا. تنهن کانپوءِ غائب ٿي ويو ان کانپوءِ ٽيهن سالن جي عمر ۾ گليلي جي علائقي ۾ نظر آيا. گليلي ۾ هو ملاحن کي انجيل جي تعليم ڏيندا هئا. هن جا ٿوري وقت ۾ گهڻا پوئلڳ ٿيا.

جيڪڏهن اسان انسانن جي حقن ۽ ذميوارين جي ڳالهہ ڪريون تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي زندگي جا سمورا پهلو اسان جي سامهون آهن انهن پهلوئن کي نظر ۾ رکي اسان پنهنجي زندگي گذاريون تہ اسان هڪ مثالي زندگي گذاري سگهون ٿا. هن عظيم پيغمبر جي زندگي اسان کي ٻڌائي ٿي تہ اسان فتح، شڪست، ڪاوڙ، اڪيلائي يا ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪيئن پاڻ کي هڪ سٺي ۽ مثالي شخصيت جي حيثيت ۾ ظاهر ڪريون. اسان کي هڪ عملي زندگي جي ضرورت آهي نہ ڪي خيالي زندگي جي اها زندگي جنهن کي اسين مٿاهين زندگي ڄٽي سگهون. صرف حضرت محمد صلي الله وسلم جي زندگي آهي جنهن جي تاريخ بہ شاهد آهي. هتي هن چوڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ اڳئين پيغمبرن جي زندگي سٺي ۽ بهترين نہ آهي پر حضرت محمد صلي الله عليہ جن جي زندگي ڏينهن قيامت تائين سڄي دنيا جي قومن لاءِ هڪ عظيم مثالي زندگي آهي. سندن زندگي جو احوال سندن شخصيت وانگر مڪمل ۽ جامع آهي. هن ڳالهہ جو اندازو هن آيت مان لڳائي سگهجي ٿو.

"محمد توهان مردن مان ڪنهن جو بہ پيءُ نہ آهي پر هيءُ الله جو پيغمبر آهي ۽ سڀني نبين مان آخري نبي آهي. ۽ الله هر شي کان واقف ۽ داناءُ آهي"



Marfat.com

ان مان ثابت ٿيو تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن جي زندگي پوري دنيا لاءِ مشعل راھ، نيڪي ۽ ڀلائي جو ڀنڊار، مڪمل ۽ جامع ۽ نهايت عظيم آهي. جيڪڏهن اسان حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن جي زندگي کي سامهون رکي پنهنجي زندگي گذاريون تہ هن عظيم پيغمبر جي زندگي اسان لاءِ روحاني فيض ۽ ڇوٽڪاري جو باعث ٿيندي.



Marfat.com

# ختم نبوت جو عقيدو
# قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾

انسان، خواهشات، خيالات، احساسات ۽ جذبات جو مجموعو آهي ۽ هو پنهنجي خواهش مطابق پنهنجي ماحول کي تسخير ڪري سگهي ٿو تہ فقط علم جي وسيلي ۽ عقل جي بدولت ۽ اهي ٻئي شيون مسلسل غور و فڪر، امتحان، مشاهدي، مطالعي، تجربي ۽ تحقيق جي مدد سان حاصل ٿين ٿيون-تنهن ڪري سندس ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ هو انڌي تقليد جي سيني طريقن کي ترڪ ڪري تہ جيئن هو فطرت جي تسخير ۽ زندگيءَ کي حقيقت جي نگاهہ سان ڏسي سگهي.

قديم وقت کان وٺي هندستان ۽ يونان جي سرزمين تي غور و فڪر ۽ مشاهدي جي بنيادن تي شاندار نظام حيات ۽ تهذيبون وجود ۾ آيون-پر انهن جي مذهبي عقيدن ۽ نظرين ۾ عالمگير سوچ نہ هئي ۽ نہ ئي انهن کي اپنائڻ جي ٻين لاءِ ڪا لچڪ رکيل هئي. ان جو مکيہ سبب اهو هو جو انساني زندگي اڃان اوسر جي مرحلن مان گذري رهي هئي-انساني ذهن تي عقل ۽ ادراڪ، سمجهہ ۽ پروڙ ۽ غور و فڪر جي جاءِ تي انڌي تقليد جو غلبو هو ۽ انسانن پنهنجن ابن ڏاڏن جي ريتن ۽ رسمن جي پيروي ڪرڻ ۾ پنهنجي نجات ٿي سمجهي-مفقود علمي وسيلن جي ڪري سندن ذهني سطح اڃان ايترو بلند نہ ٿي سگهي هئي جو هو ڪائنات ۽ قدرت جي گوناگون مظهرن جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائڻ جي بجاءِ انهن جي تحقيق ۽ تسخير ڪري سگهن-اهوئي سبب هو جو اڳيان پيغمبر ڪنهن خاص قوم ۽ محدود



Marfat.com

خطئہ زمين لاءِ موڪليا ويا-اصل ۾ جيڪي بہ انبياء موڪليا ويا آهي سڀ اسلام جي محڪم، مضبوط ۽ مستقل اصول حيات جي راهہ جي همواريءَ لاءِ موڪليا ويا ڇو جو بعد ۾ سندن امت اصل دين وڃائي ويٺي-

جيڪڏهن مذهبن جي تاريخ تي نگاهہ وجهنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ دين اسلام جي حيثيت، قديم ۽ جديد دنيا جي وچ ۾ هڪ واسطي مثل نظر ايندي-حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي برڪت ڀرئي وجود سان زندگيءَ کي علم ۽ حڪمت جا اهي سرچشما عطا ٿيا جيڪي هن جي آئنده رخ مطابق هئا يعني موجوده ۽ لامحدود زندگيءَ جي رهنمائي-دنيا ۽ آخرت جي رهنمائي ۽ ڪاميابي- ان ڪري اسلام جو ظهور، انساني شعور جي تڪميل ۽ فڪري وسعت جي انتها هئي-اسلامِ جو اولين مقصد انسان کي جهالت ۽ انڌي تقليد جي انڌيري مان ڪڍي علم جي روشني ۽ ذهني و فڪري افزائش ۽ جسماني و روحاني بلندين تي پهچائڻ آهي-انهيءَ ڪري قرآن حڪيم ۾ جا بجاءِ غور و فڪر، تدبر و تحمل، تفڪر و تعقل ۽ تجربي ۽ مشاهدي جي تلقين ۽ هدايت ڪئي وئي آهي-قرآن ڪريم جي ابتدا ئي حصول علم جي تلقين سان ٿي- اسلام ڄاتو پئي تہ انسان سدائين سهارن تي زندگي نہ ٿو گهاري سگهي، هڪ نہ هڪ ڏينهن سندس شعور تڪميل تي ضرور پهچندو-ان ڪري قرآن و حديث ۾ حصول علم جي هدايت ۽ حصول علم جا ذريعا مهيا ڪرڻ جي انسان کي ترغيب ڏني وئي-ڪيس خير ۽ شر جا بنيادي اهڃاڻ پڌرا ڪري ڏنا ويا ۽ حسن و قبح ۽ نفع و نقصان جا مڙئي معيار ٻڌايا ۽ ڪيس اهو ٻڌايو ويو تہ "توهان سڀني مان سٺو انسان اهو آهي جيڪو انسانذات کي نفعو پهچائي." سندس علم ۽ تجربي جو ميدان هن سموريءَ ڪائنات کي قرار ڏنو ويو ۽ نيڪي ۽ بدي جي حصول لاءِ زمين کي انسان لاءِ تجربہ گاهہ ۽ امتحان جي جاءِ قرار ڏنو ويو-



Marfat.com

مذڪوره بالا سڀئي پهلو عقيده ختم نبوت جا مختلف پهلو آهن-اسلام ۾ نبوت پنهنجي ڪمال تي پهچي چڪي تنهن ڪري نبوت جو اختتام حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جي ذات اقدس تي ڪيو ويو-اسلام جي اساس ان ئي عقيدي تي آهي ڇو جو ان عقيدي جو انڪار اسلام جي ترديد آهي-قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ اسلام جي ابتدا کان مڙني مسلمانن جو عقيده ختم نبوت تي ايمان رهيو آهي ۽ هر دور ۾ جڏهن بہ ڪنهن مٺي ڦريل ۽ جاهل شخص ان عقيدي جو انڪار يا نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي آهي تہ انهن جي ترديد ۾ هر دور جي مسلمانن انهن جي دعويٰ کي باطل ڪيو آهي-

## عقيده ختم نبوت قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾:

قرآن ڪريم جون ڪيتريون ئي آيتون ختم نبوت جي عقيدي جي حق ۾ پيش ڪري سگهجن ٿيون پر مضمون جي اختصار کي نظر ۾ رکندي صرف چند آيتن جو ترجمو ڏجي ٿو-

(۱) سورة بقرة-آيت نمبر ۱ تا ۵:

"الم- هي ڪتاب آهي، هن ۾ ڪو شڪ ناهي-رهنمائي آهي پرهيزگارن لاءِ، جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻين ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ اسان کين جيڪو رزق ڏنو آهي تنهن مان خرچ ڪن ٿا ۽ ان تي ايمان آڻين ٿا (اي رسول صہ) جيڪو توتي نازل ڪيو ويو آهي (قران) ۽ جيڪي توکان اڳ نازل ڪيو ويو آهي (توريت، زبور، انجيل ۽ ٻيا صحيفا) ۽ اهي آخرت تي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي ان هدايت تي آهن جيڪا سندن پروردگار جي طرفان آهي ۽ اهي ئي ڪامياب آهن."

سورة بقرة جي مٿين آيتن ۾ اڳين ڪتابن ۽ قرآن تي ايمان آڻڻ کانپوءِ آخرت تي ايمان آڻڻ جو ذڪر آهي ۽ قرآن ۽ آخرت جي وچ ۾ ڪنهن بہ نبي يا رسول جي آمد جو ذڪر ڪونهي-



Marfat.com

(٢) سورة احزاب آيت نمبر ٤٠:

"محمد توهان مردن مان ڪنهن جو بہ پيءُ ڪونهي-پر هو الله جو رسول ۽ نبين جو خاتم آهي ۽ الله هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي." خاتم النبين جو لفظي ترجمو آهي تہ پاڻ سڳورا نبين جي مُهر (Seal) آهن- خاتم جو لفظ استمپ (Stamp) لاءِ نہ ايندو آهي بلڪ سيل (Seal) جي معني ۾ ايندو آهي يعني آخري عمل-لفافي کي سيل ڪرڻ جو مطلب اُن کي آخري طور تي بند ڪرڻ آهي جو ان ڪانپوءِ نہ ڪا شيءِ اُن مان اندران ٻاهران نڪري سگهي ۽ نہ ڪا شيءِ ٻاهران اُن ۾ اندر داخل ڪري سگهجي-مرزا غلام احمد قادياني ۽ سندس پيروڪار. لفظ خاتَم جي معني استمپ (Stamp) ڪري وٺندا آهن جنهن سان نسبت جو دروازو کلي پوي ٿو ۽ عقيده ختم نبوت جي ترديد ۽ اسلام جو انڪار ٿو ٿئي-ان ڪري قاديانين جو اهو مفهوم لغوي طور تي غلط ۽ شر انگيز آهي ۽ انهن جي ان مفهوم وٺڻ جي ڪري کين واضح طور تي مرتد ۽ ڪافر قرار ڏنو ويو آهي-

حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن اسان لاءِ شريعت جي سڌي راهہ کي ايترو تہ هموار ڪري ويا آهن جو عالم اسلام کي هاڻ ڪنهن بہ نئين شريعت يا نظام حيات جي ضرورت نہ ڪونهي-قرآن ڪريم شريعت جي ابدي تڪميل جو اعلان هنن لفظن سان ڪري ٿو تہ:

(٣) سورة مائدة آيت نمبر ٢ تا ٣:

"اڄ مون توهان لاءِ توهانجو دين مڪمل ڪيو ۽ پنهنجي نعمت کي توهان تي پورو ڪيم ۽ توهان لاءِ اسلام کي دين ڪري پسند ڪيم."

سورة مائدة جون اهي آيتون آخري آيتون آهن جيڪي حضور



Marfat.com

صلي الله عليہ وآله وسلم جن تي سندن آخري حج جي موقعي تي ميدان عرفات ۾ جمعي جي ڏينهن نازل ٿيون ۽ تنهن کان ايڪاسي ڏينهن بعد پاڻ سڳورن صہ وفات ڪئي ۽ سندن وفات بعد نبوت جو پيغام سڀني جهان وارن تائين پهچائڻ امت تي آهي-

(۴) سورة القلم آيت نمبر ۵۲:

"۽ اهو (قرآن) سڀني جهانن (عالم) وارن لاءِ هڪ نصيحت آهي"

(۵) سورة الانبياء آيت نمبر ۱۰۷:

"۽ اسان توکي (اي رسول صہ) مڙني جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي"

(۴) سورة توبه آيت نمبر ۳۳:

"اُهوئي (الله) آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچو دين ڏئي موڪليو آهي تہ جيئن ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري ڇڏي ڀلي تہ مشرڪن کي ڪيڏو بہ برو ڇو نہ لڳي"-

اڄ سموري دنيا ۾ اسلام ئي واحد دين آهي جنهن جي متن ۾ ڪابہ تحريف ۽ تبديل نہ ٿي آهي جڏهن تہ ٻيا سمورا دين، انساني تحريف جو شڪار ٿي پنهنجي اصل تصوير وڃائي ويٺا آهن- اسلام واحد دين آهي جيڪو تاريخي طور تي معتبر دين آهي جڏهن تہ ٻيا سمورا دين پنهنجي حق ۾ تاريخي اعتباريت گم ڪري ويٺا آهن-اسلام واحد دين آهي جنهن جي سموري تعليم هڪ زنده زبان عربيءَ ۾ موجود آهي جڏهن تہ ٻين سڀني دينن جا ڪتاب اصل زبانن ۾ اڻلڀ آهن ۽ سندن ابتدائي ڪتاب اهڙين ٻولين ۾ آهن جيڪي هاڻ مرده آهن-



Marfat.com

(٧) سورة سبا آيت نمبر ٢٨:

"۽ اسان توکي (اي رسول صہ) سيني انسانن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي موڪليو آهي".

هر نبيءَ براه راست طور تي صرف پنهنجي قوم تي دعوت جو ڪم ڪيو ۽ اهوئي عملا ممڪن هو. اهڙيءَ طرح حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن بہ براه راست (Directly) پنهنجي ئي قوم لاءِ منذر ۽ مبشر بنيا جيئن جو سورة الانعام جي آيت نمبر ٩٣ ۾ ذڪر آهي "لِتُنذِرَ اُمَّ القُرٰي وَمَن حَولهَا" "تہ جيئن توهان ڊيڄاريو مڪي وارن ۽ ان جي آسپاس رهندڙن کي"- پر جيئن تہ حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن تي نبوت ختم ٿي ان ڪري هاڻ سيني قومن لاءِ حڪماَ پاڻ سڳورائي منذر ۽ مبشر آهن-حضور صہ جن پنهنجي حياتي ۽ پنهنجي زماني ۾ جهڙي طرح پنهنجي ڀرين مخاطبن تي انذار ۽ تبشير جو ڪم ڪيو اهڙيءَ طرح سندن وفات کانپوءِ ٻين مخاطبين تي پاڻ سڳورن جي امت کي نيابتَہ انذار ۽ تبشير جو ڪم ڪرڻو آهي-اهو سمورو ڪم حضور صہ جن جي نبوت جي تسلسل ۾ شمار ٿيندو-پاڻ سڳورن جي زندگيءَ ۾ ڪيل سندن دعوتي ڪم حضور صہ جن جي نبوت جي دائري ۾ براه راست يعني Directly داخل آهي ۽ پاڻ سڳورن جي وفات کانپوءِ امت طرفان ڪيل دعوتي ڪم بالواسطہ يا in-directly حضور صہ جن جي نبوت جي دائري ۾ داخل آهي-انهيءَ ڪري حضور صہ جن جي امت کي امتہ وسطي سڏيو ويو اهي-

٨ - سورة الاعراف آيت نمبر ١٥٨:

"چئو (اي رسول صہ) تہ اي انسانو! بي شڪ آءُ توهان سيني ڏانهن ان الله جو رسول آهيان جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾ حڪومت آهي."

حضور صلي الله عليہ وآله وسلم جن جون ٻہ بعثتون هيون



Marfat.com

رهندو-تنهن ڪري عقلي طور تي به ختم نبوت جو عقيدو درست ۽ صحيح آهي ۽ جيڪي عقيده ختم نبوت جا منڪر آهن يا پنهنجي پسنديده تاويل ڪن ٿا انهن وٽ ڪو به نقلي ۽ عقلي دليل ڪونهي-

## عقيده ختم نبوت احاديث جي روشنيءَ ۾:

اسلامي شريعت جو ٻيو بنيادي ماخذ احاديث آهن-تنهن ڪري ختم نبوت جي عقيدي جي حق ۾ هيٺ چند احاديث ڏجن ٿيون:

حديث نمبر ١ (-ابوداؤد ۽ ترمذي)

"قيامت تيستائين قائم نه ٿيندي جيستائين ڪئين ڪوڙا ۽ دجال نه پيدا ٿين جيڪي نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪندا حالانڪه آءٌ آخري نبي آهيان ۽ مون ڪان پوءِ به ڪو نبي ڪونهي." وڌيڪ معلومات لاءِ پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻيءَ جو ڪتاب "ٽيهه ڪوڙا" پڙهڻ گهرجي- هن حديث ۾ پاڻ سڳورن اڳواٽ خبردار ڪري ڇڏيو ته ڪئين نبوت جا ڪوڙا دعويدار پيدا ٿيندا-

حديت نمبر ٢ (ابن ماجه)

"آءٌ آخري نبي آهيان ۽ توهين آخري امت."

حديث نمبر ٣ (بخاري ۽ مسلم)

"منهنجو ۽ ٻين نبين جو مثال هڪ عمارت وانگر آهي جنهن کي هڪ ماڻهو ٺاهي ٿو پر جڏهن ماڻهو ان عمارت کي چوڌاري ڏسن ٿا ته تعجب سان چون ٿا ته ڪنڊ ڪان هڪ سر رهيل آهي جنهن ڪري عمارت جي سونهن ۾ ڪسر رهجي وئي آهي-آءٌ اُها آخري سِرَ آهيان ۽ آءٌ آخري نبي آهيان."

اسان مٿي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ختم نبوت جي عقيدي کي تفصيل سان بيان ڪري ثابت ڪري چڪا آهيون ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن آخري نبي آهن ۽ ان جي خلاف عقيدو رکڻ علم دشمني ۽ ٻنهي جهانن جي رسوائي ۽ ذلت آهي-



Marfat.com